# قائد اعظم

## جون تقريرون



سنڌي ادبي بورڊ

# قائد اعظم جون تقريرون

مؤلف

مولانا غلام محمد گرامي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

2005ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 1976ع تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو سيپٽمبر 2005ع تعداد هڪ هزار

هيءُ ڪتاب
بانيءَ پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح
جي
هڪ سؤ ساله جشن ولادت جي موقعي تي شايع ڪيو ويو

قيمت: هڪ سؤ رپيا
[ Price Rs. 100-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(فون ۽ فيڪس نمبر: 2633679 - 022)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

قائد اعظم محمد علي جناح رحہ جي همہ-گير شخصيت ۽ ڪردار کان ملڪ جو ٻچو ٻچو واقف آهي. جڏهن بہ پياري پاڪستان جي قيام جو ذڪر نڪري ٿو، تہ هڪدم ذهن تي باني ءِ پاڪستان حضرت قائد اعظم محمد علي جناح رحہ جو نالو بہ تري اچي ٿو، ڇو تہ رياستون ۽ قومون تاريخ ۾ پنهنجي قومي رهبرن جي نالن پٺيان سڃاپجنديون آهن. تاريخ ۾ قومي رهبرن جو رياست ۽ قوم سان گهرو سُٻنڌ قائم هوندو آهي. اُن لازوال رشتي جي بنياد تي هڪ قومي رهبر جو ڪردار عام ماڻهوءَ جي ڪردار کان وڌيڪ واضح، چٽو ۽ سگهارو ٿئي ٿو، ڇو تہ هڪ رهبر جون سموريون سياسي، سماجي ۽ جذباتي وابستگيون پنهنجي قوم ۽ ملڪ سان لاڳاپيل هونديون آهن.

ڪتاب "قائد اعظم جون تقريرون" انهيءَ عظيم اڳواڻ جي گهڻ رخي شخصيت کي ظاهر ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. هونئن بہ ڪنهن شخصيت جي ڪردار کي واضح ڪرڻ ۾ ڪا بہ لکت هڪ دستاويزي سند جي حيثيت رکي ٿي. باباءِ قوم جيئن تہ مملڪت خداداد پاڪستان جو بنياد رکندڙ هو، تنهنڪري هو اسان جي آڏو هر موڙ تي وڌيڪ قابلِ احترام بڻجي ٿو. هن ڪتاب جي اڀياس ڪان پوءِ پڙهندڙ تي نہ صرف باباءِ قوم جي گهڻ رخي شخصيت ۽ سيرت ظاهر ٿئي ٿي، پر پڙهندڙ کي پنهنجي روزمره جي زندگي

گذارڻ ۾ مستقل مزاجيءَ سميت حوصلو به مليو، چو ته بابا قوم جي ساري زندگي مستقل مزاجي ۽ حوصلي سان گذري.

هن ڪتاب ۾ جناب غلام محمد گراميءَ بانيءِ پاڪستان جون اهي چوندڊ تقريرون شامل ڪيون آهن، جن جي سحرانگيزيءَ هن خطي ۾ هڪ نئين ملڪ جي قيام لاءِ هڪ راهه هموار ڪئي هئي، تنهنڪري هيءُ ڪتاب اسان جي ماڻهن لاءِ هڪ سوکڙيءَ جي حيثيت پڻ رکي ٿو.

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1976ع ۾ ڇپيو ويو هو. مارڪيٽ ۾ ڪتاب جي کُهرج کي نظر ۾ رکندي نئون ايڊيشن ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. اُميد آهي ته پڙهندڙ حضرات طرفان سٺي موٽ ملندي.

**جامشورو، سنڌ**
خميس ٣- شعبان المعظم ١٤٢٦هجري
بمطابق 8- سيپٽمبر 2005ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


1 - يوم پاڪستان جي تقرير ........................ 1

2 - آل انڊيا ريڊيو دهليءَ تان نشري تقرير ........................ 18

3 - پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ کي خطاب ........................ 23

4 - پاڪستان جي قيام تي نشري تقرير ........................ 31

5 - پاڪستان جي پهرين سالگرهه تي قوم کي خطاب ........................ 35

6 - ايمان، اتحاد ۽ تنظيم ........................ 38

7 - اسلام، ان جا قدر ۽ اصول ........................ 45

8 - تحريڪ پاڪستان ........................ 58

9 - پاڪستان جي تعمير ........................ 82

10 - نظام حڪومت ........................ 93

11 - پرڏيهي پاليسي ........................ 98

12 - معاشيات ........................ 103

13 - معاشرتي مسئلا ........................ 111

14 - اقليتن جا حق ۽ سندن حفاظت ........................ 117

15 - سرڪاري ملازمن کي خطاب ........................ 124

16 - فوجن کي خطاب ........................ 131

17 - شاگرد ۽ تعليمي نظام ........................ 139

18 - عورتن کي خطاب ........................ 148



# قائد اعظم جون تقريرون

# يوم پاڪستان جي تقرير

## آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس- لاهور 23مارچ1940ع

نوٽ: قائداعظم محمد علي جناح صدر آل انڊيا مسلم ليگ جي هن اهم ۽ تاريخي تقرير ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ هندستان ۾ هڪ مرڪزي حڪومت جي بدران ٻن مرڪزي حڪومتن جي ضرورت آهي. هن تقرير ۾ دستور متعلق، مسلمانن جي نقطي نظر ۽ رجحانات، چاهہ ۽ اتساهہ جو تاريخي پس منظر پڻ پيش ڪيو ويو آهي. (مترجم)

**متن:**

سوال آهي تہ ايندڙ دؤر جي دستور متعلق مسلمانن جا خيال ڪهڙا آهن؟ مسلم ليگ جو مطالبو اهو آهي تہ جيتري قدر جلد حالتون گنجائش پيدا ڪن يا وڌ ۾ وڌ جنگ جي پڄاڻيءَ ڪان پوءِ هندستان جي ايندڙ دستور جي مسئلي متعلق نئين سر جاچ ۽ پڙتال ڪرڻ گهرجي. جيئن دستور سنہ 1935ع جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي وڃي. هن دؤر ۾ برطانيہ حڪومت پاران ڪنهن اعلان يا بيان ڪرڻ جي لاءِ التجا ۽ عرضداشت جا اسين قائل نہ رهيا آهيون، ڇا لاءِ تہ ان قسم جا اعلان ۽ بيان بلڪل بيسود ۽ اجايا آهن. رڳو بيانن ڪرڻ جو مطالبو ڪري اوهان برطانيہ جي راڄ کي، هندستان مان خارج ڪرڻ ۾ هرگز ڪامياب ٿي نہ ٿا سگهو.

**مجلس دستور ساز:** ڪانگريس پاران وائسراءِ کي درخواست ڪئي ويئي آهي تہ "هو هندستان جي آزاديءَ جو فوراً اعلان ڪرڻ فرمائيءَ ڪانگريس کي مجلس دستور ساز جي ذريعي وسيع راءِ دهي واري حق جي بنياد تي جا منتخب ٿي ويندي، دستور کي مرتب ڪرڻ وارو حق عطا ڪيو وڃي. ان قسم جي مجلس دستور ساز يقيناً اقليتن جي جائز مفاد جي حفاظت ڪندي."

گانڌي جي چوي ٿو تہ جيڪڏهن اقليتون مطمئن ٿي نہ سگهن، تہ پوءِ اختلافي مسئلن کي حل ڪرڻ جي غرض سان غير جانبدار ٽياڪڙ جي حوالي ڪيو ويندو.

منهنجو چوڻ آهي تہ اها تجويز نهايت غلط ۽ ناقابل عمل بہ آهي ۽ ان کان علاوه تاريخي ۽ آئيني حيثيت سان هي مطالبو نهايت ڪلڻ جوڳو آهي تہ حڪمران طاقت، مجلس ۽ دستور ساز جي حق ۾ پنهنجي حڪمراني وارن حقن کان دستبردار ٿي وڃي.

انهن سيني حقيقتن جي قطع نظر فرض ڪري وٺو، تہ جيڪڏهن اسان راءِ دهيءَ جي ان طريقي سان متفق نہ رهون، جنهن جي بنياد تي مجلس جو قيام عمل ۾ اچي سگهي ۽ جيڪڏهن مجلس دستور ساز ۾ مسلمانن جي نمائنده جماعت جو غير مسلم اڪثريت سان اختلاف پيدا ٿي پوي تہ پوءِ ان حالت ۾ اهڙين مشڪلاتن جو حل ڪهڙو ٿيندو؟

چيو وڃي ٿو تہ مجلس دستور ساز هن وسيع براعظم لاءِ قومي دستور جي ترتيب ۽ تدوين جي سلسلي ۾ جو ڪجهہ بہ ڪري اهو آخري هوندو، اسان کي ان سان اختلاف ڪرڻ جو ڪو بہ حق حاصل نہ رهندو بجز ان جي جو اقليتن جي حفاظت جي خلاف ڪو فيصلو ۽ مسئلو هجي.

ان طرح جيتوڻيڪ اسان کي صرف اقليتن جي حق ۽ مفاد جي زباني حفاظت جي حد تائين فقط اختلاف ڪرڻ جي رعايت عطا ڪئي وئي آهي. باقي ان جي فيصلي جو حق اهو ئي اڪثريت جي قبضي ۾ رهندو. آخر ان مان ڇا ورندو؟

ان کان علاوه الڳ الڳ چونڊن جي ذريعي پنهنجن نمائندن موڪلڻ جو حق بہ ڏنو ويو آهي. اها تجويز ان مفروضي تي مبني آهي تہ جيئن ئي دستور عملي طرح سان نافذ ٿي وڃي برطانيہ جو وجود باقي نہ رهندو، جيڪڏهن ان طرح ناهي تہ پوءِ اهو سڀ ڪجهہ بي معنيٰ رهندو.

هن تجويز ۾ برطانوي حڪومت کان مسٽر گانڌيءَ جي مطالبن جو مقصد ۽ ماحصل اهو آهي تہ سڀ کان اول ان امر جو اعلان ڪيو وڃي تہ اسان آزاد قوم جا فرد آهيون. باقي رهيو ڏيڻ وٺڻ جو سوال سو ان کان پوءِ ٿيندو رهندو.

گفتگو جو اهو انداز ٻڌي ۽ سمجهي ڇا حقيقت ۾ مسٽر گانڌيءَ متعلق اهو چئي سگهجي ٿو تہ هو هند جي آزاديءَ جو واقعي خواهشمند آهي يا نہ؟

حقيقت اها آهي تہ برطانوي حڪومت. باقي رهي يا نہ رهي، پر وسيع اختيارات عوام جي حق ۾ يقيناً منتقل ٿي ويندا.

هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ مجلس دستور ساز جي اڪثريت ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪنهن وقت اختلاف پيدا ٿي پوي تہ پوءِ امين ۽ ٽياڪڙ مقرر ڪرڻ جو حق ڪنهن کي ڏنو ويندو؟ بفرض محال ڪنهن اختلافي مسئلي متعلق متفقہ طور ڪنهن ٽياڪڙ ۽ امين جي پيدا ٿيڻ جو امڪان سامهون اچي تہ پوءِ ان صورت ۾ اختلافي مسئلن جو تصفيو بہ صادر ٿي پوي تہ پوءِ مان پڇان ٿو تہ ان جي عملي نفاذ جي نگراني ڪير ڪندو؟ جو طئي ٿيل شرطن جي روشنيءَ ۾ فيصلي کي عملي طرح سان نافذ ڪري ڏيکاري.

چا لاءِ تہ اسان سان تہ اهو بيان ڪيو پيو وڃي، تہ برطانوي سرڪار جزوي طور تي، توڙي ڪلي طور تي، پنهنجي اختيارات تان دستبردار ٿي ويندي. تہ پوءِ مان پڇڻ ٿو چاهيان تہ فيصلي جي نفاذ لاءِ ٻي ڪهڙي طاقت ڪم ڪندي؟ ان جو جواب اهو ئي آهي تہ هندو اڪثريت. برطانيہ جي سنگينن جي پاڇي ۾ فيصلو ڪرائيندي، يا گانڌي جي اهنسا جي اصول جي ذريعي. ان فرض کي سرانجام ڏيندي؟ تہ ڇا اهڙي صورت ۾ اسان کي ان قسم جي اڪثريت تي ڪو ڀروسو ٿي سگهي ٿو؟

ان کان علاوه هڪ اهڙي مسئلي جو تصفيو. جو پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان جيتوڻيڪ هڪ معاشرتي معاهدو چئي سگهجي ٿو ۽ جنهن تي ايندڙ دستور جو بنياد رکيو ويندو ۽ جو نون ڪروڙن مسلمانن تي پڻ اثر انداز ٿي سگهي ٿو. سو ان قسم جي امين ۾ ٽياڪڙ جي ذريعي طئي ٿي سگهي ٿو؟ پر باوجود ان جي، ڪانگريس جماعت بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي چئي رهي آهي، تہ آخري حل جي تجويز اها ئي آهي، جا ڪانگريس پاران پيش ڪئي وئي آهي، جا مٿي بيان ڪئي وئي آهي.

**ڪانگريسين جا لاڙا:** چند ڏينهن ٿيا، جو گانڌي جي ڪجهہ ڳالهايو آهي. ان متعلق تشريح ۽ تبصري کان اڳ، مان هت ڪانگريس جي سياسي ليڊرن جي بيانن متعلق ڪجهہ ڳالهائڻ گهران ٿو. جن مان هر هڪ جو آواز ٻئي ليڊر جي راءِ کان مختلف آهي.

مسٽر راج گوپال آچاريہ مدراس جي اڳوڻي وزيراعظم جو چوڻ آهي:

"هندو- مسلم اتحاد جو واحد حل آهي: گڏيل چونڊون"

هيءَ آهي عقلي روءِ سان ڪانگريس جي هڪ مکيہ رڪن مسٽر آچاريہ جي تشريح.

هاڻي ذرا بابو راجيندر پرشاد جو بيان ملاحظ فرمايو، اوهان ڏسندا تہ اهو بيان پهرئين کان گهڻو مختلف آهي.

اقليتن جي مسئلي متعلق بابو راجيندر پرشاد جو چوڻ آهي تہ:

"جيڪڏهن برطانوي حڪومت، اسان جي جدائيءَ جي حق کي تسليم ڪري تہ پوءِ اڪثريت ۽ اقليت جا سڀ اختلافات دور ٿي ويندا."

هي آهي منطق! ڪير پڇي تہ پلا اهي اختلاف دور ڪيئن ٿي ويندا؟ ان تي بابو راجيندر پرشاد ڪا بہ روشني نہ وڌي آهي. ان سلسلي ۾ وڌيڪ هي ارشاد آهي:

"پر جيستائين برطانيہ جي هٿ ۾ اقتدار جي طاقت آهي، اختلافن جو وجود باقي رهڻو آهي."

هي آهي بابوءَ راجيندر پرشاد پاران اختلافن جو حل!

ڪانگريس پاران صاف ظاهر ڪيو ويو آهي تہ آئينده نهنڊڙ دستور اڪيلي ڪانگريس نہ ٺاهيندي جماعت بلڪ سيني سياسي جماعتن ۽ مذهبي ادارن جا چونڊيل نمائندا ڪانگريس سان شريڪ رهندا. آءُ تہ اهو بہ چوندس تہ ڪانگريس تہ بہ قدم وڌي اهو بہ اعلان ڪيو آهي تہ ان مقصد لاءِ اقليتون پنهنجي الڳ الڳ چونڊن جي ذريعي پنهنجا نمائندا چونڊينديون.

ڪانگريس جي ان دعوئ سان گڏ اهو بہ ٻڌڻ گهرجي، تہ ڪانگريس پاران الڳ الڳ چونڊن کي لعنت بہ سڏيو ويو آهي! ان طرح سان مذهب ۽ سياسي عقيدي جي خيال کان سواءِ، ڪانگريس ئي ملڪ جي اڪيلي نمائنده جماعت هوندو. جا هندستان جي ايندڙ دستوري مسئلن متعلق فيصلا ڪندي رهندي. پلا ان کان وڌيڪ اقليتن کي ٻي ڪهڙي ضمانت ملي سگهندي؟

بابو راجيندر پرشاد جي قول مطابق جنهن وقت اسان سڀ مجلس دستور ساز ۾ گهڙنداسون بس ان ئي وقت تي سڀ سياسي ۽ مذهبي مسئلا خود بہ خود طئي ٿي ويندا ۽ بين اختلافي رابطن ۽ واسطن جو فوراً خاتمو ٿي ويندو!هي آهي ڪانگريس جو نقطي نگاهہ ۽ هي آهي بابو راجيندر پرشاد جي

ارشاد جو الٽو منطق! آخر ان کي ڪير سمجهي؟

ان سلسلي ۾ گانڌيءَ جو ارشاد آهي:

”مون وٽ هندو، مسلمان، پارسي توڙي هريجن سڀ برابر آهن. مان جڏهن قائداعظم سان ڳالهه ٻولهه ڪندو آهيان، تڏهن غير سنجيدگيءَ جو اظهار نه ڪندو آهيان، ڇو ته هو منهنجو ڀاءُ آهي.“

منهنجو چوڻ آهي ته، بيشڪ بزعم خيوش گانڌي جي مون کي پنهنجو ڀاءُ سڏي ٿو، پر فرق رڳو ايترو آهي ته گانڌي جي ٽن ووٽن جو حق رکي ٿو، پر مان صرف هڪ ووٽ جو!

گانڌي جي اهو به چوي ٿو ته:

”مون لاءِ دلي خوشيءَ جوباعث ٿيندو جيڪڏهن هو مون کي پنهنجي ڪيسي ۾ جاءِ ڏئي سگهي. هڪڙو زمانو اهڙو به هو جڏهن مسلمان ڀاءُ کي منهنجو اعتماد حاصل هو، پر اڄ اها منهنجي بدقسمتي آهي جو اها صورتحال باقي نه رهي آهي. مان انهن سيني لکيتن کي ڪو نه ٿو پڙهان، جي اردو اخبارن ۾ شايع ٿي رهيون آهن، شايد مون کي گاريون ڏنيون وڃن ٿيون . پر ان جو مون کي ڪو رنج ناهي. اڄ به مون کي اهو يقين حاصل آهي ته هندن ۽ مسلمانن جي اتحاد کان سواءِ سوراج جو حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي.“

گذريل ويهن سالن کان وٺي، گانڌي جي، اهو راڳ آلاپيندو آيو آهي. آخر ۾ گانڌي جي فرمائي ٿو:

”شايد اوهان مون کان اهو سوال پڇو ته هن مسئلي ۾ مان لڙائيءَ جو ذڪر ڇو ڪري رهيو آهيان؟ سو جواب ۾ چوندس ته منهنجي لڙائي صرف مجلس دستور ساز لاءِ ئي آهي“

گانڌي جي، جي انهن لفظن مان شايد اهو تاثر پيدا ڪيو وڃي ته گانڌي جي، جو لڙائيءَ وارو اشارو شايد برطانيه ڏانهن آهي. يعني برطانيه سان گانڌي جي لڙائي ڪرڻ گهري ٿو. مان صاف واضح ڪرڻ گهران ٿو ته گانڌي جيءَ جو برطانيه سان لڙائي ڪرڻ جو ته ڪو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ان غلط فهميءَ ۾ نه اچڻ گهرجي.

مان مسٽر گانڌي ۽ ڪانگريس کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو تہ گانڌي جي، جي جنگ هڪ اهڙي مقصد جي لاءِ آهي، جنهن کي قبول ڪرڻ لاءِ مسلمان تيار ناهن، گويا گانڌي جي، لڙائي مسلمانن سان ٿي آهي ۽ اڳتي بہ ٿيندي.

مسلمانن کي خبر آهي تہ مجلس دستور ساز جو مطلب صرف آهي هڪ ۽ ٿي! ماڻهن جي ڪنڌ لوڏڻ سان جو ناهہ ٿيندو. سو اسان جي دلين کي ان نموني ۾ ملائي نہ سگهندو. جو اسان باهمي اتحاد سان ڪم ڪرڻ جي لائق بنجي سگهون. اهو ئي سبب آهي، جو مسلمانن وٽ مجلس دستور ساز جو تصور ئي ناقابل قبول آهي. مزو اهو آهي جو مسلمانن کان ٽيٽي طاقت جي قبضي ۾ هوندي، گانڌي جيءَ، جي لڙائي مسلمانن سان آهي ئي ڪانہ! سندس لڙائي صرف مجلس دستور ساز لاءِ ئي آهي! ڇا ڪو عقلمند ماڻهو ان التي قسم جي غلط منطق کي مڃڻ لاءِ تيار ٿيندو؟

مسٽر گانڌي چوي ٿو تہ:

> "اهي مسلمان، جي مسلم چونڊن جي ذريعي مجلس دستور ساز ۾ داخل ٿين، جيڪڏهن هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪنهن مشترڪ مقصد جي وجود جو انڪار ڪن تہ پوءِ مان مايوس ٿي ويندس. پر ان وقت بہ مان کين ساٿ ڏئي سگهندس ڇو تہ هو قرآن مجيد جي تلاوت ڪن ٿا ۽ مون بہ ان مقدس ڪتاب جو ڪجهہ قدر مطالعو ڪيو آهي."

هيءَ آهي منتشر خيالي. هڪڙن جو تلاوت ڪرڻ ۽ ٻئي جو ڪي قدر مطالعو ڪرڻ ڇا معنيٰ رکي ٿو؟ ۽ انڪار ڪندڙ مسلمانن سان گانڌي جي، جو ساٿ قائم رکڻ منطق جي روءِ سان ڪٿي معقول آهي؟

مسٽر گانڌي، مسلمانن جي نقطي نظر کي معلوم ڪرڻ لاءِ مجلس دستور ساز جو خواهشمند آهي. قيام مجلس کان پوءِ جيڪڏهن مسلمان انهن سان متفق نہ ٿين تہ پوءِ هو مايوس ٿي ويندو پر ان جي باوجود، هو اسان سان ڪو اختلاف نہ ڪندو.

مان پڇان ٿو تہ باهمي تعاون ۽ باهمي صلح جي لاءِ اخلاص واري اظهار جو اهڙو ئي گول مول طريقو ٿيندو آهي؟

مون بار بار چيو آهي ۽ هاڻي بہ هن پليٽ فارم تان ان جو ٻيهر ورجاءُ

ڪري رهيو آهيان تہ مسٽر گانڌي ڪامل ديانتداريءَ سان اعتراف ڇو نٿو ڪري تہ ڪانگريس هڪ هندو جماعت آهي، ۽ اها صرف هندن جي نمائنده آهي. ان ڪري مسٽر گانڌي ڇو نہ فخر سان ظاهر ٿو ڪري تہ مان هندو آهيان ۽ ڪانگريس کي خالص هندن جي حمايت حاصل آهي. ڇو تہ ان ۾ اڪثريت هندن جي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ باقي اقليتون اٽي ۾ لوڻ برابر بہ ناهن.

مان ان حقيقت جي اظهار ڪندي، ڪڏهن بہ شرم يا ندامت محسوس نہ ٿو ڪريان تہ مان مسلمان آهيان ۽ ائين چوڻ لاءِ مان حق بجانب آهيان ۽ مون کي يقين حاصل آهي تہ هڪ اڪين جي جڏي ۽ انڌي کي بہ اهو اطمينان حاصل آهي تہ مسلم ليگ کي خالص نموني ۾ مسلمانن جي حمايت حاصل آهي. هن ۾ مڪر ۽ عياريءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هن ۾ سازش جي ڪهڙي گنجائش آهي؟ حڪومت برطانيہ ۽ مسلمانن کي مغلوب ڪرڻ لاءِ اهڙن ذليل ذريعن کي اختيار ڪرڻ جي آخر ڪهڙي مصلحت آهي؟ عدم تعاون جي اعلان ۽ سول نافرماني جي ڌمڪين ڏيڻ ۾ آخر ڪهڙو فائدو؟ محض مسلمانن جي باهمي اختلافن ۽ يا متفقہ خيالن کي معلوم ڪرڻ لاءِ مجلس دستور ساز لاءِ ڇو ڪشمڪش کي جاري رکيو ويو آهي؟ مسٽر گانڌي جي، هڪ هندو ليڊر جي حيثيت سان پوري فخر وچان ٻاهر نڪري، سامهون ڇو نٿو اچي؟ ۽ ڇو نہ مون کي فخر سان مسلمانن جي نمائندي جي حيثيت ۾ مسلمانن جي ترجماني ڪرڻ جي فرض ادائي ڪرڻ ٿو ڏئي؟ جيستائين ڪانگريس جو تعلق آهي، مون کي ان لاءِ فقط ايترو چوڻ ئي ڪافي آهي.

**حڪومت برطانيہ:** جيستائين حڪومت برطانيہ جو تعلق آهي، اوهان سڀ واقف آهيو تہ اسان جي گفتگو جو سلسلو اجا تائين جاري آهي، اهو اجا بند نہ ڪيو ويو آهي. اسان پاران ڪيترن مفيد ۽ تعميري مقصدن جي ماتحت يقيني فيصلن جو مطالبو ڪيو ويوآهي. هڪ مقصد ۾ اسان ڪاميابي بہ حاصل ڪئي آهي.

اوهان کي ياد هوندو تہ 1935ع واري دستور کي ترڪ ڪري، هندستان جي آئينده واري دستوري مسئلي جي نئين سري سان جاچ پڙتال جو مطالبو اسان ئي ڪيو هو. ملڪ معظم جي اشاري سان وائسراءِ بهادر پاران 23 ڊسمبر تي جيڪو جواب روانو ڪيو ويو آهي ان جا الفاظ مان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو. چيل آهي:

"اوهان جي پهرئين سوال جي باري ۾ منهنجو جواب هي آهي تہ ملڪ معظم جي حڪومت جي اشاري ۽ اجازت سان، مون 13 آڪٽوبر تي جو اعلان ڪيو آهي، ان سان 1935ع جي دستور جي ڪنهن حصي يا ان جي پاليسيءَ ۽ بنيادي خاڪي جي جاچ پڙتال ٻاهر ناهي"

ٻين نقطن متعلق اسان جي باهمي گفتگوءَ جو سلسلو جاري آهي ان جا اهم ۽ بحث طلب مسئلا هي آهن:

1- ملڪ معظم جي حڪومت، هندستان جي مستقبل واري دستور جي بنسبت اسان جي رضامنديءَ کان سواءِ نہ ڪو اعلان ڪري.

2- ۽ نہ ڪو ڪنهن مسئلي متعلق، ڪنهن ٻيءَ جماعت سان اسان جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪو ناهہ ڪري.

**مسلمانن جي انفراديت:** حڪومت برطانيہ پنهنجي سمجهہ آهر، اسان کي ان حقيقت متعلق يقين ڏيارڻ مناسب سمجهي يا نہ سمجهي پر هو ان مطالبي کي يقيناً حق بہ جانب تصور ڪندي، تہ ڏهن ڪروڙن هندستاني باشندن جي مسلمان آهن، تن جي آئنده قسمت جو فيصلو ڪنهن غير جي حوالي ڪري نہ ٿو سگهجي. اسان مسلمان ۽ صرف اسان مسلمان ئي پنهنجي باري ۾ آخري فيصلي جو اختيار وٺڻ گهرون ٿا. اسان اهو ڪڏهن بہ گوارا نہ ٿا ڪري سگهون تہ برطانيہ نهايت جبر ۽ ڏاڍ سان مسلمانن جي مٿان هڪ اهڙو دستور مسلط ڪري، جنهن جي تصديق ۽ توثيق پاڻ نہ ڪري سگهي؟

انهن حالتن ۾ حڪومت برطانيہ کي بجا طور تي مشورو ڏئي سگهجي ٿو، تہ هوءَ هن مسئلي ۾ مسلمانن کي يقين ڏيارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري، ڪين ڪامل امن ۽ اعتماد جي فضا ۾ هموار ڪري، سندن مخلصانہ دوستي حاصل ڪري. حڪومت اسان جي هن مطالبي کي قبول ڪري يا رد ڪري ڇڏي ، اسان کي فقط پنهنجي خداداد قوت ۽ اعتماد تي يقين ڪامل حاصل آهي. اسان کي خداداد صلاحيت تي ڀروسو رکڻ جي ضرورت آهي.

مان ان حقيقت کي وري بہ واضح ڪرڻ گهران ٿو تہ جيڪڏهن ڪو عارضي صلح، اسان جي مرضي ۽ اعتماد کان سوا ڪيو ويو تہ پوءِ هند جا مسلمان ان لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪندا ۽ ان سلسلي ۾ سڀ ڪجهہ ڪري گذرندا. ڪنهن بہ مصلحت

کي اڳيان رکي پير پوئتي نہ هٽائيندا ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريندا، جو ڪانگريس ۽ برطانيہ جي خواب وخيال ۾ بہ نہ هوندو. هي منهنجي پاران دڙڪو ناهي پر سنجيدگيءَ سان اپيل آهي، ان تي غور ڪرڻ گهرجي.

**مسلمان اقليت ۾ ناهن!** جيستائين اسان جي اندروني حيثيت جو تعلق آهي، اسان ان جو بہ جائزو وٺي رهيا آهيون. دستور ۽ ان جي تشڪيل جي ماهرن يا دستوري مسئلن سان دلچسپي رکندڙن پاران اسان وٽ ڪيئي تجويزون پهچي چڪيون آهن. ان سلسلي ۾ ليگ جي پاران هڪ ذيلي مجلس پڻ قائم ڪئي وئي آهي، جا وصول ٿيل تجويزن تي تفصيل سان بحث ۽ غور ڪندي، پر هڪ حقيقت بلڪل واضح آهي تہ مسلمانن کي غلطيءَ وچان "اقليت" تسليم ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ اسان ان غلط تخيل کان ڪافي عرصي کان عادي ٿي چڪا آهيون، ان ڪري ان کي دور ڪرڻ جي لاءِ ڏاڍي تڪليف محسوس ٿي رهي آهي. مسلمان هرگز هرگز هڪ اقليت تصور ڪري نہ ٿا سگهجن. هو هر حيثيت ۾ هڪ قوم آهن، پر ان هوندي بہ حڪومت برطانيہ ۽ خاص طرح سان ڪانگريس پاران جا بہ گفتگو ڪئي وڃي ٿي، ان جو بنياد اهو ئي آهي تہ اسان مسلمان هڪ اقليت آهيون!

مان وري بہ چوندس تہ مسلمان هرگز اقليتن ۾ شمار ٿي نہ ٿا سگهن.

انگريزي نقشي جي اعتبار کان بہ هندستان جي وڏن وڏن صوبن ۾ مسلمان ڪثير تعداد ۾ آباد آهن. مثلاً بنگال، پنجاب، سرحدي صوبو، سنڌ ۽ بلوچستان.

باقي رهيو اهو سوال تہ هندو- مسلم مسئلي جو بهترين حل ڇا ٿي سگهي ٿو؟ اسان ان مسئلي تي نهايت سنجيدگيءَ سان غور ڪري رهيا آهيون ۽ ان لاءِ هڪ خاص مجلس جو قيام عمل ۾ آڻي چڪا آهيون.

دستور جي سلسلي ۾ آخري تجويز ڪهڙي بہ پيدا ٿئي مان پنهنجو نقطي نظر اوهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو ۽ ان جي تصديق ۽ توثيق ۾ مشهور ڪانگريسي ليڊر لالا لجپتراءِ جو اهو خط پڙهي ٻڌائيندس جو مسٽر سي. آر داس جي نالي لکيو ويو هو. اهو خط غالباً ٻارنهن يا پندرنهن سال اڳ لکيو ويو هو. هڪ شخص اندر پرڪاش ويجهڙائيءَ ۾ اهو خط پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪيو آهي. ان طرح اهو خط جو اڄ تائين هڪ پوشيده راز وانگر هو، سو روشنيءَ ۾ اچي چڪو آهي.

لالا لجپتراءِ هڪ تيز فهم سياستدان ۽ وڏو ڪٽر مهاسڀائي ليڊر هو. تنهن پنهنجي خط ۾ جو ڪجهه لکيو آهي، ان کي ٻڌائڻ کان اڳ اهو واضح ڪرڻ ٿو چاهيان، تہ جيڪڏهن سامعين منجهان ڪو هندو هجي، تہ پوءِ هو پنهنجي عقيدي ۽ هندومت کي ترڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهندو. قوم پرستيءَ جو لفظ سياست جي بازيگرن جو هڪ رانديڪو بڻجي چڪو آهي. لالا جي خط ۾ لکي ٿو:

"هڪ ٻيو بہ مسئلو آهي جنهن تازو منهنجي دماغ کي الجهن ۾ وجهي ڇڏيو آهي؟ منهنجي اها دلي خواهش آهي تہ اوهان ان تي نهايت سنجيدگيءَ ۽ احتياط سان غور ڪريو. اهو مسئلو آهي هندو- مسلم اتحاد جو مسئلو. گذريل ڇهہ مهينا مون اسلامي تاريخ جي مطالعي لاءِ وقف ڪيا هئا. ايتري مطالعي کان پوءِ مان ائين چوڻ لاءِ مجبور آهيان تہ هندو- مسلم اتحاد نہ ڪو ممڪن آهي ۽ نہ ڪو قابل عمل. عدم تعاون جي تحريڪ ۾ مسلمان جي اخلاص جي اعتراف ڪرڻ جي باوجود، منهنجو اهو ئي خيال آهي تہ هن نوعيت وارن مسئلن ۾ مسلمانن جو مذهب وڏي رڪاوٽ آهي. غالباً اوهان کي اها گفتگو ياد هوندي جا مون ڊاڪٽر ڪچلو ۽ حڪيم اجمل خان سان ڪئي هئي ۽ اها گفتگو مون ڪلڪتي ۾ اوهان جي اڳيان دهرائي هئي. هندستان ۾ حڪيم صاحب کان بهتر ڪو بہ مسلمان ناهي. پر ڇا ڪو مسلمان قرآن شريف جي خلاف ورزي ڪري سگهي ٿو؟ مون کي اميد آهي تہ صرف هي سبب هجي تہ مون شايد اسلامي قانون کي سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ڪئي هجي ۽ ان کان وڌيڪ ڪا بي شيءِ مون لاءِ اطمينان بخش ٿي نہ ٿي سگهي تہ مون کي منهنجيءَ غلط فهميءَ جو يقين ٿي وڃي ها تہ برابر مان غلط فهميءَ ۾ قائل آهيان. ليڪن جو ڪجهہ بہ مون سمجهيو آهي جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ اسان حڪومت برطانيہ جي

خلاف تہ متحد ٿي سگھون ٿا پر برطانوي طريقي تي
هندستان تي حڪومت ڪرڻ جي لاءِ اسان ڪنهن بہ نموني
سان متحد ۽ متفق ٿي نہ ٿا سگھون. يعني اسان هندستان ۾
جمهوري طرز جي حڪومت قائم ڪري ئي نہ سگھنداسون"

خواتين ۽ حضرات لالہ لجپتراءِ چوي ٿو تہ هن ملڪ لاءِ جمهوري طرز حڪومت سازگار نہ ٿيندي. تہ سندس اهو چوڻ بجاءِ درست! پر ان خط کان ارڙنهن مهينا اڳ مون ان صداقت کي بيان ڪرڻ جي جرئت ڪئي تہ پوءِ مون تي انهن جي ليڊرن ۽ اخبارن پاران تنقيدن ۽ حملن جا بيشمار طريقا اختيار ڪيا ويا.٠

لالا لجپتراءِ پندرنهن سال اڳ اها ساڳي ڳالهہ چوي ٿو تہ:

"جمهوري طريقي سان هندستان تي حڪومت ڪري ئي نہ ٿي سگھجي."

آخر سوچڻ گھرجي، تہ ان صورتحال جو علاج ڇا آهي؟

ڪانگريس طرفان تہ ان جو علاج اهو آهي تہ مسلمانن کي هڪ اقليت جي حيثيت سان هندو اڪثريت جي ماتحت رهڻ گھرجي.

لالا لجپتراءِ اڳتي هلي لکيو آهي:

"مون کي انن ڪروڙ مسلمانن مان ڪو بہ خطرو ناهي پر اهي اٺ ڪروڙ مسلمان، جڏهن افغانستان، مصر، شام، وچ ايشيا جي مسلم حصن، عرب، عراق، ايران ۽ ترڪيءَ جي باهٿيار مسلمانن سان ملي ويندا تہ، پوءِ ايتري طاقت سان اسان جو مقابلو ٿي نہ ٿو سگھي. مان پوري اخلاق سان هندو- مسلم اتحاد جي ضرورت ۽ اهميت ۾ يقين رکان ٿو. مون کي مسلمان ليڊرن ۾ بہ اعتماد آهي، پر قرآن ۽ شريف حديث جي حڪمن ۽ هدايتن جي باري ۾ ڇا ٿو چئي سگھجي؟ مسلمان قائد ۽ ليڊر ان جي خلاف ورزي ڪري نہ ٿا سگھن. تہ پوءِ ڇا اسان کي مايوس ٿيڻ گھرجي.

مون کي اوهان جي دانشمنديءَ مان اميد آهي تہ، اوهان هن مشڪل مسئلي جو ڪو حل پيدا ڪندا."

هي آهن لالا لجپتراءِ جا پريشان، منتشر ۽ مايوسيءَ وارا خيال!

## برطانيہ جي غلط فهمي:

خواتين وحضرات: هيءَ هڪ خط آهي جو پندرنهن سال کن اڳ هڪ وڏي هندو ليبر طرفان ٻئي وڏي هندو ليبر جي نالي لکيو ويو هو. پر موجوده حالتن جي جائزي وٺڻ کان پوءِ هن وقت تي جيڪي خيالات ان مسئلي متعلق منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيا آهن، تن کي مان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ٿو چاهيان.

هندستان جي مستقبل متعلق گذريل صدين ۾ برطانوي حڪومت ۽ برطانوي پارليامينٽ بلڪ برطانوي قوم جي تربيت ڪن اهڙن مقرر ٿيل تصورن ۽ خيالن سان گڏ ان قسم جي تدريجي نشونما جي تحت عمل ۾ آئي آهي، جا تربيت سندن لاءِ پنهنجي ملڪي دستور جي ترتيب ۽ تدوين جو بنياد هئي. اڄ دارالعوام ۽ دارالامرا ۽ اسيمبلين جو نظام ان موجب ئي عمل ڪري رهيا آهن.

سياسي مقصدن سان گڏ، جماعتي حڪومت جو نظريو، سندن تصورات جي اعتبار کان هر ملڪ جي لاءِ بهترين اصول حڪومت ثابت ٿئي ٿو. ان قسم جي نظرئي جي حمايت ۾ هڪ طرف توڙي قومي رعايت جي ڪري، جا فطرتاً برطانيہ جي باشندن لاءِ مرغوب آهي تنهن ڪيس هڪ عظيم الشان غلطيءَ جي ارتڪاب تائين پهچايو، جنهن غلطيءَ جي ارتڪاب ڪانئڻ حڪومت هند لاءِ 1935ع وارو دستور تيار ڪرايو.

برطانيہ جا اڪابر ۽ مدبر پنهنجن خيالن ۽ دم پختن ۾ ايتري قدر تہ مست ۽ مگن آهن، بلڪ مستغرق آهن جو بنا ڪنهن سوچ ۽ ويچار جي ڏاڍي سنجيدگيءَ سان پنهنجن بيانن ۾ اها اميد ورجائيندا ٿا رهن تہ، زماني جي رفتار سان گڏ هلندي، هڪ ڏينهن هندستان جي اختلافي عنصرن ۾ تعاون ۽ هم آهنگي جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

لنڊن ٽائمز جهڙي مشهور جريدي 1935ع واري دستور هند تي تبصري ڪندي لکيو هو تہ:

> ”هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ اختلاف، صرف مذهبي ناهن، بلڪ قانوني ۽ ثقافتي اختلاف بہ آهن. باقي چئي سگهجي ٿو تہ ٻئي ڌار تهذيبن جي نمائندگي ڪن ٿا. بهرحال زماني سان گڏ توهمات ۽ پراڻن وهمي خيالن جو بہ خاتمو ٿي ويندو ۽ هندستان هڪ قومي وحدت ۾ تبديل ٿي ويندو“

لنڊن ٽائمز جي بيان موجب هڪ قومي حڪومت ۽ قومي وحدت جي راهہ ۾ مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون محض وهم جي پيداوار آهن. باقي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جي بہ روحاني معاشي، تهذيبي، تاريخي ۽ سياسي بنيادن تي اختلاف موجود آهن، تنهن کي ڏاڍي چالاڪيءَ ۽ سادگيءَ سان "توهمات" سان تعبير ڪري ائين سطحي ڳالهہ ڪري جند ڇڏائي وئي آهي. مان چوندس تہ تعبير جو اهو طريقو، نہ صرف برصغير جي تاريخ ۽ اُن جي ماضي جي روايت بلڪ اسلام جي بنيادي عقيدن ۽ تصورات کان اڻ ڄاڻائيءَ جو دليل آهي، يا ڄاڻي واڻي، حقيقتن کان منهن موڙڻ جي غلط ڪوشش آهي. جا هر حال ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي ۽ اڳتي بہ غلط ٿي ثابت ٿيندي.

انهن قومن جي بنسبت جي هزارن سالن کان وٺي هڪجهڙائي جي باوجود اڄ بہ اهڙيون ئي مختلف آهن، جهڙيون ماضيءَ جي زماني ۾ هيون. اها اميد رکي نہ ٿي سگهجي تہ محض جمهوري دستور حڪومت عائد ڪرڻ سان يا غير موزون ۽ ناسازگار برطانوي ۽ پارليامينٽري طريقن واري دستور جي ذريعي سان اهي ٻئي پاڻ ۾ متحد ٿي سگهنديون.

گذريل ڏيڍ سو سالن جهڙي ڊگهي عرصي کان هندستان لاءِ وحداني طرز حڪومت جي حاصل ڪرڻ لاءِ جا ناڪاميَ نصيب ٿي آهي، تنهن کي فقط مرڪزي ۽ وفاقي حڪومت عائد ڪرڻ سان حاصل ڪري نہ سگهبو. جنهن حڪومت جي ترڪيبي هيئيت ۾ ان قسم جا عناصر شامل هجن، ان متعلق اهو تصور ئي ڪري نٿو سگهجي تہ، ملڪ جي مختلف قومن پاران ان کي دل جي خوشيءَ سان تسليم ڪيو ويندو. اهو سڀ ڪجهہ فقط ان وقت تي ٿي سگهندو جڏهن ان جي پٺ تي هڪ سخت فوجي طاقت هجي، جا سنگين ۽ بندوق سان ڪم هلائيندي رهي،

## هند جو روهاڱو:

هندستان جو مسئلو ٻن فرقن جي وچ واري نوعيت جو ناهي بلڪ بين الاقوامي آهي. ان ئي حيثيت سان غور ۽ فڪر جو محتاج آهي. جيستائين بنيادي حقيقتن کي معلوم نہ ڪيو ويو آهي، تيستائين جو بہ دستور مرتب ڪيو ويندو سو نہ صرف مسلمانن لاءِ بلڪ هندن لاءِ ۽ انگريزن لاءِ بہ خطرن ۽ خدشن ۾ گهيريل رهندو.

جيڪڏهن حڪومت برطانيہ دل جي اخلاص سان هند جي باشندن لاءِ مسرت ۽ شادمانيءَ جي آرزومند آهي تہ پوءِ اسان سيني جي لاءِ صرف هڪ ئي ڪليل رستو آهي ۽ اهو آهي هندستان کي قومي آزاد ۽ خود مختار رياستن ۾ تقسيم ڪرڻ ۽ وڏين وڏين قومن کي ڏار حصن ۾ آباد ٿيڻ جو موقعو ڏيڻ. ان حالت ۾ ڪو بہ سبب معلوم نہ ٿو ٿئي تہ اهي آزاد حصا، ڪو هڪ ٻئي جا مخالف ٿي ويندا. بلڪ اهڙيءَ صورت ۾ تہ ملڪ جي طريقہ ڪار ۾ مفيد فرق اچي سگهي ٿو ۽ هڪ ٻئي تي معاشرتي ۽ سياسي دٻاءُ وجهڻ وارو خيال، توڙي هڪ ٻئي سان رقابت ۽ عناد وارو جذبو سڀ دور ٿي سگهن ٿا. ان طرح سان ئي بين الاقوامي معاهدن جي وسيلي سان خير خواهي ۽ همدرديءَ جا جذبا پيدا ٿي سگهن ٿا. اهي سڀ آزاد حصا نہ فقط پاڻ ۾ محبت ۽ تعاون سان هلندا پر پنهنجي پاڙيسري ملڪن سان بہ امن ۽ صلح سان زندگي گذاري سگهندا.

ان کان علاوه هندستان ۽ هندستان جي وچ ۾ اقليتن جي باري ۾ باهمي مصالحت جي ذريعي ڏاڍي آسانيءَ سان دوستاڻا معاهدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. جنهن سان مسلمانن ۽ ٻين اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي حفاظت جي ضمانت ملي سگهندي.

**گڏيل قومن جو خواب:** هي ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي تہ اسان جا هندو ڀائر اسلام ۽ هندومت جي صحيح نوعيت معلوم ڪرڻ ۾ ڇو ناڪام رهيا آهن؟ هي صرف مذهبي ئي ناهن پر حقيقت ۾ واضح طور تي ڌار معاشرتي نظام آهن. ان ڪري هندن ۽ مسلمانن کي مشترڪ قوميت جي قالب ۾ پلٽڻ محض هڪ خواب ۽ خيال آهي.

هي ظاهر ڪرڻ ڏاڍي مشڪل ڳالهہ آهي تہ هندستان قوميت جو تصور نهايت غلط آهي. ان جو غلط تصور پنهنجين محدود حدن کان هاڻي گهڻو متجاوز ٿي چڪو آهي ۽ اسان لاءِ روزانہ نون مسئلن ۽ مشڪلاتن جو ڪارڻ ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اسان بروقت پنهنجي تصورات تي نظرثاني نہ ڪئي تہ پوءِ اهو مسئلو سڄي هندستان لاءِ تخريب ۽ هلاڪت جو سبب ٿي ويندو.

هندو ۽ مسلمان، ٻن الڳ الڳ مذهبن، فلسفن، طرز زندگي، معاشرت، رسوم، ادب ۽ ثقافت سان تعلق رکندڙ آهن. نہ انهن ۾ مٽي مائٽي ۽ سڱابندي ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ڪو اهي ٻئي پاڻ ۾ ملي جلي کاڌو واپرائي سگهن ٿا.

ٻن مختلف تهذيبن سان سندن تعلق آهي، جي متضاد خيالن ، عقيدن ۽ تصورات تي مبني آهن.

زندگيءَ جي فلسفي متعلق ٻنهين جا عقيدا ۽ فيصلا هڪ ٻئي جي خلاف آهن.

اها بہ حقيقت آهي تہ هندو ۽ مسلم ٻئي قومون پنهنجا تاثرات تاريخ جي مختلف ماخذات کان حاصل ڪن ٿا. ٻنهي جا رزميہ نظر جدا آهن. اڪثر هڪ قوم جو هيرو ٻي قوم جو دشمن نظر ايندو، ٻنهي جي فتح ۽ شڪست هڪ ٻئي جي جذبات لاءِ ايذاءُ جو سبب بنجي ٿي. اهڙين ٻن قومن کي عددي اقليت ۽ اڪثريت جي مرتبي ۾ رکي هڪ ئي رياست ۾ ضم ڪرڻ سان تصادم ۽ اختلاف کي وڌائيندو. بيقراري ۽ پريشاني کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نتيجو نہ نڪرندو . اهڙن مسئلن جي ڪري متحده قوميت وارو خواب منتشر ٿي ويندو ۽ ملڪ پيچ ڊاهہ تخريب ۽ شڪست، هنگامہ آرائيءَ ۽ فساد ۾ مبتلا ٿي ويندو. جنهن جو علاج جنهن وٽ بہ ڪونہ آهي.

تاريخ ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا . برطانيہ ۽ آئرلنڊ زيڪوسلوويڪيا ۽ پولنڊ کي ڏسڻ گهرجي. انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي اهڙا جاگرافيءَ تي مشتمل ٽڪرا موجود آهن، جيڪي هندستان جي مقابلي ۾ تمام ننڍڙا آهن. پر اتي جا باشندا، قومي لحاظ سان مختلف رياستن ۾ ورهايل آهن. بلقان کي ڏسو! ستن يا اٺن آزاد رياستن تي مشتمل آهي. پورچوگال ۽ اسپين هڪ ئي صورت ۾ جزيره نما ٽڪرا آهن، تاهم هڪ ٻئي کان الڳ ۽ آزاد موجود آهن.

پر اسان وٽ انهن سيني حقيقتن کي نظرانداز ڪندي، اتحاد هند ۽ متحده قوميت جي پردي ۾ جنهن جو ملڪ ۾ ڪو وجود ئي ناهي، هڪ مرڪزي حڪومت جي قيام لاءِ ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

اسان ڄاڻون ٿا تہ هر زماني ۾ هندستان هميشہ هندو ۽ مسلم هندستان ۾ ورهايل رهندو آيو آهي.

هندستان جي موجوده مصنوعي يا نام نهاد اتحاد جي تاريخ، صرف برطانوي حڪومت جي قيام لاءِ تراشي وئي آهي. جنهن جي بقا، برطانوي هٿيارن ۽ سنگينن جي مرهون منت آهي.

پر ملڪ معظم جي حڪومت جي تازي بيان جي مطابق، برطانوي دوُر حڪومت جو خاتمو هن ملڪ ۾ ايتري تہ عظيم الشان تباهي ۽ خونريزي آڻيندو

جنهن جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

متحده قوميت مان پيدا ٿيندڙ تباهيءَ جو ڪو ادنيٰ مثال مسلمانن جي هڪ هزار سالن واري حڪومت ۾ ڪڏهن نہ ڳولي سگهبو. يقيناً ايڏي خونريزي ۽ قتل وغارت جي سرچشمہ متحده قوميت واري نظام کي ڪڏهن بہ معقول چئي نہ سگهنداسون.

ڇا ڏيڍ سو سالن جي حڪومت کان پوءِ انگريزن پاران اهڙيءَ تباهيءَ تي ڪا اک ڪلندي! ڇا انگريز لاءِ اها فخر جهڙي ڳالهہ ٿيندي؟ ان طرح هتي جا هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي کي تباهہ ۽ هلاڪ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا؟ ۽ هڪ ٻئي جا ڪنڌ وڍيندا؟

## مسلمانن جو فيصلو:

مسلمانن جو صاف لفظن ۾ فيصلو ٻڌڻ گهرو ٿا تہ پوءِ اهو رڳو ايترو آهي تہ هندستان جا مسلمان هندستان جي ڪنهن بہ اهڙي دستور کي ڪڏهن بہ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نہ ٿا سگهن، جنهن ۾ فقط هندو اڪثريت جي حڪومت ئي هجي .

هندن ۽ مسلمانن کي جمهوري نظام جي ماتحت متحد ڪرڻ ۽ اقليتن تي زبردستيءَ سان ان نظام کي مڙهڻ سنئون سڌو هندو راڄ جي برابر آهي.

جمهوريت جو اهو قسم جو ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ جي انتهائي مقصد آهي سو تہ مڪمل طرح سان ملڪ ۾ تباهي آڻيندو.

ڪانگريس جڏهن صوبائي حڪومت هٿ ڪري اڍائي سال راڄ سنڀاليو هو اهو نهايت بدترين، امن سوز، انسان دشمن، تخريبي ۽ غير ترقي يافتہ دؤر ثابت ٿيو هو. اسان کي اهو اڍائي سالن وارو ڪانگريسي راڄ اڄ تائين ياد آهي. جيڪڏهن ان هوندي بہ ان غلط تجربي کي دهرائڻ لاءِ ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ آماده آهي تہ پوءِ ان جي نتيجي ۾ بغير خانہ جنگي (Civilwar) جي ٻيو ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟

گانڌي جي پاران سکر جي هندن کي مشورو ڏنو ويو هو تہ:

”تشدد توڙي عدم تشدد جي زور تي هو پنهنجي پاڻ حفاظت ڪن. هندو تشدد جو جواب تشدد سان ڏين. جيڪڏهن ائين ڪامياب نہ ٿين تہ پوءِ وطن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ تيار رهن. پاڻ ۾ تنظيم پيدا ڪن جي دفاعي ڪم سنڀالي. حملن کان بچاءُ ڪري.“

گانڌي جي، جي ان رٿ ۾ تجويز ۾ اهو سڀ ڪجهه آهي جو باهمي قتل و غارت ۽ خانه جنگيءَ لاءِ ميدان هموار ڪري سگهي ٿو.

جيئن عام طرح سان غلط فهمي پيدا ڪئي وئي آهي، تہ مسلمان هن ملڪ ۾ اقليت ۾ آهن. اها ڳالهه بلڪل غلط ۽ لغو آهي.

مسلمان هر حيثيت سان خواه ڪهڙي بہ اصطلاح ۽ تعريف جي تحت هجي، هڪ قوم آهن. مستقل، آبرومند ۽ آزاد قوم. ان ڪري، اهڙي مضبوط ۽ جدا قوم لاءِ سندس الڳ، آزاد ، خودمختيار ۽ پنهنجو ملڪ هئڻ گهرجي.

اسان هڪ آزاد قوم جي حيثيت سان پنهنجن سيني پاڙيسري ملڪن سان امن ۽ اتحاد سان زندگي بسر ڪرڻ گهرون ٿا.

اسان جي اها خواهش آهي تہ مسلمان روحاني، ثقافتي، معاشي، معاشرتي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ پنهنجي صوابديد ۽ پنهنجي مخصوص نصب العين جي تحت پنهنجي صلاحيت جي اعتبار کان ڪامل نموني ۾ ترقي ڪري سگهي. ديانتداريءَ ۾ ڪروڙها مسلمانن جي اهم ترين مفاد جي تقاضا اها آهي ۽ اسان تي اهو مقدس فرض عائد ٿو ٿئي تہ اسان اهڙو ڪو باعزت حل تلاش ڪريون جو سيني لاءِ منصفانہ ثابت ٿئي. پر بزدلائين ڌمڪين کان ڊڃي اسان ڪڏهن بہ پنهنجي مقصد کان هٽ ڪٽي نہ ٿا سگهون. اسان پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر مشڪلات سان مقابلو ڪنداسون. اسان هر قرباني ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار ۽ خبردار آهيون.

---

# آل انڊيا ريڊيو دهليءَ تان قائداعظم جي نشري تقرير

## 3 جون 1947ع - دهلي

**نوٽ:** 3 جون 1947ع جو ڏينهن برصغير پاڪ و هند جي تاريخ ۾ خاص اهميت وارو ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي هندستان جي آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن برطانوي حڪومت جي پاران هندستان جي عوام جي نالي، اختيارات کي منتقل ڪرڻ واري تجويز جو اعلان ڪيو.

پنڊت جواهر لال نهرو، ۽ ڪانگريس جي طرفان ۽ سردار بلديوسنگ مشهور سک ليڊر سکن جي نمائندي جي حيثيت سان ان تجويز جو خير مقدم ڪيو.

قائداعظم محمد علي جناح، مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان ، ان تجويز جي باري ۾ پنهنجي خيالات جو اظهار ڪيو.

لارڊمائونٽ بيٽن، وائسريگل لاج ۾ پنهنجي تقرير ڪئي هئي جنهن کي ٽيليفون جي ذريعي براڊ ڪاسٽنگ هائوس، نئين دهليءَ کان نشر ڪيو ويو.

پنڊت نهرو، قائداعظم ۽ سردار بلديو سنگ، پنهنجي پنهنجي تقرير کي نشر ڪرڻ لاءِ پاڻ براڊ ڪاسٽنگ هائوس (پارليامينٽ اسٽريٽ) نئين دهليءَ تي پهتا.

قائداعظم جي تقرير انگريزيءَ ۾ هئي، جنهن کي فوراً اردو ۾ ترجمو ڪري، انگريزي تقرير کان پوءِ نشر ڪيو ويو .

قائداعظم پنهنجي لکيل تقريرڪي پڙهڻ کان اڳ ڪجهه زباني جملا چيا، جي في البديهه هئا. انهن جملن کي بہ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري اصل تقرير جي منڍ ۾ نشر ڪيو ويو.

**ابتدائي جملا:** تقرير ۾ في البديهه جملا هن ريت آهن:

"مون کي خوشي حاصل ٿي آهي جو اڄ مون کي دهليءَ جي هن ريڊيو جي ذريعي، اوهان سان سنئين سڌي نموني ۾ گفتگو

ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ شايد هي پهريون موقعو آهي جو ڪنهن غير سرڪاري فرد کي هن قسم جي طاقتور اسٽيشن جي ذريعي، سياسي مسئلن تي عوام کي خطاب ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. هي آغاز سهڻو آهي. مون کي اميد آهي تہ مستقبل ۾ بہ مون کي هن قسم جون سهوليتون ڏنيون وينديون. تان تہ منهنجا خيال ۽ نظريا، اوهان تائين اخبارن جي سرد ۽ جامد لفظن جي بجاءِ سنئون سڌو زندگيءَ جي حرارت سان ڀرپور انداز ۾ پهچي سگهن."

ان کان پوءِ قائداعظم جي اصل تقرير جو متن پيش ڪجي ٿو:

(مترجم)

**تقرير جو متن:** بادشاهہ سلامت جي حڪومت جو بيان جنهن ۾ حڪومت جا اختيارات، هندستان جي عوام کي منتقل ڪرڻ جي تجويز شامل ڪيل آهي، سو نشر ٿي چڪو آهي ۽ پريسن لاءِ بہ جاري ڪيو ويندو. جيئن سڀاڻي صبح جو شايع ٿيندڙ هندستاني توڙي ٻاهرين اخبارن ۾ شايع ٿي سگهي. ان بيان ۾ تجويز جي بنيادي ڳالهين کي وضاحت سان پيش ڪيو ويو آهي، جيئن اسان ان تجويز کي چڱيءَ طرح سان غور ۽ فڪر ڪري سگهون. ٻيو تہ هن تجويز تي اسان کي نهايت غير جذباتي انداز ۾ ۽ ٿڌيءَ دل سان غور ڪرڻو آهي.

اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان کي نهايت ڪي اهم فيصلا ڪرڻا آهن ۽ هن برصغير جي چاليهہ ڪروڙن باشندن جي پيچيده مسئلن کي حل ڪندي، جي انتهائي نازڪ حقيقتون دربيش آهن، انهن کي بلند حوصلي سان سلجهائڻو آهي.

هن وقت جيڪي انتهائي ڏکيا ۽ اوکا فريضا اسان کي سرانجام ڏيڻا آهن، انهن جهڙو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ ملي نٿو سگهي. اسان سڀني تي ۽ خاص طرح سان هندستان تي جي سياسي ليڊرن تي، هن وقت نهايت سنگين ذميواريون عائد ٿي چڪيون آهن، انڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پاڻ ۾ متحد ٿي، پنهنجين سڀني قوتن ۽ صلاحيتن کي جمع ڪريون تہ جيئن اختيارات جي منتقليءَ جو ڪم نهايت پر امن ۽ منظم طريقي سان تڪميل تي پهچي سگهي. مان هر فرقي جي ماڻهن کي خاص طرح سان مسلمانن کي پرزور اپيل ٿو ڪريان تہ هو هر هنڌ امن ۽ امان کي برقرار رکن.

اسان کي ان تجويز جي هڪ هڪ لفظ ۽ ان سان گڏ ان جي مفهوم ۽ مطلب تي چڱيءَ طرح سان غور ڪرڻو آهي. ان مان پنهنجي لاءِ مفيد نتيجا اخذ ڪرڻا آهن ۽ پوءِ انهن جي موجودگي ۾ ڪي اهم فيصلا ڪرڻا آهن. مان الله تعاليٰ کان دعا ٿو ڪريان تہ شال حق تعاليٰ هن نازڪ وقت تي اسان جي رهنمائي ڪرڻ فرمائي ۽ اسان کي انهن اهم ذميدارين کي تدبر ۽ دانشمنديءَ سان حل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

هي تہ ظاهر آهي، تہ برطانوي تجويز، ڪن اهم معاملات ۾ اسان جي نقطي نظر جي عين مطابق ناهي، ان ڪري اسان اهو چئي نہ ٿا سگهون تہ اسان ڪو ان تجويز کان پوريءَ طرح مطمئن آهيون. يا ڪن فقرن سان جي هن تجويز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. اسان متفق آهيون: اهو هاڻي اسان تي ڇڏيل آهي، تہ اسان پوريءَ سنجيدگيءَ سان ان تي غور ڪريون ۽ جائزو وٺي اهو ڏسو، تہ بادشاهہ سلامت جي حڪومت جي پاران جا تجويز اسان جي اڳيان رکي وئي آهي، اسان ان کي هڪ مصالحت يا ٺاهہ جي نموني ۾ قبول ڪريون يا رد ڪري ڇڏيون؟

مان ان سلسلي ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪائونسل جي فيصلي جي پيش بندي ڪرڻ نہ ٿو چاهيان جنهن جو اجلاس 8 جون تي گهرايو ويو آهي.

اها ڪائونسل ئي آهي جا اسان جي دستور اسان جي گذريل روايتن ۽ طريقيڪار مطابق، آخري فيصلي ڪرڻ جو حق رکي ٿي، پر جيستائين مان مجموعي طور تي انداز لڳائي سگهيو آهيان ۽ دهليءَ جي مسلم ليگي حلقن ۾ ان تجويز متعلق جو تاثر ورتو ويو آهي، سو نهايت اميد افزا معلوم ٿي رهيو آهي. بهرحال ڪنهن آخري فيصلي ڪرڻ کان اڳ ان تجويز جي خوبين ۽ خامين سميت بين سيني جزئياتي مسئلن تي بہ پوري احتياط سان غور ۽ فڪر ڪرڻ ضروري آهي.

مان ايترو ضرور چوندس، تہ مان محسوس ڪري رهيو آهيان تہ وائسراءِ هند پاران، هن سلسلي ۾ بي شمار مخالف قوتن جو نهايت جرئت سان مقابلو ڪيو ويو آهي لهٰذا سندس اهڙين ڪوششن منهنجي ذهن تي اهو تاثر پيدا ڪيو آهي تہ ان جو محرڪ انصاف پسنديءَ ۽ غير جانبداريءَ جو اعليٰ احساس رهندو آيو آهي. هاڻي اهو اسان جو فرض آهي تہ اسان هن اهم ترين ڪم ۾

سندس لاءِ سهولتون پيدا ڪريون ۽ جيتري قدر اسان کان ممڪن ٿي سگهي، ڪيس تعاون ڏيندا رهون تان تہ ڪيس پنهنجن مقصدن ۾ ڪاميابي حاصل ٿي سگهي ۽ هندستان جي عوام کي اختيارات جي منتقل ڪرڻ وارو مرحلو خير ۽ خوبيءَ سان امن ۽ امان جي ماحول ۾ گذري وڃي.

جا تجويز هن وقت نشر ٿي چڪي آهي، ان جي يارهين (11) پيراگراف مان واضح ٿو ٿئي تہ اتر-اولهہ سرحدي صوبي ۾ راءِ شماري ڪرائي ويندي. ان جي ذريعي سان اتر-اولهہ سرحدي صوبي جي قانون ساز اسيمبليءَ جا نمائندا، ان مسئلي متعلق فيصلو ڏيندا تہ پيراگراف چوٿين (4) ۾ جي بہ متبادل تجويزون موجود آهن هو انهن مان ڪهڙيءَ تجويز کي چونڊ ڪن ٿا. اها راءِ شماري گورنر جنرل جي نگرانيءَ هيٺ، صوبائي حڪومت جي مشوري سان ڪئي ويندي.

جا ان طرح سان اهو واضح ٿي چڪو آهي تہ سرحدي صوبي جي عوام جي متفقہ فيصلي سان ئي هيءَ ڳالهہ طئي ٿيڻي آهي، تہ هو پاڪستان جي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ شريڪ ٿيڻ گهرن ٿا يا هندستان جي دستور ساز جي اسيمبليءَ ۾.

انهن حالتن ۾ مان سرحد جي صوبائي مسلم ليگ کي درخواست ٿو ڪريان تہ هو پنهنجيءَ پر امن سول نافرمانيءَ واري شروع ڪيل تحريڪ کي هاڻي ختم ڪري ڇڏين، جا انهن نهايت مشڪل حالات کان مجبور ٿي شروع ڪئي آهي.

مان مسلم ليگ جي سيني ليڊرن کي پڻ گذارش ٿو ڪريان تہ هو اسان جي عوام کي منظم ڪن، جيئن هو هن راءِ شماريءَ ۾ محبت ۽ حوصلي سان پراميد ٿي دل کولي حصو وٺي سگهن.

مون کي پورو پروسو آهي تہ سرحد جا غيرتمند باشندا، عوام سان متفق ٿي هڪ ئي زبان ۾ گڏجي، پاڪستان جي ئي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڏيندا.

اسان جي شهري آزاديءَ واري جدوجهد ۽ جنگ ۾، مسلمانن جي سيني طبقن جهڙيون مصيبتون برداشت ڪيون آهن ۽ جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، خاص طرح سان سرحد جي خواتين ۽ مستورات جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون

آهن تن سيني لاءِ مان شڪر گذاري ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نہ ٿو سگهيا. ڪنهن بہ فرد يا ڌر تي الزام ڌرڻ ڪان سواءِ جنهن لاءِ هي موقعو بہ مناسب ناهي، مون کي انهن سيني سان دلي همدردي آهي، جن هن جدوجهد ۾ نهايت سخت تڪليفن کي برداشت ڪيو آهي ۽ جن جون جائدادون ۽ ملڪيتون تباھہ ۽ برباد ٿي چڪيون آهن ۽ جن سعادتمند فردن، هن راه ۾ شهادت حاصل ڪئي آهي، منهنجي دل ۾ انهن سيني لاءِ قرب ۽ احترام وارا جذبا موجزن آهن.

مون کي پوري پوري اميد آهي تہ سرحدي صوبي ۾ راءِ شماري نهايت پر امن طريقي سان تڪميل تي پهچندي.

هر شخص کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سرحدي صوبي جي عوام جي آزادانہ، سچي ۽ منصفاڻي راءِ کي حاصل ڪيو وڃي.

آخر ۾ وري بہ سيني باشندن کي امن و امان قائم رکڻ لاءِ پرزور اپيل ٿو ڪريان . پاڪستان زنده باد

**نوٽ:** ”پاڪستان زنده آباد“ جو نعرو قائداعظم جي تقرير ۾ اڳ لکيل نہ هو. قائداعظم جي هيءَ تقرير سندس مخصوص آئيني ۽ قانوني انداز جي آئينيدار هئي. عوام الناس ان تقرير جي معنيٰ خيز حيثيت کي سمجهي سگهيو هجي يا نہ. پر قائداعظم جي نعري ”پاڪستان زندھہ باد“ سان هندستان جي ڏهن ڪروڙن مسلمانن جي دلين ۾ ولولہ انگيز جذبات ضرور پيدا ٿيا هوندا ۽ ڪين اهو يقين ٿي ويو تہ قيام پاڪستان جو فيصلو ٿي چڪو آهي. ان ڪري مترجم جي حيثيت سان ان نعري جو ترجمو ان ڪان سواءِ بيو ڇا ٿو ٿي سگهيو، تہ ”پاڪستان زندھہ آباد“ ئي لکيو وڃي.

# پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ

# کي خطاب

## 11 آگسٽ 1947ع

جناب صدر، خواتين ۽ حضرات!

مون کي پنهنجي پهرين صدر جي حيثيت سان چونڊ ڪري اوهان صاحبن جو اعزاز بخشيو آهي ان سلسلي ۾ مان اوهان سيني جو دل جي خلوص سان بي حد شڪر گذار آهيان. هي سڀ کان وڏو مرتبو آهي جو هيءَ خود مختار اسيمبلي پنهنجي طرف کان عطا ڪري سگهي ٿي. پر انهن رهنمائن جو بہ ممنون ڪرم آهيان جن منهنجي خدمتن جي باب ۾ حوصلہ افزائيءَ ۽ ستائش جا لفظ چيا آهن ۽ پنهجين تقريرن ۾ پنهنجا ذاتي حوالا پيش ڪري منهنجي پر خلوص جدوجهد جو اعتراف ڪيو اٿن. لهٰذا مان اوهان سيني مخلص ۽ مهربان دوستن ۽ سياسي رهنمائن مان هيءَ مخلصاڻي اميد رکي سگهان ٿو. تہ اوهان جي امداد ۽ تعاون سان، اسان هن آئين ساز اسيمبليءَ کي دنيا جي لاءِ عمدو مثال بنائي پيش ڪنداسون.

آئين ساز اسيمبليءَ جا مکيہ فرائض فقط بہ ٿي سگهن ٿا.

هڪ محنت طلب ۽ انتهائي محتاط فريضو. پاڪستان جي آئينده لاءِ آئين جي تشڪيل آهي.

۽ ٻيو پاڪستان جي وفاقي قانون ساز اسيمبليءَ جي حيثيت سان هڪ ڪامل ۽ جامع، آزاد ۽ خودمختار اداري جي حيثيت سان پنهنجن منصبي فرضن جي بجا آوري.

جيتوڻيڪ پاڪستان جي وفاقي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ هڪ عبوري آئين کي منظور ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان پنهنجون بهترين ڪوششون صرف ڪنداسون.

اوهان کي ڄاڻ آهي تہ هن بي مثال انقلاب جنهن جي بدولت هن برصغير

۾ ہن آزاد ۽ خود مختار رياستن جي تخليق ۽ قيام وارو نصب العين وجود پذير ٿيو آهي سو ڪيئن ٿيو؟

نہ فقط اسان پاڻ حيران آهيون بلڪ منهنجي خيال ۾ پوري دنيا محو حيرت آهي!

حقيقت اها آهي تہ اهڙي بلند نصب العين ۽ ان جي ڪاميابيءَ لاءِ جدوجهد جو ڪو نظير ملي نٿو سگهي. سڄيءَ دنيا جي تاريخ ۾ ان جهڙو مثال موجود ناهي.

هن برصغير ۾ جتي هر طرح جا باشندا آباد آهن، اهڙي نصب العين تي عمل ڪرڻ لاءِ منصوبوءِ نظام نافذ ڪيو ويو آهي جو تاريخ ۾ بي مثال ۽ بي نظير آهي.

ان باري ۾ سڀ کان اهم ترين حقيقت هيءَ آهي تہ اسان هيءَ ڪاميابي نهايت پر امن نموني ۾ هڪ ارتقائي عمل جي ذريعي جو اعلىٰ قدرن تي مشتمل هو، حاصل ڪئي آهي.

هن اسيمبليءَ ۾ پنهنجي پهرين تقرير جي موقعي تي مان في الحال ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ٿو ڪري سگهان جا ڪامل غور ۽ فڪر جو نتيجو هجي، پر چند حقيقتون جي اڪثر ڪري ذهن ۾ پيدا ٿي رهيون آهن، اهي هن موقعي تي ضرور پيش ڪندس.

پهرين ۽ سڀ کان گهڻو اهم حقيقت، جنهن تي مان زور ڏيڻ چاهيان ٿو، سا هيءَ آهي:

اوهان سيني کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اوهان هڪ خودمختار قانون ساز اسيمبليءَ جا ميمبر آهيو ۽ اوهانکي سڀ اختيارات حاصل آهن، لهٰذا اوهان تي انتهائي اهم ۽ نازڪ ذميداري عائد ٿئي ٿي تہ اوهان پنهنجا فيصلا ڪيئن ٿا ڪريو؟

پهريون تجربو جنهن جو ذڪر ڪرڻ مان هت نهايت مناسب ٿو سمجهان ۽ جنهن متعلق اميد آهي تہ اوهان بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي مون سان اتفاق ظاهر ڪندا تہ هر حڪومت جو پهريون فريضو اهو آهي تہ هوءَ قانون ۽ نظم و ضبط جي عملداري قائم رکي سگهي. تان تہ ان جي شهرين جي جان، مال ۽ مذهبي عقيدن جي پوري پوري حفاظت ٿي سگهي.

بي حقيقت جا مان محسوس ڪري رهيو آهيان اها هيءَ آهي، تہ سڀ کان

وڏي لعنت جنهن ۾ سڄو هندستان مبتلا آهي، اها آهي رشوت ۽ ان سان گڏ بد ديانتي. مان ائين چئي نٿو سگهان تہ ٻيا ملڪ ان لعنت کان پاڪ ۽ صاف آهن، پر منهنجو خيال آهي تہ اسان جو حال نهايت برو آهي.

رشوت ۽ بدديانتي واقعي زهر آهن، جنهن کي پوري سختيءَ سان ختم ڪرڻ هڪ لازمي امر آهي. مون کي اميد آهي تہ هيءَ اسيمبلي سيني ممڪن ۽ جائز طريقن سان هن لعنت جي خلاف عملي ڪاروائي ڪندي.

چور بازاري ڪندڙن کي اڪثر موقعن تي پڪڙيو وڃي ٿو ۽ کين سزا بہ ڏني وڃي ٿي.

ڪن حالتن ۾ عدالت کان انهن کي قيد جي سزا ملي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مٿن فقط ڏنڊ وڌو وڃي ٿو. اسان کي سوچڻ گهرجي تہ اڄ اسان نهايت بدترين حالتن سان منهن مقابل ٿي چڪا آهيون، اسان غذائي جنسن جي قلت ۽ زندگيءَ جي ضروري شين جي ڪميابيءَ سان مستقل طرح سان گذري ٿي چڪا آهيون، اهڙي حالتن ۾ چور بازاري، سماج جي خلاف انتهائي سنگين ڏوهہ آهي. ان ڪري اوهان تي ڀهريون فرض اهو آيل آهي تہ ان ڀيانڪ ڏوهہ جون پاڙون پٽي ڇڏيو.

منهنجي خيال موجب معاشري ۾ سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان سنگين ڏوهاري جيڪڏهن ڪو آهي تہ پوءِ ان کان بہ وڏي جرم جو مرتڪب اهو شخص ٿئي ٿو جو چور بازاري ڪري ٿو. چور بازاري ڪندڙن کي اوهان باخبر سمجهو. اهي سڀ ڪجهہ ڄاڻن ٿا ۽ عام حالتن ۾ ذميدار قسم جا ماڻهو ئي چور بازاري ڪن ٿا ۽ ٻين کي ستائين ٿا. منهنجو خيال آهي تہ اهڙن کي انتهائي سخت سزا ڏيڻ گهرجي.

جاڪاڻ تہ غذائي جنسن ۽ ضروري شين واري ڪنٽرول ۽ ضابطي جو سارو انتظام ڏوهارين مجرمن جي هٿان تهہ وبالا ۽ برباد ٿي وڃي ٿو ۽ اهي مجرماڻي ذهنيت وارا وسيع پيماني تي فاقہ ڪشي ، احتياج، ايستائين موت جو سبب بڻجي وڃن ٿا.

ٻي ڳالهہ، جا مون کي بار بار خيال ۾ اچي رهي آهي سا آهي اقربا پروري. هيءَ بہ هڪ لعنت آهي، جا اسان کي ڇڻ تہ ورثي ۾ ملي آهي. تمام گهڻين چڱين ۽ بڇڙين شين سان گڏ هيءَ لعنت بہ اسان جي حصي ۾ آئي آهي. ان لعنت کي بہ پوريءَ سختيءَ سان چيپاڻڻو پوندو.

مان هن موقعي تي صاف صاف ظاهر ڪرڻ ٿو چاهيان تہ. مان ڪنهن بہ قسم جي اقربا نوازي، جانبداري، خيوش پروري يا پنهنجي ذات جي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ سڌو سنئون يا واسطي سان اثرانداز ٿيندڙ ڪنهن بہ ڪوشش کي برداشت نہ ڪندس.

جڏهن بہ مون کي معلوم ٿيو. تہ اها روش اختيار ڪئي ويئي آهي يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي اثر ۽ دخل سان ڪٿي گهٽ تہ ڪٿي وڌ موجود ٿي چڪي آهي تہ. پوءِ ياد رکڻ گهرجي تہ. يقيناً اهڙي ذليل حرڪت مان ڪڏهن بہ برداشت ڪري نہ سگهندس ۽ ان لاءِ سخت قانوني ڪاروائي جو حڪم ڏيندس.

مون کي اهو بہ معلوم آهي، تہ ڪجھ ماڻهو هندستان جي ورهاڱي سان متفق ناهن ۽ پنجاب ۽ بنگال جي ورهاڱي سان بہ اتفاق نہ ٿا رکن . ان جي خلاف گهڻو ڪجھ چيو ويو آهي. پر هن وقت جڏهن ورهاڱي کي منظور ڪيو ويو آهي، تڏهن اسان سڀني جو فرض آهي تہ وفاداريءَ سان ان فيصلي تي قائم رهون ۽ جو معاهدو يقيني ۽ اصولي طرح سان ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ اسان سڀ ٻڌل آهيون، ان جو دل سان احترام ڪريون ۽ ان جي مطابق عمل ڪريون.

اوهان بزرگن کي ياد رکڻ گهرجي، تہ جو انقلاب اسان ۽ اوهان جي هوندي ظاهر ٿيو آهي، ان جو تاريخ ۾ ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي، جيئن مون هن کان اڳ بہ ظاهر ڪيو آهي.

محترم بزرگو! جنهن بہ هنڌ تي هڪ فرقي جا ماڻهو اڪثريت ۾ هجن ۽ ٻئي فرقي وارا اقليت ۾ هجن تہ ان صورتحال ۾ انهن ٻنهي فرقن جي وچ ۾ جنهن طرز ۽ انداز جا احساسات پيدا ٿي سگهن ٿا، انهن کي چڱي طرح سان سمجهي سگهجي ٿو. ليڪن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جو ڪجھ بہ ٿي چڪو آهي ڇا ان جي برعڪس ٿيڻ ممڪن يا قابل عمل هو بہ يا نہ؟ ورهاڱو تہ هر حال ۾ ٿيڻو هو.

هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن ۾ آبادي جا ڪيئي اهڙا حصا موجود آهن، جي ان سان متفق نہ ٿيندا ۽ ان کي پسند بہ نہ ڪندا هوندا.

مان ان نتيجي تي پهتو آهيان، تہ ان مسئلي جو ٻيو ڪو بہ معقول ۽ مفيد حل هو ئي ڪو نہ. مون کي يقين آهي تہ مستقبل جي تاريخ مان ئي اڳتي هلي

هن مسئلي جا تائيد ۽ توثيق پيدا ٿي ويندي.

وڌيڪ هيءَ تہ وقت گذرڻ سان گڏ خود اسان جي تجزين مان اها حقيقت ثابت ٿي ويندي تہ هندستان جي آئيني مسئلي جو واحد حل اهو ئي هو جو عمل ۾ اچي چڪو. متحده هندستان جو ڪو بہ تصور قابل عمل ثابت نہ ٿئي ها مان ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ ان جو نتيجو اسان لاءِ خوفناڪ تباهيءَ جي صورت ۾ نڪري نروار ٿئي ها.

اهو بہ ممڪن آهي تہ ورهاڱي وارو نظريو درست ثابت ٿئي پر اهو بہ امڪان آهي تہ اهو نظريو واقعي درست نہ هجي، پر مان تہ ائين ئي چوندس تہ ان جي حقيقت ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندي تہ اهو نظريو غلط هو يا درست هو.

بهرحال هيءَ ڳالهہ ناممڪن هئي تہ ان ورهاڱي جي دوران هڪ يا ٻي رياست جي اندر اقليتن جي معاملي کي نظرانداز ڪيو وڃي ها. اهو هڪ ناگزير سوال هو. جنهن جو هاڻي ڪو بہ حل ناهي. سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ اسان ڇا ڪريون؟

پاڪستان جي عظيم رياست کي جيڪڏهن اسان آسودو، خوشحال ۽ دولت مند بنائڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ اسان کي عوام جي اصلاح ۽ فلاح ڏانهن پورو پورو توجهہ ڏيڻو پوندو ۽ ان مان بہ عام ماڻهن خاص طرح سان نادار، مفلس، بيروزگار، بيمار ۽ مقروض آباديءَ جي فلاح جو ڪم سڀ کان مقدم رهندو.

جيڪڏهن اوهان ماضيءَ جي دؤر جي تلخين کي فراموش ڪري، ان دؤر جي ناخوشگوارين کي دفن ڪندا ۽ باهمي تعاون ۽ محبت سان ڪم جي شروعات ڪندا تہ پوءِ اوهان جي ڪاميابي يقيني آهي. جيڪڏهن اوهان ماضيءَ جي روش کي بدلائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ پاڻ ۾ ميل ميلاپ واري جذبي سان تعميري ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو تہ پوءِ ان جا مفيد ۽ مثبت نتيجا نڪري سگهن ٿا.

اوهان کي اهو بہ سوچڻ گهرجي تہ اوهان مان هر شخص خواه اهو ڪهڙي بہ فرقي جو هجي، ماضيءَ ۾ ٻئي فرقي واري شخص جي پاران پيدا ڪيل تلخيءَ کي جيڪڏهن فراموش ڪري نہ ٿو سگهي تہ پوءِ لازمي طرح سان هت باهمي تعلقات ڪشيده ئي رهندا.

ان مسئلي جي نوعيت ڪجهہ بہ هجي، ٻئي فرقي جي ماڻهوءَ جو رنگ،

نسل، خاندان، ذات ۽ مذهب کهڙو بہ هجي، پاڪستان ۾ رهڻ ڪري اهو شخص هن رياست جو معزز شهري ئي تصور ڪيو ويندو. ان لاءِ رياست وٽ حق، مراعات ۽ فرض بہ اهي ئي آهن، جي اوهان مسلمان باشندن جا آهن. جيڪڏهن اوهان ان صورت ۾ هڪ ٻئي سان باهمي تعلق تعاون ڪان ڪم وٺڻ شروع ڪيو تہ پوءِ ياد رکو تہ اوهان جي ترقيءَ جي ڪا بہ حد ۽ انتها ناهي.

دوستو ۽ بزرگو! مان پنهنجي ڳالهہ ان ڪان وڌيڪ شد ۽ مد سان چئي نہ ٿو سگهان، جا عرض ڪري چڪو آهيان. تمام ضروري آهي تہ اسان جذبہ اخلاص سان پنهنجو ڪم شروع ڪريون.

ياد رکڻ گهرجي تہ وقت جي گذرندي اڪثريت وارا فرقا توڙي اقليت وارا فرقا، هندو فرقا توڙي مسلمان فرقا سڀ باهمي رشتي ۾ پوئجي ويندا ۽ رياست جا هڪ جهڙا شهري شمار ڪيا ويندا.

رنگ، نسل، ذات پات، ڇوت ڇات، زبان، خاندان جا سارا ويڇا ۽ امتياز ختم ٿي ويندا. ڇا لاءِ تہ جيستائين مسلمانن جو تعلق آهي، انهن ۾ بہ ڪيئي گروهہ آهن، پٺاڻ، پنجابي ، شيعہ ۽ سني وغيره.

ان طرح هندن ۾ برهمڻ، کتري، ويش ۽ شودر ان ڪان علاوه بنگالي ۽ مدارسي وغيره اختلاف موجود آهن.

اصل ۾ اوهان جيڪڏهن مون ڪان سوال ڪيو تہ پوءِ مان تہ اهو ئي چوندس تہ هندستان جي آزاديءَ جي رستي ۾ سڀ ڪان وڏي رڪاوٽ اهائي فرقہ بندي هئي. جيڪڏهن اهي فرق ۽ امتياز نہ هجن ها تہ پوءِ اسان ماڻهو اڄ ڪان گهڻو اڳ آزاد ٿي وڃون ها.

ڪا بہ طاقت ڪنهن قوم کي سا بہ پنجاهہ ڪروڙن باشندن واري متحد قوم کي غلام بنائي نہ ٿي سگهي، ڪو بہ فرد اوهان کي فتح ڪري نہ ٿي سگهيو. بشرطيڪ تفرقي واري گندي ۽ ذليل صورت نہ هجي ها.

لهٰذا ان تجربي مان اسان کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. آئون هت ظاهر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اوهان اڄ آزاد آهيو. اوهان پنهنجن مندرن ۾ وڃي سگهو ٿا. اوهان کي پوري آزادي حاصل آهي، اوهان مسجدن ۾ وڃي سگهو ٿا. ڪير بہ اوهان کي روڪي نہ سگهندو. پاڪستان جي رياست ۾ جيڪو بہ اوهان جون عبادتگاهون آهن. اوهان انهن ۾ آزاديءَ سان وڃي سگهو ٿا.

اوهان جو ڪو بہ مذهب، ذات يا مسلڪ ۽ مشرب ٿي سگهي ٿو، پر رياست جي ڪمن سان ان جو ڪو بہ تعلق ناهي.

اوهان کي چڱيءَ طرح سان معلوم آهي ۽ تاريخ مان ظاهر آهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ برطانيہ ۾ بہ هندستان جي موجوده حالتن کان وڌيڪ بدتر حال هو.

رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ فرقن جي گڏيل ڪشمڪش، قتل ۽ خونريزيءَ جو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو هو. ٻئي فرقا هڪ ٻئي کي عذاب ۾ مبتلا ڪري چڪا هئا. اڄ بہ دنيا ۾ ڪي اهڙيون رياستون موجود آهن، جن ۾ ڪنهن فرقي جي خلاف امتياز جي روش قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان جي خلاف پابندي بہ لڳائي وئي آهي.

خدا جو شڪر آهي جو اسان پنهنجو آغاز اهڙي دؤر ۾ نہ ڪيو آهي. اسان پنهنجي ابتدا اهڙي دؤر کان ڪئي آهي، جڏهن ٻن فرقن جي وچ ۾ ڪنهن بہ فرق ۽ امتياز کي جائز نہ رکيو ويو آهي. هڪ ذات يا هڪ عقيدي ۽ ٻي ذات ۽ ٻئي عقيدي جي ماڻهن ۾ ڪا بہ تفريق جائز نہ رکي وئي آهي.

اسان پنهنجن معاملن جو آغاز ان بنيادي اصول سان ڪري رهيا آهيون تہ اسان سڀ هڪ رياست جا شهري آهيون ۽ هڪ ٻئي سان برابري ۽ برادري رکندڙ آهيون.

برطانيا جي باشندن کي وقت گذرڻ کان پوءِ نيٺ حالاتن جي حقيقتن جو مقابلو ڪرڻو پيو ۽ ان سلسلي ۾ برطانيہ پاران جيڪي ذميداريون ماڻهن تي لاڳو ڪيون ويون، ماڻهو انهن کي پوري ڪرڻ لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ لڳا. ۽ اين هڪ هڪ ڪندا. ماڻهو پنهنجين ذميدارين کي پورو ڪندا آيا.

اڄ اوهان بجا طور تي چئي سگهو ٿا تہ رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ پنهنجو ڌار ڌار ڪو وجود نہ ٿا رکن. حقيقت اها آهي تہ هر شخص برطانيہ جو شهري آهي، هڪ ٻئي سان برابري رکندڙ شهري آهي، ۽ ان طرح سڀ فرد گڏجي هڪ قوم جا رڪن بنجي چڪا آهن.

منهنجو خيال آهي تہ ان حقيقت کي مثال طور آڏو رکڻ ضروري آهي. اوهان پاڻ ڏسندا تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ هت هندو، هندو نہ رهندا ۽ مسلمان، مسلمان نہ رهندا. مان هيءَ ڳالهہ مذهبي معنيٰ ۾ نہ ڪري رهيو آهيان، ان ڪري ڪا بہ غلط فهمي پيدا ٿيڻ نہ گهرجي. ڇا لاءِ تہ اها حقيقت هر

فرد لاءِ ذاتي عقيدي جي حيثيت رکي ٿي پر مان اها ڳالھ رياست جي شهري ۽ باشنديءِ هئڻ جي بنياد تي سياسي معنيٰ ۾ ڪري رهيو آهيان.

حضرات! مان اوهان جو وڏيڪ قيمتي وقت ونڻ نہ ٿو گهران ۽ ان اعزاز جو وري بہ شڪريو ٿو ادا ڪريان، جو اوهان مون کي تفويض ڪيو آهي.

مان هميشہ انصاف ۽ ديانت وارن اصولن مان رهنمائي حاصل ڪندو رهندس ۽ سياسي اصطلاح ۾ اهي اصول تعصب ۽ بدخواهي، ٻين لفظن ۾ جانب داري ۽ اقربا نوازيءَ کان پاڪ هوندا ۽ يقيناً اوهان جي امداد ۽ تعاون سان مون کي يقين آهي تہ پاڪستان، دنيا جي عظيم ترين ملڪن مان هڪ مثالي ۽ منفرد ملڪ بڻجي ويندو . مهرباني.

– مرڪزي آئين ساز اسيمبلي - ڪراچي 11- آگسٽ 1947ع

# پاڪستان جي قيام تي نشري تقرير

## 15 - آگسٽ 1947ع

قائداعظم جي هيءَ تاريخي تقرير، جا پاڪستان جي قيام ۽ اُن جي اعلان کان پوءِ ريڊيئي پشاور تان نشر ڪئي وئي، سا جناب انصار ناصري، رٽائرڊ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل، ريڊيو پاڪستان جي پيش ڪيل آهي.

قائداعظم جي هن تقرير جو تاريخي ۽ افادي پهلو اهو به آهي تہ خود وزارت اطلاعات جي طرفان قائداعظم جي تقريرن واري شايع ڪيل مجموعي ۾ هيءَ تقرير موجود ناهي، ان ڪري مسٽر انصار ناصري ان تقرير کي قائداعظم جي "امانت" قرار ڏنو آهي.

مسٽر انصار ناصري ان تقرير جي نشر واشاعت جي سلسلي ۾ هڪ طول طويل تحرير ۾ ڪافي دلچسپ حقيقتون پيش ڪيون آهن.

انصار ناصري صاحب لکيو آهي:

"قائداعظم جي تقرير جو ترجمو مون ڪيو. آخرڪار اها عظيم ۽ مقدس رات آئي، جا حق تعاليٰ جي ارشاد موجب هزار راتين کان افضل رات هئي. يعني 14 ۽ 15 آگسٽ 1947ع جي درمياني رات. رمضان شريف 1366هہ جي 27 (ستاويهين)، رات يعني ليلة القدر ۽ ان سان گڏ خميس ۽ جمعي واري مقدس رات! جنهن جي ٻئي ڏينهن تي، "جمعة الوداع" جو مقدس ڏينهن اچي رهيو هو. اهو عظيم ۽ مقدس بي مثال ۽ سعادت پريو وقت 27 رمضان، ليلة القدر ۽ جمعة الوداع هو. جڏهن پاڪستان جي قيام جو اعلان ٿيو.

معاهدي موجب پشاور جي ريڊيو اسٽيشن اڄ جي ٿين مجلس جي خاتمي تائين آل انڊيا ريڊيئي جي ئي هڪ اسٽيشن هئي . ان طرح دهليءَ کان نشر ٿيل خبرون، پشاور ريڊيو تان اينديون رهيون. جڏهن ڏهين بجي پشاور اسٽيشن جي ٽين مجلس پڄاڻي تي پهتي تڏهن اسان هن طرح اعلان ڪيو:

"هينئر اوهان آل انڊيا ريڊيو تان رات جي خبرن جي بليٽن ٻڌي رهيا هئا،

رات جا ڏهه ٿيڻ وارا آهن، ان سان گڏ آل انڊيا ريڊيو پشاور جي ٿين ۽ آخري مجلس ختم ٿي چڪي آهي. آداب عرض!

"هن کان ٻه ڪلاڪ پوءِ يعني رات جي پوري ٻارهين بجي اوهان هن اسٽيشن تان ان ئي ميٽر تي براڊ ڪاسٽنگ سروس جي خاص مجلس جو پروگرام ٻڌندا". خدا حافظ.

آخر رات جا ٻارنهن وڳا ۽ اسان اڌ رات جي گجر فيلڊان ڪيو ۽ ان جي آخري "ٽن ٽن" سان ئي هي اعلان ڪيو ويو:

السلام عليڪم ورحمة الله! هي پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ سروس جي پشاور اسٽيشن آهي، هن وقت چوڏهين ۽ پندرهين آگسٽ جي وچين رات ۽ رمضان شريف جي ستاويهين رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. الحمد لله.

"مسلمانن جي عظيم ۽ آزاد مملڪت پاڪستان جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي، ان مبارڪ ساعت تي اسان سيني سامعين جي خدمت ۾ پرخلوص هديه تبريڪ پيش ڪيون ٿا. پاڪستان زنده باد! تلاوت ڪلام سماعت فرمايو.

تلاوت ۾ سوره قدر جي تلاوت ڪئي ويئي ۽ ان جو ترجمو پڻ ٻڌايو ويو. ان کان پوءِ نغما پيش ڪري 15 آگسٽ 1947ع يوم استقلال پاڪستان جي پروگرامن جو خلاصو پيش ڪيو ويو. آخر ۾ انصار ناصري صاحب لکيو آهي:

"بهرحال اهو داستان جنهن جو ديباچو 1857ع ۾ هزارن بي گناهن جي خون سان لکيو ويو، سو اڄ 15 آگسٽ 1947ع تي تڪميل تي پهچي ويو"

ان پهرئين پاڪستان جي قيام جي موقعي تي قائداعظم جي تقرير پيش ڪئي وئي، جنهن جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو: غ.م.گ.

## تقرير جو متن:

اهليان پاڪستان! السلام عليڪم!

مان انتهائي مسرت ۽ شادماني ۽ قلبي احساسات سان گڏ اڄ اوهان جي خدمت ۾ مبارڪ ۽ تهنيت پيش ڪريان ٿو.

14 آگسٽ اسان جي آزاد ۽ خودمختار مملڪت پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو ڏينهن آهي، اڄ جو مبارڪ ڏينهن مسلم قوم جي ڪاميابي ۽ آبرومندي جو ڏينهن آهي، جنهن پنهنجي وطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ورهين کان جدوجهد ڪئي آهي.

اڄوڪي انتهائي اهم وقت تي منهنجي دل اسان جي جنگ آزاديءَ جي انهن دلير مجاهدن جي ياد سان معمور آهي، جن پاڪستان کي حقيقت ناهڻ جي راهه ۾ پنهنجي مال بلڪ جان جي قرباني پيش ڪئي آهي. مان انهن کي يقين ٿو ڏياريان تہ پاڪستان هميشہ انهن جو ممنون احسان مند رهندو ۽ انهن ساٿين کي، جي اڄ اسان وٽ موجود ناهن تن کي هميشہ لاءِ ياد رکيو ويندو.

هن نئين مملڪت جي قائم ٿيڻ شرط پاڪستان جي شهرين تي زبردست ذميواري لاڳو ٿي آهي، ڪين اهڙو موقعو حاصل ٿيو آهي، جنهن ۾ هو دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاري سگهن ٿا تہ، ڪهڙي طريقي سان هڪ اهڙي قوم جنهن ۾ ڪيئي مختلف عناصر شامل آهن، پاڻ ۾ اتحاد ڪري صلح ۽ امن سان زندگي گذارين ٿا. ۽ مذهب نسل جي امتياز ۾ فرق ڪان سواءِ پنهنجن سيني شهرين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مخلصانہ طور خدمت ڪن ٿا.

اسان جو نقطہ نظر امن هئڻ گهرجي، ملڪ ۾ اندر بہ ۽ ملڪ کان ٻاهر بہ اسان صلح ۽ امن سان رهڻ گهرون ٿا ۽ ان سان گڏ پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي باشندن سان ۽ ساري انسان ذات سان خوشگوار ۽ دوستانہ تعلقات رکڻ گهرون ٿا. اسان ڪنهن جي خلاف جارحانہ ارادا نٿا رکون ۽ اسان گڏيل قومن جي منشور جا پابند آهيون ۽ عالمي امن ۽ خوشحاليءَ جي فروغ ۾ دلي خوشيءَ سان حصو وٺندا رهنداسون.

هندستان جي مسلمانن اهو دنيا کي ڏيکاريو آهي تہ مسلمان هڪ متحد قوم آهن. ان جا مطالبا ۽ مقصد سب حق ۽ انصاف تي ٻڌل آهن. جن کي ڪڏهن بہ رد ڪري نٿو سگهجي.

اچو اڄوڪي مبارڪ ڏينهن تي اسان الله تعاليٰ جي بخشيل نعمتن جو شڪر ادا ڪريون ۽ دعا ڪريون تہ اسان کي ان جي اصل ثابت ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اڄوڪي ڏينهن تي اسان جي قومي تاريخ جي تلخين سان ڀريل دور جو خاتمو ٿي چڪو آهي ۽ اڄوڪي ڏينهن تي اسان جي نئين ۽ شاندار ۽ پروقار دور جو آغاز بہ هئڻ گهرجي.

پنهنجين سرحدن جي آزادي پسند قبيلن ۽ سرحدن کان ٻيءَ پار مملڪتن ۽ آباد باشندن جي خدمت ۾ پڻ اسان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا ۽ ڪين يقين ٿا

ڏياريون تہ پاڪستان انهن جي عظمت ۽ مرتبي جو هميشہ هميشہ احترام ڪندو رهندو ۽ امن جي قيام جي سلسلي ۾ انهن سان هميشہ دوستانہ طور تي تعاون ڪندو رهندو.

اسان چاهيون ٿا تہ اسان پاڻ بہ باعزت زندگي بسر ڪريون ۽ ٻين ڪي بہ باعزت زندگي بسر ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيون. ان ڪان وڌيڪ اسان جي ٻي ڪا بہ تمنا ڪانہ آهي.

آخر ۾ منهنجا عزيز هم وطن دوستو ۽ ڀائرو! مان اوهان ڪي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ پاڪستان جي سرزمين عظيم وسيلن ۽ ذخيرن سان مالا مال آهي پر هڪ اهڙي ملڪ بنائڻ جي لاءِ جو مسلم قوم جي شايان شان هجي، اسان ڪي پنهنجين سيني قوتن ڪي استعمال ڪرڻ جي ضرورت رهندي ۽ مون ڪي پروسو آهي تہ ان مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جا سڀ رهاڪو دل ۽ جان سان پنهنجي پوري قوت ۽ صلاحيت ڪي وقف ڪندا.

”پاڪستان زنده آباد!“

# پاڪستان جي پهرين سالگره تي قوم کي خطاب

## 14 آگسٽ 1947ع

اهل پاڪستان! السلام عليڪم: اڄ اسان پنهنجي آزاديءَ جي پهرين سالگره جو جشن ملهائي رهيا آهيون. اڄ کان پورو هڪ سال اڳ پاڪستان جي رهواسين کي ڪامل اختيارات سپرد ڪيا ويا هئا ۽ پاڪستان جي حڪومت موجوده ترميم ٿيل دستور جي ماتحت مملڪت جي انتظام جون واڳون سنڀاليون هيون.

اسان گذريل سڄي سال ۾ پيدا ٿيل مشڪلاتن ۽ حادثن جو مقابلو حوصلي ۽ عزم بلند سان ڪيو آهي. دشمن جي وار جنهن جو هر ذڪر ڪيو ويو آهي، خصوصاً مسلمانن کي هڪ مستقل قوم جي حيثيت هوندي به ختم ڪرڻ لاءِ جيڪي منظم سازشون ڪيون ويون آهن، تن جي خلاف جا ڪاميابي اسان حاصل ڪئي آهي، اها حيرت انگيز آهي. اسان جي ملڪي تعمير جي ڪم ڪار جو نتيجو اسان جي عزيز ترين دوستن جي اميدن کان گهٽ وڌيڪ نڪتو آهي. مان دستور ساز اسيمبلي ۽ مجلس قانون ساز ۽ مختلف انتظامي محڪمن ۽ فوج کي انهن نمايان ۽ قابل فخر ڪارنامن تي مبارڪ ڏيان ٿو، جن تمام ٿوري عرصي ۾ پاڪستان جي تعمير ڪندي، ڪامياب جدوجهد ڪئي آهي.

مان اهل پاڪستان جو پڻ شڪر گذار آهيان، جن نهايت صبر ۽ تحمل کان ڪم ورتو آهي ۽ پاڪستان جو پهرئين سال جي تعميري پروگرام کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ اسان سان دلي تعاون ڪيو آهي.

حضرات! مان ٻڌائڻ گهران ٿو ته اهو ڪافي ناهي. ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان جو قيام هڪ اهڙو ته حيرت انگيز واقعو آهي جنهن جهڙو مثال پوري تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

پاڪستان دنيا ۾ سڀ کان وڏي اسلامي مملڪت آهي. اسان جيڪڏهن ديانتداري، خلوص ۽ بي غرضيءَ سان ڪم ڪيو ته پوءِ هيءَ اسلامي سلطنت ٻه سال بسال شاندار خدمتون انجام ڏيندي ايندي.

مون کي پنهنجي عوام تي ڪامل ڀروسو آهي. مون کي اهو به يقين آهي ته هر موقعي تي اسان جو عوام اسلام جي تاريخ، ملت جي شان شوڪت ۽ پنهنجي تهذيبي روايات جي مطابق عمل پيرا رهندو ايندو.

انهن لکها مسلمان مهاجرن جو داستان، جي سرحدن جي هن پار کان پنهنجن گهرن کي ڇڏي اچي پاڪستان ۾ پناه گزين ٿيا آهن، سيني کي معلوم آهي. اهو المناڪ حادثو ان وقت پيش آيو، جڏهن پاڪستان جي مملڪت جو اڃا پوريءَ طرح سان قيام به نه ٿيو هو.

حقيقت اها آهي ته خود حڪومت جا ميمبر ۽ نمائندا جن کي حڪومت جو نظام سنڀالڻ هو، سي به ان دردناڪ حادثي سان منهن مقابل ٿي چڪا هئا.

مون کي خبر آهي ته اسان جي انهن بي گهر ستم رسيده ڀائرن جي آباديءَ لاءِ جو ڪجهه ٿيڻ ڪپندو هو، سو اڃا نه ٿي سگهيو آهي، اڄ سوڌو انهن جو وڏو حصو مشڪلاتن ۾ مبتلا آهي. پر اها به هڪ حقيقت آهي ته مهاجرن جي جيتري تعداد کي اسان آباد ڪري چڪا آهيون، سو به ڪو معمولي ڪم ناهي.

جيڪڏهن اهل پاڪستان، ڀائيپيءَ ۽ برادريءَ جي شاندار جذبي جو اظهار نه ڪن ها ته پوءِ عوام ۽ حڪومت زبردست مشڪلاتن ۾ گهيريل هجن ها ۽ جيڪڏهن مشڪلاتن جي مقابلي ۾ بي مثال ۽ تاريخي قرباني ۽ ايثار کان ڪم نه ورتو وڃي ها ته پوءِ مملڪت جي سڄي عمارت زمين دوز ٿي وڃي ها.

حضرات! هن نئين پيدا ٿيل مملڪت کي شروع ۾ ئي سازشي طريقن سان تباهه ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو ويو پر اهي سڀ حربا ناڪام بنايا ويا.

اسان جي دشمنن کي اها اميد هئي ته سندن دلي منشا اقتصادي چالبازين سان پوري ٿي سگهندي. ان سلسلي ۾ انهن سيني دليلن ۽ معاملن کان ڪم ورتو ويو، جي بغض ۽ دشمنيءَ کان تراشيا ويا هئا.

اڳڪٿيون ڪيو ويون ته چاڻ پاڪستان جو ڏيوالو نڪتو! سندن اهو به خيال هو ته تلوار ۽ باهمي عناد مان جيڪڏهن مقصد حاصل نه به ٿيو ته به هيءَ مملڪت مالي تباهيءَ جي ڪري زوال پذير ٿي هڪ ڏينهن ناس ٿي ويندي.

پر الله جي فضل ۽ ڪرم سان اسان جي بدخواهہ نجومين جون اهي سڀ اڳڪٿيون ڪوڙيون ثابت ٿيون ۽ اسان جي پهرين بجيٽ ۾ ئي بچت ڏيکاري وئي. اسان جي تجارت جو توازن اسان جي حق ۾ رهندو آيو آهي ۽ اقتصادي ميدان ۾ بہ باقاعده ۽ مجموعي حيثيت سان ترقي ٿيندي رهي آهي.

حضرات! ڪنهن ملڪ جي مستقبل ۽ ان جي خوشحالي ۽ ترقيءَ متعلق قطعي ۽ يقيني اندازي لڳائڻ لاءِ هڪ سال جي مدت تمام ٿوري آهي . پر جنهن نموني سان اسان زبردست مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آيا آهيون ۽ گذريل ٻارنهن مهينن ۾ جا ترقي ڪئي وئي آهي ان کي اڳيان رکي اسان آئنده لاءِ نهايت يقيني تصورات قائم ڪري سگهون ٿا .

نظام مملڪت کي ئي ڏسو. مرڪزي حڪومت ۾ جو ڪجهہ نظام موجود آهي، اهو اسان کي نئين سري ڪرڻو پيو آهي پر هن طرف مغربي پنجاب ۾ تہ مملڪت جي قيام سان گڏ انتظام حڪومت درهم برهم ٿي ويو!

مان نهايت دلي مسرت سان ائين چئي سگهان ٿو تہ انهن سيني خطرن کي اسان ڪاميابيءَ سان منهن ڏئي چڪا آهيون، جي خطرا اسان جي مملڪت جي استحڪام ۽ قومي اتحاد لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿين ها .

پيو تہ وقت جي وڏن وڏن ۽ مشڪل مسئلن جي باري ۾ نہ فقط پاڪستان عزم ۽ استقلال جو ثبوت ڏنو آهي بلڪ اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ پاڪستان عالمگير مسئلن کي بہ خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ لاءِ صلاحيت پيدا ڪري چڪو آهي.

قدرت پاران اوهان کي سڀ ڪجهہ بخشيو ويو آهي، اوهان جا وسيلا لامحدود آهن. اوهان جي مملڪت جا بنياد مضبوط ۽ پختا پئجي چڪا آهن. هاڻي اهو اوهان جو ڪم آهي تہ اوهان انهن بنيادن تي جلد کان جلد سهڻي عمارت تعمير ڪرڻ ۾ سرفراز ثابت ٿيو.

وڌو اڳتي وڌو، خدا اوهان جو حامي ۽ ناصر آهي.

# ايمان، اتحاد ۽ تنظيم

- ڪنهن بہ شاندار ڪارنامي ڪي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ يا ملڪ جي قومي زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ صحيح مقام حاصل ڪرڻ جي لاءِ "خدمت تڪليف" ۽ "قرباني" ٽيئي بنيادي تقاضائون آهن.

بابو راجيندر پرشاد جي پيشڪش جي جواب ۾

26 جولاءِ 1937ع

- مون هن کان اڳ ۾ بہ ڪيئي ڀيرا اشارو ڪيو آهي تہ مسلمانن جو هڪ گروهہ پوري جماعت ۽ تنظيم کان وڇڙيل آهي انهن جو رخ انگريزن ڏانهن آهي ۽ پنهنجي اسان ڏانهن آهي.

جيڪڏهن اڄ انهن کي تلخ نتيجن جو ڪو احساس پيدا نہ ٿيو آهي تہ پوءِ ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.

خدا انهن جي مدد ڪري ٿو، جي پنهنجي مدد پاڻ ڪن ٿا. مان چاهيان ٿو تہ مسلمان پنهنجي ذات تي اعتماد ڪرڻ سکن ۽ پنهنجي تقدير ڪي پاڻ پنهنجن هٿن سان سنوارين.

اسان کي اهڙن مستقل مزاج ۽ ديانتدار، باحوصلہ ۽ ايماندار ماڻهن جي ضرورت آهي، جن ۾ امنگ ۽ عزم هجن، جي پنهنجن عقيدن لاءِ اڪيلي سر بہ وڙهي سگهن، خواهہ سڄي دنيا سندن خلاف ڇو نہ هجي! اسان کي پاڻ ۾ طاقت ۽ قوت پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، طاقت ۽ قوت، جنهن جو سرچشمو آهي عوام جو استحڪام ۽ اتحاد.

اجلاس مسلم ليگ - لکنؤ 15 - آڪٽوبر 1937ع

- هندستان جي اٺن ڪروڙ باحوصلہ مسلمانن کي ڊپ ۽ ڊاءِ جي ضرورت ناهي. سندن تقدير سندن ئي هٿن ۾ آهي. مسلمان متحد ۽ منظم طاقت جي حيثيت سان، هر خطري جو مقابلو ڪري سگهن ٿا. اوهان جي هٿن ۾ يقين ڪريو تہ ساحرانہ طاقت موجود آهي. هاڻي اوهان کي پنهنجن فيصلن تي فولادي ديوار وانگر قائم رهڻ گهرجي. اوهان جو مستحڪم ۽ متحد رهڻ،

نهايت اهم، ضروري ۽ نتيجہ خيز آهي. ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان اڳ ان تي پهريائين هڪ هزار ڀيرا غور ڪريو ، پر جڏهن ڪو فيصلو ٿي وڃي، تڏهن هڪ فولادي ديوار وانگر مضبوطيءَ سان قائم رهو. اوهان ڪي صداقت شعار ۽ وفادار رهڻ گهرجي.

انهن حقيقتن تي عمل ڪرڻ کان پوءِ، يقين آهي تہ ڪاميابي ۽ فتح، اوهان جي قدمن ۾ هونديون.

سالانو اجلاس مسلم ليگ - لکنؤ 15 - آڪٽوبر 1937ع

- مون کي يقين آهي ۽ اوهان بہ مون سان اتفاق ڪندا تہ ڪانگريس جي حڪمت عملي اها آهي تہ ڪنهن بہ طرح سان مسلمانن ۾ ڦوٽ وڌي وڃي. اها برطانوي حڪومت جي اهائي پراڻي چال آهي تہ "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" ڪانگريسي ليڊر، پنهنجي آقا انگريزي بهادر جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن اوهان کي انهن جي چال ۾ ڦاسڻ نہ گهرجي.

مسلمانن لاءِ اڄ ڪلهہ موت ۽ حيات جو مسئلو سامهون آهي.

مون کان اهو ٻڌي ڇڏيو تہ جيڪڏهن مسلمان ۾ اتحاد ۽ نظم نہ پيدا ٿيا تہ پوءِ هو ڪنهن بہ قيمت تي گهرو ويڙهہ، بربادي. تباهي ۽ زوال جي گرفت کان نہ ٿا بچي سگهن.

مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ 5 فيبروري 1938ع

- اهو ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن الله نہ ڪري مسلمانن کي پنهنجي ارادي ۽ مقصد ۾ ناڪامي نصيب ٿي، تہ پوءِ اها پنهنجن مسلمانن جي ئي دغا بازي ۽ غداريءَ جي ڪري ٿيندي. جيئن گذريل زماني ۾ ڪئين ڀيرا ٿي چڪو آهي. پر هر انصاف پسند ۽ سچي مسلمان کي منهنجو عرض آهي تہ هو پنهنجي جماعت جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ متحد ۽ متفق ٿي، مسلمان جي نمائنده تنظيم ۾ شريڪ ٿين، ۽ ان جي نصب العين کي ڪامياب بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪن.

سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ڪراچي 9 آڪٽوبر 1938ع

- مسلمانن ۽ انهن جي تنظيم جو مدار مسلم عوام تي آهي. اهو خدائي آهي، جنهن ڏانهن مدد لاءِ مسلمانن جون آسائتيون نظرون کڄي چڪيون آهن.

اجلاس مسلم ليگ- پاٽنا 26 ڊسمبر 1938ع

- ڪنهن تي بہ اجائي ڀروسي ڪرڻ مان ڪو فائدو نہ پهچندو. اسان کي

پنهنجو پاڻ تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

مان هر شخص جي دوستيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر ڀروسو پنهنجي طاقت تي ڪندس.

مسلم ليگ اڄ تائين ڪيئي معقول ڪم ڪيا آهن، پر اجا تہ سندس آغاز ئي مس ٿيو آهي.

اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هندستان ۾ بہ اصل ۾ هڪ جنگ جاري آهي. مان اوهان کي اپيل ٿو ڪريان تہ ڪنڌ، ڪنڌن سان ملائي، سرفراز ٿي بيهي وڃو ۽ مسلم ليگ جي صفن ۾ قوت پيدا ڪريو.

مسلم يونيورسٽي- عليگڙهہ 6 مارچ 1940ع

- اي خادمان اسلام! اوهان پنهنجي ملت ۽ عوام کي اقتصادي، سياسي، تعليمي ۽ معاشرتي محاذن تي منظم ڪريو. ان کان پوءِ اوهان کي نظر ايندو تہ اوهان يقيناً ڪا قوت آهيو، قوت بہ اهڙي جنهن کي هر ڪو شخص تسليم ڪندو.

اجلاس مسلم ليگ- لاهور، 23 مارچ 1940ع

- پنهنجيءَ تنظيم کي اهڙو تہ پختو ۽ مضبوط ڪريو، جو اوهان کي ٻين تي ڀروسي ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ ٿئي. بس ان ۾ ئي اوهان جي لاءِ حفاظت جو بهترين راز سمايل آهي. ان جو مطلب اهو وٺڻ نہ گهرجي تہ اسان ڪنهن جي خلاف بدخواهي ۽ دشمني پيدا ڪريون.

اوهان پنهنجن حقن ۽ مفادن جي حفاظت لاءِ اهڙي طاقت پيدا ڪيو، جنهن سان اوهان پنهنجي مدافعت بہ ڪري سگهو.

آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس- لاهور، 23 مارچ 1940ع

- اوهان هندستان جي مسلمان شاگردن ۾ اهڙي تہ تنظيم پيدا ڪريو، جو هو پنهنجي مفاد جي حفاظت لاءِ هڪ مرڪز تي گڏ ٿي سگهن ۽ مسلم عوام جي معاشرتي اقتصادي ۽ تعليمي ترقيءَ لاءِ تعمير پسند نظام پيدا ڪري سگهن.

اسلامي ثقافت ۽ حضرت محمد ﷺ جي تعليم کي زندهہ ڪري سگهن ان سان گڏ هندستان جي سيني مختلف قومن، نسلن ۽ گروهن لاءِ ڀائيپيءَ ۽ برادريءَ جا جذبات پيدا ڪن.

آل انڊيا مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي خطاب - جالنڌر 15 نومبر 1942ع

- مسلمان قوم هڪ خدا، هڪ رسول ۽ هڪ ڪتاب تي ايمان ۽ يقين رکي ٿي.

اسان جي اها ڪوشش آهي تہ انهن کي هڪ پليٽ فارم تي، هڪ جهنڊي هيٺيان جمع ڪريون. اهو جهنڊو، پاڪستان جو جهنڊو آهي.

مسلم ليگ ڪانفرنس- پشاور 21 نومبر 1945ع

- جيڪڏهن قوم پرست (نيشنلسٽ) مسلمان واقعي سچار ۽ ايماندار آهن تہ مسلمانن جي حريف جماعت، ڪانگريس جي پناهہ گاهہ کي گهٽ ۾ گهٽ ڇڏي ڏين.

ڪين مسلمانن جي قومي تنظيم ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي ۽ مسلمانن جي رهنمائيءَ ڪرڻ لاءِ مسلمانن سان شريڪ ٿيڻ گهرجي.

ڪين جيڪڏهن مسلمانن جي واحد تنظيم جي پاليسيءَ ۽ پروگرام سان ڪو اختلاف آهي، تہ پوءِ ان حالت ۾ ڪين گهرجي تہ هو مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي، ان جي پاليسيءَ ۽ پروگرام جي اصلاح ڪن، پر هيءَ خودڪشيءَ واري پاليسي ترڪ ڪن.

مسلم چيمبر آف ڪامرس بمبئي 21 ڊسمبر 1945ع

- مان اهو محسوس ڪري رهيو آهيان تہ مسلم ليگ جي لاءِ اهڙو وقت اچي چڪو آهي، جڏهن اسان جو نعرو هئڻ گهرجي: اتحاد، ايمان ۽ تنظيم.

جيڪڏهن اسان جي قوم ۾ ڪافي طاقت موجود ناهي تہ پوءِ اهڙي طاقت اسان کي ئي پيدا ڪرڻي آهي.

مسلم ليگ- ڪائونسل بمبئي 27جون 1946ع

- رمضان جو مبارڪ مهينو، اسلاميان هند کي نظم ۽ ضبط جو هڪ زبردست سبق سيکاري ٿو هاڻ اسان کي حقيقتن تي نگاهہ رکڻ گهرجي. مان مسلمانن کي التجا ڪندس تہ هو هڪ منظم، باعظمت، باوقار ۽ تربيت يافتہ قوم وانگر پنهنجن سيني قوتن کي هڪ مرڪز تي گڏ ڪن. مصيبتن کي برداشت ڪري پنهنجي راهہ ۾ آيل سيني رڪاوٽن کي دور ڪن. ان ڪان سواءِ آزاديءَ جي لڳ تي هلڻ جو بيو ڪو بہ وسيلو ڪو نہ آهي.

مان چاهيان ٿو تہ اڄ هن مبارڪ موقعي تي هندستان جا سڀ مسلمان، مرد، عورتون، پوڙها، جوان ۽ ٻار سڀ هڪ تربيت يافتہ سپاهيءَ وانگر حوصلي

سان زندگيءَ جي سيني تعليمي معاشرتي ، سياسي ۽ اقتصادي شعبن ۾ ڪم ڪرڻ جو عهد ڪن. جيئن ڏهن ڪروڙن جي زنده جاويد مسلمان قوم ڪي پنهنجي تابناڪ ماضيءَ ۽ تاريخي روايات جي مطابق عظمت ۽ سربلندي حاصل ٿئي .

عيد جو پيغام 29 آگسٽ 1946ع

- مسلمانن جو ڇوٽڪارو، سندن اتحاد، ايمان ۽ تنظيم ۾ لڪل آهي.

ان سان گڏ، پنهنجي مقصد، نصب العين، اجتماعي نظام ۽ جماعت جي قائد تي ڪامل اعتماد، جو گذريل ڏهن سالن کان مسلمانن جي بي لوث خدمت ڪري رهيو آهيان.

اخباري بيان 25 جون 1947ع

- پاڪستان بنجي چڪو آهي، ان جو ٻيو ثبوت ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اڄ اوهان حصول پاڪستان جي خوشيءَ ۾ هڪ ضيافت ڪري رهيا آهيو ۽ ان ۾ مون کي بہ دعوت ڏني اٿو.

هن وقت اسان جي سامهون، پاڪستان جي تعميري ترقيءَ جو اهم ۽ مشڪل ڪم آهي. جو اسان جي قوت ۽ توانائيءَ جي ذري ذري جي تقاضا ڪري رهيو آهي.

انشاءَ الله تعاليٰ. اسان هن نئين ۽ سڀ کان وڏي اسلامي مملڪت کي مڪمل اتحاد، 'ايمان ۽ تنظيم' سان دنيا جي هڪ عظيم ۽ مثالي مملڪت بنائي ڏيکاريندا سون.

لنڊن مسلم ليگ جي دعوت جي جواب ۾ تار 7 جولائي 1947ع

- هڪ ٻئي تي مڪمل اعتماد پيدا ڪريو، هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ شروع ڪريو.

پاڪستان کي صحيح معنيٰ ۾ خوشحال، صحيح معنيٰ ۾ طاقتور بنائڻ جي لاءِ، جيڪڏهن ضرورت پوي تہ رات ڏينهن ڪم ڪريو، ڏينهن جو بہ ڪم ڪريو ۽ رات جو بہ ڪم ڪريو، بلڪ ٻيڻي ۽ ٽيڻي محنت ڪريو.

ڪراچي ڪلب ۾ تقرير 9 آگسٽ 1947ع

- جڏهن افق تي تاريڪيءَ جا بادل ڇانيا بيٺا آهن، پر مان اوهان کي اپيل ٿو ڪريان ۽ قوم جي نالي پيغام ٿو ڏيان تہ پنهنجي دل ۾ جذبو ۽ جوش

وخروش پيدا ڪريو ۽ حوصلي ۽ اميد سان پنهنجي ڪم کي لڳي وڃو. انشاءالله ڪاميابي اسان جا قدم چمندي. مايوس ٿي ويهي رهون؟ هرگز نه!

اسلام جي تاريخ عزم، حوصلي ۽ استقلال جي مثالن سان ڀري پئي آهي. بس مشڪلاتن، رڪاوٽن ۽ مصيبتن جي هوندي به اڳتي وڌندا رهو.

مون کي يقين آهي ته ستن ڪروڙن جي اهڙي متحد قوم، جا عظيم ارادن جي مالڪ هجي، عظيم تهذيب رکندي هجي، عظيم تاريخ جي وارث هجي، انکي ڪنهن به قسم جو خوف محسوس نه ڪرڻ گهرجي. هاڻي اهو اوهان جي ذمي آهي ته ڪم ڪريو، ڪم، ڪم، ڪم. ڪاميابي اسان جو مقدر آهي، ۽ پنهنجو نعرو ڪڏهن به نه وساريو "اتحاد، ايمان ۽ تنظيم"

نشرياتي تقرير- لاهور 30آڪٽوبر 1947ع

- اسان اڄ ڪلهه نهايت ڏکئي دؤر مان گذري رهيا آهيون. مستقبل جو روشن سج اجا تائين نه اڀريو آهي، پر مون کي يقين آهي ته اتحاد، ايمان ۽ تنظيم جي اصولن تي عمل ڪرڻ سان نه فقط دنيا جي پنجين وڏي مملڪت تي رهنداسون، بلڪ هر قوم سان برابري ڪري سگهنداسون. ڇا، اوهان آزمائش جي ان باهه مان لنگهڻ لاءِ تيار آهيو؟ عوام جي خدمت، ديانت ۽ تندهي سان ڪرڻ جو ارادو پيدا ڪرڻ گهرجي.

اسان خوف، خطري، پريشانيءَ ۽ انتشار جي دؤر مان گذري رهيا آهيون. ان ڪري اتحاد، ايمان ۽ تنظيم اسان جا بنيادي اوصاف هئڻ گهرجن.

ريلوي آفيسرن کي خطاب 27 ڊسمبر 1947ع

- متحد ٿي رهو، قوم جي مجموعي بهبوديءَ جي خاطر، جي ڏک ۽ ڏولاوا اچن ته انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. انفرادي توڙي اجتماعي طرح سان پنهنجي قوم ۽ مملڪت جي فلاح جي خاطر، وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ کان به قدم نه هٽايو. صرف ان طريقي سان اوهان پاڪستان کي دنيا جي عظيم ترين سلطنت بنائي سگهو ٿا نه صرف آباديءَ جي لحاظ سان، جيئن اڄ به آهي بلڪ طاقت جي لحاظ سان به. تان ته دنيا جون سڀ قومون اوهان جي عزت ڪن.

جلسه عام- ڍاڪا 21 مارچ 1948ع

- نهايت مختصر مدت ۾ ايڏا وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا ويا آهن، جن مان اهو ظاهر ٿي رهيو آهي ته انسان جو عزم ۽ ارادو ڇا ڇا نه ڪري سگهي ٿو.

ترقيءَ جي لاءِ بيشڪ سيڙپ جي ضرورت ٿئي ٿي، پر ماڻهن جي اصلي ۽ سچي خوشحاليءَ جي ضمانت تہ انساني محنت ۾ آهي. مون کي ان تي فخر آهي تہ پاڪستان ۾ هڪ اهڙي قوم آباد آهي، جنهن جا ماڻهو نهايت محنتي، ارادي جا صاحب ۽ با حوصلہ آهن، ۽ جن جي روايتن مان ظاهر آهي تہ انهن شاندار ڪارناما انجام ڏنا آهن ۽ ان قوم منفرد ۽ ممتاز مقام حاصل ڪيو آهي.

چٽگانگ جي هڪ آجياڻي ۾ خطاب ۾ 26 مارچ 1948ع

- اسان صرف پنهنجي متحد ڪوشش ۽ تقدير تي ايمان رکڻ جي ڪري ئي، پنهنجن خوابن ۾ آباد پاڪستان کي حقيقي روپ ڏيئي سگهون ٿا.

اوهان ٽيهن ڏينهن جي روزن رکڻ کان پوءِ اڄ عيد جون خوشيون ملهائي رهيا آهيو. مسلمانن تي روزا فرض ڪيا ويا، محض منجهن نظم، ضبط ۽ تنظيم جي عادت پيدا ڪرڻ لاءِ.

۽ هي اهي اوصاف آهن جن جي وڌ ۾ وڌ پاڻ ۾ پرورش هئڻ گهرجي. هي اهي اوصاف آهن، جن ۾ اوهان جي ڇوٽڪارو ۽ قومي ترقيءَ جو راز سمايل آهي.

عيد جو پيغام 27 آگسٽ 1948ع

# اسلام - ان جا قدر ۽ اصول

اسلام جي تعليم جي روشن روايتن ۽ ادبي خزانن کي مطالع ڪرڻ ڪان پوءِ واضح ٿو ٿئي تہ دنيا جي ڪا بہ ٻي قوم، جمهوريت ۾ مسلمانن جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. چالاءِ تہ مسلمان پنهنجي مذهبي عبادت ۽ روايت ۾ بہ جمهوري نقطي نظر رکن ٿا.

اجلاس مسلم ليگ- لکنؤ - 31 ڊسمبر 1916ع

- مان فلسطين جي مسئلي متعلق ڪجهہ چوڻ گهران ٿو، ان جو هند جي مسلمانن تي نهايت گهرو اثر پوي ٿو.

حڪومت برطانيہ جي پوري پاليسي اها رهي آهي تہ برطانيہ مندي ڪان وٺي اڄ تائين عربن کي دوکو ڏيندي آئي آهي. عربن جي سادگيءَ ۽ اعتبار ڪرڻ واري فطرت مان برطانيہ پورو پورو فائدو ورتو آهي. برطانيہ، ان واعدي کي پورو نہ ڪيو آهي، جو هن جنگ عظيم جي دباءَ جي ماتحت ڪيو هو، جنهن ۾ اهو چيو ويو هو تہ عربن کي مڪمل آزادي جي ضمانت ڏيون ٿا. ان واعدي کي عرب وفاق جي تشڪيل جو اعلان چيو وڃي ٿو. عربن سان ڪوڙو واعدو ڪري انهن مان فائدو وٺي برطانيہ پاران بدنام اعلان باسفور جي ذريعي پاڻ کي عربن تي مسلط ڪيو ويو ۽ يهودين لاءِ هڪ قومي وطن بنائڻ واري پاليسي ناهڻ کان پوءِ، هاڻي برطانيہ پاران فلسطين کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. ان طرح رائل ڪميشن جي سفارشن يعني ان ڏک ڀري داستان جو آخري باب بہ لکي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ان کي عملي طرح سان لاڳو ڪيو ويو تہ پوءِ ائين ڪرڻ سان ڄڻ عربن جو پنهنجي وطن ۾ خون هاريو ويندو.

اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اسان اصل واقعن تي غور ڪريون. پر سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ اهي حالتون پيدا ڪنهن ڪيون آهن؟ اهي تہ برطانوي مدبرن جون پيدا ڪيل آهن. اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ ليگ آف نيشنز پاران، رائل ڪميشن جي سفارشن جي تائيد نہ ڪئي ويندي. خدا ڪري تہ ائين ئي ٿئي، ۽ اصل مسئلن جو نئين سر جائزو ورتو وڃي. پر سوال هي آهي تہ ڇا اهو سڀ

ڪجھ عربن کي ڪنهن انعام ڏيڻ جي ديانتدارانہ ڪوشش جو نتيجو آهي؟ مان حڪومت برطانيہ کي اهو ٻڌائڻ ٿو گهران تہ جيڪڏهن ان فلسطين جي مسئلي جو جرات، دليري ۽ انصاف سان ڪو فيصلو نہ ڪيو تہ پوءِ اهو مسئلو، برطانيہ حڪومت جي تاريخ ۾ هڪ تازي انقلاب جو دروازو کولي ڇڏيندو. مان ائين چوندي، رڳو برصغير جي نہ، پر پوري عالم اسلام جي ترجماني ڪري رهيو آهيان، ۽ اميد آهي تہ انصاف پسند ۽ فڪرمند اصحاب ان ڳالھ جي تائيد ڪندا.

جڏهن مان چوندس تہ اگر برطانيہ پاران پنهنجن انهن واعدن، ارادن ۽ اعلانن کي نہ پاڙيو ويو جيڪي عربن سان جنگ کان اڳ ۽ پوءِ ڪيا ويا هئا ۽ اهي سڀ دنيا جي روبرو بلڪل غير مشروط طور ڪيا ويا هئا، تہ پوءِ ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو تہ برطانيہ پنهنجي قبر کي پاڻ پنهنجن هٿن سان کوٽي رهيو آهي.

مان اهو بہ محسوس ڪري رهيو آهيان تہ عربن ۾ نهايت شديد احساس پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن جي ردعمل ۾، برطانيہ ڪاوڙجي ۽ ميڙجي، جوش ۾ اچي، فلسطيني عربن جي خلاف تشدد پسند ٿي چڪو آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ هند جا مسلمان، عربن جي ان منصفاڻہ ۽ جرات منداڻہ جهاد ۾ سندن هر ممڪن امداد ڪندا.

ان سلسلي ۾ اسان جي پاران اهڙو پيغام، فلسطيني عربن کي پهچي چڪو آهي.

ساليانو اجلاس مسلم ليگ، لکنؤ 15 آڪٽوبر 1937ع

- مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ پوءِ مسلمان، فلسطيني عربن جي مدد ڪندي ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيندا، جي پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ جنگ ڪري رهيا آهن.

اوهان کي خبر هوندي تہ برطانيہ پاران، عربن سان نهايت بي شرميءَ وارو سلوڪ ڪيو ويو آهي ۽ آزاديءَ جي مجاهدن کي چور ۽ ڌاڙيل سڏيو ويو آهي، ۽ مٿن هر طرح سان ظلم ۽ تشدد کي جائز قرار ڏنو ويو آهي.

پر دنيا جي ڪا بہ قوم، جا زنده رهڻ جي حقدار آهي، ڪو بہ وڏو ڪم قربانيءَ کان سواءِ انجام ڏيئي نہ ٿي سگهي. جهڙو فلسطيني عرب ڪري رهيا آهن. اسان جون دلي همدرديون، انهن بهادر غازين ۽ مجاهدن سان گڏ آهن جي

ظالمن ۽ غاصبن سان آزاديءَ جي جنگ لڙي رهيا آهن.

اجلاس مسلم ليگ پاٽنا - 26 ڊسمبر 1938ع

- اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ فلسطيني عربن، جي معقول ۽ جائز قومي مطالبن کي منظور ڪرڻ لاءِ نهايت سرگرميءَ سان ڪوشش جاري ڪئي وئي آهي.

اسان چئون تا تہ اسان اوهان جي مخلصاڻو ۽ بهترين ڪوشش کان مطمئن ناهيون.

اسان چاهيون تا تہ برطانيہ عملي طور، تي فلسطيني عربن جي مطالبن کي فوراً منظور ڪري.

اجلاس مسلم ليگ- لاهور، 23 مارچ 1940ع

- ڇوت ڇات فقط هندو ڌرم ۽ فلسفي ۾ جائز آهي، اسان وٽ اهڙي قسم جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي.

اسلام، انصاف، مساوات، معقوليت ۽ رواداريءَ جو دين آهي، بلڪ جي غير مسلمان اسان جي حفاظت ۾ ايندا، تن سان بہ رواداريءَ ۽ فياضيءَ سان هلڻ جو حڪم تو ڏئي.

اهي ماڻهو اسان جا پائر آهن ۽ هن رياست ۾ هو معزز شهرين وانگر آباد تي رهندا.

مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ - 2 نومبر1940ع

- پلا اهو ڪهڙو رشتو آهي، جنهن سان وابستہ ٿيڻ ڪان پوءِ، سڀ مسلمان هڪ بدن وانگر ٿي وڃن ٿا. اها ڪهڙي پهاڙي آهي. جنهن تي مسلمانن جي ملت جي عمارت تعمير ٿيل موجود آهي. اهو ڪهڙو لنگر آهي جنهن سان هن امت جي ٻيڙيءَ کي محفوظ ڪيو ويو آهي؟

اهو رشتو ۽ اها پهاڙي ۽ اهو لنگر آهي، خدا جو آخري ڪتاب قرآن ڪريم.

مون کي يقين آهي تہ اسان جيئن جيئن اڳتي وڌندا رهنداسون تيئن تيئن اسان ۾ وڌيڪ اتحاد پيدا ٿيندو رهندو.

هڪ خدا، هڪ رسول ﷺ، هڪ ڪتاب ۽ هڪ امت!

مسلم ليگ جو اجلاس - ڪراچي، 1943ع

- هر مسلمان ڄاڻي ٿو تہ قرآن شريف جا احڪام رڳو مذهبي ۽ اخلاقي

فرضن تائين محدود ناهن. جيئن ”گبن“ تسليم ڪندي چيو آهي:

”ائٽلانٽڪ سمنڊ کان وٺي گنگا تائين، قرآن شريف کي دينيات ئي نه پر شهري ۽ تعزيري قانون جو به بنياد تسليم ڪيو ويو آهي ۽ اهي قانونَ، جن سان بني نوع انسان جي عملن ۽ حقن جي حد بندي قائم ٿئي ٿي ۽ اهي سڀ ڪجهه خدا جي غير متبدل حڪمن جي روشنيءَ ۾ مقرر ٿين ٿا.

جاهلن جي ڳالهه الڳ، آهي، نه ته هر سمجهه وارو ماڻهو ڄاڻي ٿو ته قرآن شريف، مسلمان جو سڀ طرفو ضابطه حيات آهي، مذهبي، سماجي، شهري، ڪاروباري، عدالتي، تعزيري ۽ قانوني ضابطه حيات، جو مذهبي تقريبن ڪان وٺي روز مره جي معاملن تائين، ۽ جو روح جي ڇوٽڪاري ڪان ويندي جسم جي صحت تائين اجتماعيت ڪان وٺي، هڪ فرد جي حقن تائين، اخلاق ڪان وٺي جرم ۽ ڏوهه تائين، هن دنيا ۾ جزا سزا ڪان وٺي، آخرت جي سزا ۽ جزا سميت حد بندي ڪري ٿو.

عيد جو پيغام - 1940ع

- اينگلو آمريڪي ڪميشن پاران، هڪ لک يهودين کي فلسطين ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ متعلق سفارش ڪئي ويئي آهي. سفارش لعنت ۽ مذمت جي قابل آهي.

ڇا اوهان هن ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي فيصلي تي پهچي سگهو ٿا ته، هي نهايت ئي بي ايمانيءَ جو فيصلو آهي ۽ ان ۾ انصاف جو قتل ڪيو ويو آهي، عربن کي گهرجي ته هو ان سفارش جو مقابلو ڪن ۽ هڪ يهوديءَ کي به فلسطين ۾ داخل ٿيڻ نه ڏين. اسان هند جي مسلمانن سندن هر ضروري امداد ڪنداسون. مان برطانيه کي خبردار ڪرڻ ٿو گهران ته ٿو خود اهو اعلان ڪيو آهي ته شهنشاهت مردو ٿي چڪي آهي. حقيقت اها آهي ته وزارتي مشن، ان جي ڪفن دفن لاءِ ئي دهليءَ ۾ آيي هئي. ڇا اوهان ان ڪفن دفن جي رسم کي لنڊن ۾ انجام نه ڏيندؤ؟ ۽ هالنڊ جي باشندن کي ائين نه چوندؤ چوندؤ ته هو انڊونيشيا کي فوراً خالي ڪري وڃن.

جي واعدا لبيا ۽ سريلنڪا سان ڪيا ويا هئا ته ڪين اٽليءَ کي واپس نه ڏنو ويندو، انهن واعدن کي پورو ڪيو وڃي، بشرطيڪ برطانيه هڪ دوست قوم جي حيثيت سان رهڻ گهري ٿو ۽ اهو چاهي ٿو ته دهليءَ ڪان وٺي لبيا ۽

سريلنڪا تائين سڀ سندس دوست تي رهن. پر جي تون ائين ئي ڪندي آئينءَ جهڙو هن وقت فلسطين، لبيا، شام ۽ انڊونيشيا ۾ ڪيو پيو وڃي. تہ پوءِ تو کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ تون ڪمزورن ۽ مسلمانن جي جذبات کي مجروح ڪري رهي آهين ۽ ان قسم جي جذبات جو نهايت اگرو نتيجو نڪرندو ۽ انهن جذبن جو وڌڻ نهايت خطرناڪ ثابت ٿيندو.

اجلاس مسلم ليگ ڪائونسل 5 جون 1946ع

- هن وقت سياسي ميدان ۾ هندن ۽ مسلمانن جي جنگ هلي رهي آهي، ماٺهو پڇي رهيا آهن تہ فتح ياب ڪير ٿيندو؟ غيب جو علم تہ الله تعاليٰ کي آهي، پر مان هڪ مسلمان جي حيثيت سان علي الاعلان چئي سگهان ٿو تہ جيڪڏهن اسان قرآن ڪريم کي پنهنجو آخري ۽ قطعي رهبر تسليم ڪري صبر ۽ رضا جي راهہ تي هلڻ شروع ڪيو، ۽ ان ارشاد خداونديءَ کي ڪڏهن بہ نہ وساريوسون تہ سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائرن وانگر آهن، تہ پوءِ اسان کي دنيا جي ڪا بہ طاقت يا طاقتون مغلوب ڪري نہ ٿيون سگهن. اسان تعداد ۾ گهٽ هجڻ جي باوجود فتح ياب ٿينداسون ۽ بلڪل ان وانگر فتح ياب ٿينداسون، جيئن تمام ٿورن مسلمانن هٿان روم ۽ ايران جون سلطنتون فتح ڪيون ويون.

جلسہ عام- حيدرآباد دکن 11 جولاءِ 1946ع

- جيڪڏهن هندو شهنشاهيت قائم ٿي ويئي، تہ پوءِ سڀ مسلمان هندن جا غلام ٿي ويندا ۽ آخرڪار برطانيہ جي ملوڪيت جا غلام ٿي ويندا.

اسان لاءِ پاڪستان، موت ۽ حياتيءَ جو مسئلو آهي. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ پنهنجن گهرن ۾ آزاد ۽ خوشحال رهي سگهو تہ پوءِ ان لاءِ اوهان کي اسان سان عمل ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي.

هن وقت ڪا بہ اهڙي مسلم حڪومت موجود ناهي جا صحيح معنيٰ ۾ آزاد هجي، ايران، جو صدين کان آزاد هو سو غلام ٿي چڪو آهي. ان وقت تائين مسلمان ۽ عرب حڪومتون حقيقي معنيٰ ۾ آزاد نہ ٿينديون. جيستائين پاڪستان نہ قائم ٿيندو. ڇا لاءِ تہ، جو هندستان تي اقتدار ٿو رکي اهوئي مشرق وسطيٰ تي بہ اقتدار ٿو رکي.

جيڪڏهن هندستان ۾ هندو شهنشاهيت قائم ٿي ويئي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هندستان مان اسلام ختم ٿي چڪو، بلڪ هندستان تہ ڇڏيو

پر ساري دنيا مان اسلام ختم ٿي ويندو.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ مذهبي ۽ روحاني رشتا، اسان کي ۽ مصرين کي هڪ ئي روشني ۾ ٻڌيون ٿا اچن. جي اسان ترنداسون تہ پوءِ سڀ گڏ ترنداسون ۽ ٻڏنداسون تہ پوءِ گڏ ٻڏنداسون.

قاهره ۾ تقرير 20 ڊسمبر، 1946ع

- منهنجو ايمان آهي تہ اسان جو ڇوٽڪارو ان اسوه حسنہ ۽ طريق حيات تي عمل ڪرڻ ۾ آهي، جي اسان کي اسان جي قانون ساز، پيغمبر اسلام ﷺ کان عطا ٿيل آهن.

اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي جمهوريت جا بنياد صحيح معنيٰ ۾ اسلامي اصولن ۽ پيغمبر اسلام ﷺ جن جي عملن تي رکون ۽ مضبوط ڪيون.

شاهي دربار - سبي - بلوچستان 24 فيبروري 1947ع

- جيڪڏهن ڪا شيءِ عمدي ۽ مفيد آهي تہ پوءِ اها عين اسلام آهي، جي ڪا شيءِ عمدي ناهي تہ پوءِ اها اسلام ناهي ڇا لاءِ تہ اسلام، جو مطلب ئي آهي، عمدگي، امن ۽ انصاف.

ميمڻ چيمبر آف ڪامرس بمبئي 27 مارچ 1947ع

- شهنشاهہ اڪبر غير مسلمانن سان جنهن همدرديءَ ۽ رواداريءَ جو ناتو ڳنڍيو سو ڪو نئون مثال ناهي. ان جي ابتدا اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ اسان جي رسول ڪريم ﷺ کان شروع ٿي هئي. پاڻ سڳورن رڳو زبان سان ئي نہ پر عمل سان بہ يهودين ۽ نصارن سان سهٽو سلوڪ ڪيو. انهن سان رواداريءَ سان هليا، انهن جي مذهبي عقيدن جو احترام ڪيائون. ان طرح سان مسلمان جتي بہ حڪمران رهيا، ان سنت تي ڪاربند رهندا آيا. مسلمانن جي تاريخ کي مطالع ڪيو وڃي، اوهان ڏسندا تہ ساري تاريخ اهڙن انسانيت نواز ۽ عظيم اصولن سان ڀري پئي آهي. جن جي اسان سيني کي پيروي ڪرڻ گهرجي.

لارڊ مائونٽ بيٽن جي تقرير جي جواب ۾، ڪراچي - 14 آگسٽ 1947ع

- هر قسم جي محتاجي کي دور ڪرڻ ۽ هر طرح جي خوف کي ختم ڪرڻ ئي اسان جو واحد مقصد نہ هئڻ گهرجي، بلڪ ان سان گڏ آزادي، اخوت ۽ مساوات تي بہ عمل ڪرڻ گهرجي، جنهن جي تعليم اسان کي اسلام ڏئي چڪو آهي.

ڪراچي ڪارپوريشن، 25 آگسٽ 1947ع

- اڄوڪي مبارڪ ڏينهن جي موقعي تي مان پوري دنيا جي مسلمان ڀائرن کي پنهنجي ۽ پاڪستان جي باشندن طرفان عيد مبارڪ پيش ٿو ڪريان.

پاڪستان ۾ اسان جو هي شڪر گذاريءَ ۽ خوشيءَ وارو ڏينهن تڪليفن، اذيتن ۽ زخمن سان خون آلود آهي. اهي زخم جي مشرقي پنجاب ۽ ٻين علائقن ۾ پنجاهه لک مسلمانن کي پهچايا ويا آهن. مون کي اميد آهي ته اڄوڪي مبارڪ ڏينهن تي جتي به مسلمان مرد عورتون گڏجي خداوند ڪريم جي حضور ۾ شڪر جو سجدو ادا ڪندا، اتي هو پنهنجن پر خلوص دعائن ۾ انهن بد نصيبن مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ضرور ياد رکندا. جن پنهنجن پيارن عزيزن جي قرباني ڏني، گهر ڪان بي گهر ٿيا، ۽ اڄ اهي تباهه ۽ برباد، پريشان ۽ سرگردان ظالمانه عقوبتون اذيتون ۽ تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن. اهڙيون اذيتون اڄ تائين انسانيت ڪڏهن به نه ڏٺيون آهن. پريشان حال ۽ بي گهر مجبور ۽ مظلوم مسلمانن جي نالي تي مان سڄي دنيا جي مسلمانن کي اپيل ٿو ڪريان ته هو خطري ۽ ضرورت جي هن وقت تي برادرانه همدرديءَ، تعاون ۽ امداد جو هٿ اسان ڏانهن وڌائين.

مان وري به چوان ٿو ته دنيا جي ڪا به طاقت پاڪستان کي ختم ڪري نه ٿي سگهي.

عيدالاضحيٰ جو پيغام 24 آڪٽوبر 1947ع

- خدا جن انسانن سان محبت ٿو ڪري تن کي آزمائش ۽ امتحان سان به آزمائي ٿو. الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه السلام کي حڪم ڏنو ته جا شيءِ تو کي زور پياري آهي، ان جي قرباني ڏي. حضرت ابراهيم عليه السلام خداوندي حڪم جي اڳيان سر جهڪايو ۽ پنهنجي پياري پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي قرباني پيش ڪئي.

اڄ به خداوند ڪريم پاڪستان ۽ هندستان جي مسلمانن جو امتحان وٺي رهيو آهي. الله تعاليٰ اسان ڪان تمام وڏين قربانين جي طلب ڪئي آهي. اسان جي نئين پيدا ٿيل مملڪت، دشمن جي لڳايل زخمن ۽ گهاون سان چور ٿي چڪي آهي. هندستان جي مسلمانن تي ظلم جي بازار گرم ڪئي وئي آهي. انهن ڪان انتقام ورتو پيو وڃي. محض ان سبب جي ڪري ته هو مسلمان آهن ۽ انهن پاڪستان جي قيام ۾ مدد ڏني آهي ۽ پاڪستان سان همدردي ڪئي

آهي. چئني طرفن کان کارا ڪڪر چائنجي چڪا آهن. پر اسان انهن مشڪلاتن کان مرعوب ٿيڻ وارا ناهيون. ڇا لاءِ تہ مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن اسان قربانيءَ جي جذبي سان جدوجهد ڪئي، جا قرباني حضرت ابراهيم عليہ السلام طرفان پيش ڪئي وئي هئي، تہ پوءِ الله تعاليٰ اسان تي بہ حضرت ابراهيم عليہ السلام وانگر رحمتن جي بارش ڪندو.

اڄوڪي عيدالاضحيٰ جي ڏينهن تي جو جذبہ ايثار جو مظهر آهي، اسان عهد ۽ اقرار ڪريون تہ اسان پنهنجي تصورات جي مطابق هن نئين مملڪت جي تخليق ۾ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيئي سگهون ٿا ۽ مشڪلاتن جي مقابلو ڪندي هڪ قدم بہ پوئتي نہ هٽائينداسون. اسان پنهنجون سموريون قوتون ۽ سڀ وسيلا مقصد سچي کي حاصل ڪرڻ لاءِ صرف ڪري ڇڏينداسون.

هي دور جڏهن تہ اسان لاءِ ڏاڍو نازڪ آهي، پر مون کي پڪو يقين حاصل آهي تہ اسان ئي غالب رهنداسون. ڇا لاءِ تہ اسان پنهنجي تاريخ جي زماني ۾ اهڙن گهڻن طوفانن سان مقابلو ڪري چڪا آهيون.

دشمن اڄ بہ پنهنجين سازشي ڪوششن ۾ مشغول آهي، پر ان جي باوجود اسان مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي هن اونداهي رات مان ڪاميابيءَ سان نڪري ويندا سون ۽ دنيا کي ڏيکاريندا سون تہ هيءَ مملڪت رڳو زندگيءَ لاءِ نہ پر آسوده ۽ خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي.

عيد جو پيغام، 24 آڪٽوبر 1947ع

- فسلطين جي باري ۾ اسان جي موقف جي وضاحت گڏيل قومن ۾ پاڪستاني وفد جي سربراهي محمد ظفر الله خان ڪري چڪو آهي. مون کي هاڻي بہ اها اميد آهي تہ فلسطين کي ورهائڻ جي تجويز کي رد ڪيو ويندو، نہ تہ هڪ خوفناڪ ترين ڪشمڪش جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي. اها ڪشمڪش رڳو عربن ۽ فلسطين جي ٽڪرن ۾ ورهائڻ واري بااختيار قوت جي وچ ۾ محدود نہ رهندي، بلڪ پوري اسلامي دنيا ان فيصلي ۽ سازش جي خلاف عملي طرح سان بغاوت ڪندي، ڇالاءِ تہ ان فيصلي جي حمايت نہ ڪو تاريخي اعتبار سان ڪري سگهجي ٿي ۽ نہ ڪو سياسي ۽ اخلاقي لحاظ سان.

اهڙيءَ صورت ۾ پاڪستان وٽ ان کان سواءِ ٻي ڪا بہ راهہ ناهي تہ، هو عربن جي مڪمل ۽ غير مشروط حمايت ڪري ۽ خوامخواه جي پيدا ڪيل

اشتعال ۽ ناجائز هٿ ٺنگڻ کي روڪڻ لاءِ پنهنجي طاقت کي نهايت جوش وخروش سان استعمال ڪري.

رائٽر جي نمائندي کي انٽرويو

25 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان دنيا جي نقشي تي، جو اڳ ئي بي انداز ملڪن سان پريل آهي، فقط هڪ نالي جو اضافو ناهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ پاڪستان اسلامي ملڪن جي طول طويل صف ۾ هڪ نهايت اهم اضافو آهي. آسٽريليا جا پيغام ۽ مراسلا يورپ تائين اسلامي دنيا مان ٿي گذري پهچن ٿا.

پاڪستان قدرتي طرح سان اسلامي ملڪن جي تمام ويجهو آهي.

آسٽريليا جي هڪ نمائندي کي انٽرويو

30 آڪٽوبر 1947ع

- پاڻ ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ گهرجي. موت جو خوف دلين مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. اسان کي اسان جي دين اهو واضح انداز ۾ سمجهايو آهي، تہ هميشہ موت لاءِ تيار رهڻ گهرجي. پاڪستان ۽ اسلام جي عزت کي بچائڻ لاءِ اسان کي بهادريءَ سان موت جو مقابلو ڪرڻ گهرجي.

مسلمان جي لاءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ وسيلہ نجات ڪونہ آهي تہ هو حق جي راه ۾ شهيد ٿي وڃي.

جلسہ عام لاهور- 30 آڪٽوبر 1947ع

- هن برصغير جا مسلمان فلسطين جي ورهاڱي متعلق گڏيل قومن جي ظالماڻي، ناجائز ۽ غير منصفاڻي فيصلي جي خلاف، نهايت سخت ترين انداز ۾، شديد ترين احتجاج ڪندا آيا آهن.

ظاهر آهي تہ برصغير جس مسلمان، آمريڪا يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي مخالفت کي خوامخواه پيدا ڪرڻ نٿا گهرن، پر اسان کي اسان جي حق تي هجڻ جو احساس ائين راضي ۽ مجبور ڪري رهيو آهي تہ اسان هر حال ۾ فلسطين جي مظلوم عرب ڀائرن جي هر ممڪن طريقي سان مدد ڪندا رهون.

بي. بي. سي جي نمائندي کي انٽرويو

19 ڊسمبر 1947ع

- اسلام، اسان جي زندگيءَ ۽ اسان جي وجود جو بنيادي سرچشمو آهي.

اسلام اسان جي ثقافتي ۽ تهذيبي ماضي ۽ اسان جي گذريل روايتن کي عرب دنيا سان ايڏو ته وابسته ڪري ڇڏيو آهي، جو ان حقيقت متعلق ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ئي نه رهي آهي، ته اسان عربن سان سندن مسئلن ۽ مقصدن ۾ مڪمل همدردي ۽ محبت رکون ٿا.

شرق اردن جي سفير جي آجياڻي جي موقعي تي
24 ڊسمبر 1947ع

- اسان پاڪستان جو مطالبو رڳو هڪ زمين جي ٽڪري حاصل ڪرڻ لاءِ نه ڪيو هو، بلڪ اسان هڪ اهڙو تجربه گاهه حاصل ڪرڻ ٿي گهريو، جتي اسلام جي اصولن کي عملي طرح سان آزمائي سگهون.

اسلاميه ڪاليج پشاور- 13 جنوري 1948ع

- اڄ اسان دنيا جي عظيم ترين هستيءَ جي حضور ۾ نذرانه عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هت گڏ ٿيا آهيون. حضور ﷺ جن جي عزت ۽ تڪريم ڪروڙين بلڪ اربين عام انسان ئي نه ڪري رهيا آهن پر دنيا جون سڀ عظيم شخصيتون سندس عظمت جي اڳيان سر جهڪائي چڪيون آهن.

مان هڪ عاجز ترين انتهائي خاڪسار بنده ناچيز ايڏي عظيم بلڪ عظيم ترين شخصيتن کان به عظيم ترين هستيءَ لاءِ ڇا ٿو چئي سگهان؟ مان ڪهڙن لفظن ۾ نذرانه عقيدت پيش ڪري سگهان ٿو.

رسول ڪريم ﷺ جن عظيم مصلح هئا. عظيم قانون ساز هئا، عظيم سياستدان هئا ۽ عظيم حڪمران هئا.

ڪراچي بار ايسوسيئيشن - 25 جنوري 1948ع

- مان انهن ماڻهن جي ڳالهه کي نه ٿو سمجهي سگهان، جي ڄاڻي واڻي ۽ ڏسي واسي شرارت وچان غلط پروپيگنڊا ڪندي چئي رهيا آهن ته، پاڪستان جو دستور اسلامي شريعت جي بنياد تي نه بنايو ويندو.

ياد رکڻ گهرجي ته اسلام جا اصول اڄ به عام زندگيءَ لاءِ اهڙا ئي نفاذ جي قابل آهن، جهڙا چوڏهن سو سال اڳ هئا.

مان اهڙن ماڻهن کي، جي بدقسمتيءَ سببان گمراهه ٿي چڪا آهن. اهو صاف صاف ٻڌائڻ ٿو گهران ته نه صرف مسلمانن کي بلڪ هت غير مسلمانن

کي بہ ڪو خوف محسوس ڪرڻ نہ گهرجي.

اسلام ۽ ان جي نظريات مان اسان کي جمهوريت جو سبق مليو آهي. هر شخص سان انصاف، رواداري ۽ پائيپيءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ اسلام جو بنيادي اصول آهي. ان حالت ۾ ڪنهن کي اهڙي جمهوريت، مساوات ۽ آزاديءَ کان خوف ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، جا جمهوريت "انصاف" تي قائم ڪيو آهي. انهن کي چوڻ ڏيو. اسان پاڪستان جو دستور بنائينداسون، جو اعليٰ آئين جو نمونو هوندو.

بار ايسوسيئشن ڪراچي 25 جنوري 1948ع

- رسول ڪريم ﷺ جن جي زندگي نهايت صاف ۽ سادي هوندي هئي. پاڻ سڳورن جنهن بہ ڪم ۾ هٿ وڌو ڪاميابي اچي سندن قدم چمندي هئي. تجارت کان وٺي، حڪمرانيءَ جي هر شعبہ حيات تائين، پاڻ سڳورا نهايت ڪامياب رهيا.

رسول ڪريم ﷺ جن پوري انساني تاريخ جا عظيم انسان آهن. پاڻ ئي جمهوريت جا باني آهن.

ڪراچي - بار ايسوسيئشن 25 جنوري 1948ع

- اسلام رڳو رسمن، روايتن ۽ اخلاقي نظرين جو مجموعو ناهي، اسلام هر مسلمان لاءِ قانوني حيات بہ آهي. جنهن جي مطابق مسلمان روز مره جي زندگيءَ ۾ پنهنجن عملن ۽ ڪمن ايستائين جو سياست ۽ معاشيات ۽ بين اهم شعبن ۾ بہ عمل پيرا رهي ٿو.

اسلام سڀني انسانن لا انصاف رواداري، شرافت، ديانت ۽ عزت جي اعليٰ ترين اصولن تي مشتمل آهي.

اسلام ۾ خدا جو تصور هڪ اهڙو بنيادي اصول آهي، جنهن جي ڪري انسان انسان ۾ ڪوبہ فرق ۽ امتياز نہ ٿو رهي، مساوات، اخوت ۽ آزادي اسلام جا بنيادي اصول آهن.

ڪراچي - بار ايسوسيئشن 25 جنوري 1948ع

- اسلام ۽ ان جي عاليٰ ظرفيءَ اسان کي جمهوريت جو سبق ڏنو آهي. اسلام اسان کي مساوات ۽ آزاديءَ جو درس ڏنو آهي. اسلام اسان کي حڪم ڪيو آهي، تہ هر انسان سان انصاف ۽ رواداريءَ سان پيش اچون.

آخر ڪنهن شخص وٽ ان لاءِ ڪهڙو جواز موجود آهي، تہ هو عوام الناس لاءِ اسلام جي سوال، پيدا ڪيل انصاف ۽ ديانت، مساوات ۽ آزاديءَ واري اعليٰ ۽ معياري جمهوريت کان خوف محسوس ڪري.

ڪراچي - بار ايسوسيئشن 25 جنوري 1948ع

- پاڪستان جو دستور تيار ٿيڻو آهي اهو دستور پاڪستان جي دستور ساز اسيمبلي ٺاهيندي مون کي معلوم ناهي، تہ ان دستور جي شڪل ۽ هيئت ڪهڙي هوندي. پر ايترو تہ بلڪل يقين سان چئي سگهان ٿو. تہ اهو دستور جمهوري انداز جو هوندو ۽ اسلام جي بنيادي اصولن تي مشتمل هوندو. انهن اصولن جو اطلاق اڄڪلهہ جي زندگيءَ تي بہ ان طرح سان ٿي سگهي ٿو. جهڙو اڄ کان تيرنهن سؤ سال اڳ ٿي چڪو هو.

اسلام ۽ ان جي نظريات مان اسان جمهوريت جو سبق سکيو آهي. اسلام اسان کي انساني مساوات، انصاف ۽ هر هڪ انسان سان رواداريءَ سان هلڻ جو حڪم ڏنو آهي.

اسان اهڙين عظيم الشان روايتن جا وارث ۽ امين آهيون ۽ پاڪستان جي آئنده ٺهندڙ دستور جي معمار ۽ بانيءَ جي حيثيت سان اسان پنهنجين ذميدارين ۽ فرضن کي چڱيءَ طرح سان سمجهي چڪا آهيون.

آمريڪي نمائندن کي انٽرويو

فيبروري 1948ع

- منهنجو ايمان آهي تہ اسان جي ڇوٽڪاري جو واحد ذريعو ان سونهري اصولن واري ضابطہ حيات تي عمل ڪرڻ ۾ موجود آهي جو اسان جي عظيم قانون ساز پيغمبر ﷺ جن اسان لاءِ قائم ڪيو آهي.

اسان کي پنهنجي جمهوريت جا بنياد، اسلام جي سچن اصولن تي رکڻ گهرجن.

اسلام جو سبق آهي: مملڪت جا سڀ امور ۽ مسئلا پاڻ ۾ ويهي، گڏيل مشوري، غور فڪر ۽ بحث مباحثي کان پوءِ حل ڪرڻ گهرجن.

سبي دربار- بلوچستان 14 فيبروري 1948ع

- اسلامي حڪومت جي تصور جو هي امتياز هميشہ پيش نظر رکڻ گهرجي تہ ان ۾ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو مرڪز فقط خدا جي ذات آهي، جنهن جي تعميل جو عملي ذريعو قرآن شريف جي اصولن ۽ حڪمن ۾ موجود آهي.

اسلام ۾ اصول موجب نہ ڪنهن بادشاهہ جي اطاعت ڪرڻي آهي ۽ نہ ڪنهن پارليامينٽ جي ۽ نہ ڪنهن شخص جي ۽ نہ ڪنهن اداري جي.

قرآن ڪريم جا حڪم ئي آهن، جي سياست ۽ معاشرت ۾ اسان لاءِ آزاديءَ ۽ پابنديءَ جي حدن کي قائم ڪري سگهن ٿا.

بين لفظن ۾ ائين چئجي تہ اسلامي حڪومت قرآن شريف جي اصولن ۽ حڪمن جي حڪومت آهي.

بار ايسوسيئيشن ڪراچي کي خطاب جنوري 1948ع

- سيني اسلامي مملڪتن کي عيد مبارڪ يا منهنجي پاران عيد جو پيغام، سواءِ دوستيءَ ۽ پائيپيءَ جي ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

اسان سڀ هڪ ئي نموني ۾، خطرناڪ ۽ مشڪل دور مان گذري رهيا آهيون.

سياسي اقتدار جو جيڪو ڊرامو فلسطين، انڊونيشيا ۽ ڪشمير ۾ اسٽيج تي رهيو آهي، اهو اسان جي اکين کي کولڻ لاءِ ڪافي هئڻ گهرجي.

اسان پنهنجي اسلامي اتحاد جي ئي ذريعي دنيا جي قانون ساز ادارن کي پنهنجي آواز جي قوت محسوس ڪرائي سگهون ٿا.

عيدالفطر جو پيغام 27 آگسٽ 1948ع

# تحريڪ پاڪستان

اڄ سڀ کان وڏيڪ اهم سوال اهو آهي تہ هندستان آزاديءَ جي لائق آهي؟ جيڪڏهن ان جو جواب ها ۾ آهي تہ ٻڌايو وڃي تہ ڪهڙي حد تائين؟ خيال رکڻ گهرجي تہ هاڻي هند جي آزاديءَ جي سوال کي وڌيڪ ڪنهن ڪانجاڻي ۽ ڇڪتاڻ ۾ نہ وجهڻ گهرجي. اصل اڄ هڪ طرفو فيصلو ڪرڻ گهرجي. پر اڄ جي هندستان آزاديءَ ماڻڻ جي قابل ناهي تہ پوءِ ان صورت ۾ ڪيس خود اختياري حڪومت هلائڻ جي قابل بنائڻو پوندو. ڇا هندستان آزاديءَ جي قابل آهي؟ اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا تہ هڪ هندستاني نقطہ نگاهہ سان ان جو صرف هڪ ئي جواب آهي.

جيڪڏهن اسان تاريخ کي ڏسون تہ پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ئي قومون آزاديءَ جي قابل تصور ڪيون ويون آهن، جن همت ۽ حوصلہ، بلند ارادي ۽ ڪامياب جدوجهد سان آزاديءَ جي جنگ وڙهي آهي. پر اڄ اسان هڪ نئين دور ۾ زندگي گهاري رهيا آهيون. اڄ امن جي فتح ٿئي ٿي. پر امن جهاد سيني وصفن ۾ ممتاز آهي ۽ اڳتي بہ ثابت رهندو. اسان ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ عهد ڪري چڪا آهيون تہ برطانيہ تي اهو ثابت ڪنداسون تہ اسان برطانوي سلطنت ۾ هڪ مساوي شريڪ جي حيثيت رکون ٿا. هندستان ان کان گهٽ ڪنهن بہ سودي تي راضي نہ رهندو.

اجلاس مسلم ليگ لکنؤ - 31 ڊسمبر 1916ع

- اسان جي تقاضا اها آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جي جدا قوميت کي برقرار رکيو وڃي. ان اصول سياسي ارتقا سان گڏ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي. هندستان جي مستقبل جي باري ۾ شروع کان عموماً اسان جو نقطي نظر اهو رهندو آيو آهي تہ ترقيءَ جي راهہ ۾ ليگ هميشہ ڪانگريس جي تحريڪن جي تائيد ڪندي رهندي، جن تحريڪن جو بنياد حب الوطن تي هوندو. حقيقت هيءَ آهي تہ تعليم يافتہ مسلمانن جو اتحاد تي راضي ٿيڻ، منهنجي خيال ۾ ان ضرورت جي احساس منجهان پيدا ٿيو آهي تہ مسلمانن جي جدا سياسي جماعت

جو وجود نهايت قيمتي آهي. خيال رهي تہ مسلمان، سياسي ميدان ۾ ويهن سالن کان مسلسل جدوجهد ڪندا رهيا آهن. مان پنهنجي قومي زندگيءَ ۾ پڪو ڪانگريسي رهيو آهيان ۽ فرقہ واريءَ سان ڪڏهن بہ منهنجي دلچسپي نہ رهي آهي. منهنجو اهو بہ خيال آهي تہ مسلمانن تي فرقيواريءَ وارو الزام غلط آهي. جڏهن تہ مسلمانن جي سياسي جماعت تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي ۽ متحده هندستان جي تخليق ۾ مسلمان هڪ اهم جزي جي حيثيت رکن ٿا.

اجلاس مسلم ليگ لکنؤ - 31 ڊسمبر 1916ع

- موجوده دستور کي رد ڪرڻ گهرجي. عوام جي چونڊيل نمائندن جي مشوري سان هڪ نئون دستور فوري طور تي واضح، ڪرڻ گهرجي، جو عوام کي سندن معاملن ۽ مسئلن متعلق حقيقي اختيار ۽ ذميداري عطا ڪري ۽ جو منجهن سيني هٺ اينڊڙ وسيلن جي ترقيءَ لاءِ مڪمل اعتماد پيدا ڪري سگهي ۽ جو مڪمل، خود مختار، ذميدار ۽ آزاد حڪومت جي ماتحت عوام کي هڪ آزاد قوم جي حيثيت سان، اقوام عالم جي صف ۾ ويهڻ جي قابل بڻائي سگهي. آل انڊيا مسلم ليگ جي سامهون اهو نصب العين آهي ۽ اها ئي اسان جي منزل آهي.

اجلاس مسلم ليگ لاهور - 24 مئي 1904ع

- هن وقت اسان اهڙي مقام تي پهچي چڪا آهيون، جتي پهچي جيڪڏهن مان اهو ظاهر نہ ڪيان تہ مسلمانن جو مؤقف ڪهڙو آهي تہ مان پنهنجي فرض ۾ ناشناس سڏيو ويندس. مان بلڪل چٽن لفظن ۾ ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ هندو مسلم ناهہ، هندستان ۾ ڪنهن نئين دستور جي نفاذ کان اڳ ۾ نهايت ضروري قدم آهي، بلڪ هڪ بنيادي شرط آهي. جيستائين اوهان مسلمانن جي حقن جي حفاظت جي ضمانت نہ ڏيندا، جنهن جي بنياد تي مسلمان هند جي حڪومت جي اينڊڙ دستور جي تحت مڪمل سلامتي ۽ خود اعتمادي محسوس ڪن، ۽ جيستائين مسلمانن جو تعاون، خلوص ۽ رضامندي حاصل نہ ڪري سگهيا آهيو تيستائين جو بہ دستور اوهان هندستان جي لاءِ بنائيندا، اهو چوويهہ ڪلاڪ بہ هلي نہ سگهندو.

لندن - گول ميز ڪانفرنس 1931ع

- ڇا ٻين ملڪن ۾ بہ اقليتن جا مسئلا نظر نہ ٿا اچن؟ ڇا انهن مسئلن جو

حل نہ ٿو ڳوليو وڃي؟ ان وانگر اسان جي مسئلن جو بہ حل ڳولڻ گهرجي. سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر اقليتن مان مراد ڇا آهي؟ اقليتن مان ڪيئي ڳالهيون مراد وٺي سگهجن ٿيون. ممڪن آهي تہ هڪ اقليت جو مذهب ملڪ جي ٻين شهرين جي مذهب کان مختلف هجي. ان جي زبان مختلف هجي. ان جو نسل مختلف هجي، ان جي ثقافت مختلف هجي، اهڙن مختلف عوامل، مذهب، ثقافت، نسل، زبان، آرٽ ۽ موسيقيءَ جي گڏجڻ ۽ ميلاپ سان هڪ اقليت، مملڪت جي اندر هڪ بلڪل ڌار شيءِ بنجي ٿي وڃي. بهرحال اسان کي هن مسئلي کي، هڪ سياسي مسئلو تصور ڪري حل ڳولڻ گهرجي ۽ ان کان ڪناره ڪشي ڪرڻ نہ جڳائي.

مرڪزي اسيمبلي - 7 فيبروري 1935ع

- اسان لاءِ هن وقت صرف آئيني جنگ ڪرڻ وارو مسئلو وڃي بچيو آهي، پر ان لاءِ اها ضرورت آهي تہ هر جماعت ان مسئلي تي متفق راءِ ٿئي ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ اچي. مان صاف ٻڌايان ٿو تہ ڪانگريس مسلمانن کان سواءِ هرگز ڪامياب نہ ٿيندي. پر جيستائين اسان جو تعلق آهي، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي تنظيم کي فعال ڪريون ۽ آزاديءَ ڏانهن حوصلہ سان قدم وڌايون. جي اسان ڪامياب ٿياسون، پوءِ لازمي طرح سان ڪانگريس مجبور ٿي اسان جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندي، ان کان سواءِ ڪانگريس لا ٻيو ڪو بہ وسيلو ڪونہ آهي.

اجلاس مسلم ليگ بمبئي - 12 اپريل 1936ع

- اڪثريت سان ڪو معاهدو ڪيو وڃي، سو ممڪن ئي ناهي، ڇا لاءِ تہ ڪو بااختيار ۽ ذميدار رهبر معاهدي جي سچي خواهش جو اجا اظهار نہ ڪري چڪو آهي. ٻيو تہ ڇڏيو، ان ۾ سوچ ۽ ويچار جو ڪو ذرو بہ پيدا نہ ٿيو آهي. جيستائين ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ نہ سکنديون، تيستائين ڪو بہ معاهدو سچن ۽ بنيادي اصولن تي ٿي نہ ٿو سگهي. ڪمزور ڌر جي پاران امن ۽ صلح جي پيشڪش جو مطلب هميشہ ڪمزوريءَ جو اعتراف ۽ جارحيت کي حملي ڪرڻ جي ترغيب ئي هوندو آهي. ان سلسلي ۾ حب الوطني، انصاف، رواداري ۽ خير خواهيءَ جون سڀ اپيلون ائين بي فائدي رهجي وينديون آهن. هن حقيقت کي ڄاڻڻ لاءِ ڪنهن خاص قسم جي سياسي بصيرت جي ضرورت

ناهي تہ سڀ حفاظتون تيستائين ڪاغذ جي ردي پرزي وانگر آهن، جيستائين انهن جي پويان ڪا طاقت نہ هجي. سياست جو مطلب اهو ناهي تہ رڳو نعره بازيءَ ۽ رواداري ۽ خير خواهي جي چيخ وپڪار تي ڀروسو ڪيو وڃي. سياست جو مطلب آهي طاقت ۽ صرف طاقت!

اجلاس مسلم ليگ لکنؤ-5 آڪٽوبر 1937ع

- مان چاهيان ٿو تہ مسلمان ان صورتحال تي بلڪل سنجيدگيءَ سان غور ڪن ۽ هڪ اهڙي واضح قطعي ۽ گهڻ طرفي پاليسي واضح ڪري پنهنجي تقدير جو پاڻ ئي فيصلو ڪن. جنهن تي ايمانداريءَ سان پوري هندستان ۾ سڀ ماڻهو عمل ڪري سگهن. ڪانگريسي مسلمانن جي طرفان غير مشروط سپردگيءَ جي تبليغ هڪ وڏي غلطي آهي. اها شڪست خورده ذهن جي انتها آهي، نہ پاڻ کي ويچارو ۽ ڪمزور قرار ڏئي، ٻين جي رحم ۽ ڪرم تي ڀروسو ڪيو وڃي. مان تہ ائين بہ چوندس تہ مسلمانن جي حق ۾ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ غداري ڇئي نہ ٿي سگهجي. جي الله نہ ڪري ان پاليسيءَ کي اختيار ڪيو ويو تہ پوءِ صاف صاف سمجهڻ گهرجي تہ مسلمان پاڻ ئي پنهنجي بربادي ۽ تباهيءَ کي دعوت ڏين ٿا. ائين ڪرڻ سان ملڪ جي ترقيءَ، قومي زندگيءَ ۽ حڪومت ۾ ملندڙ جائز حقن کان محروم ٿي ويندا.

صرف هڪ شيءِ ئي مسلمانن کي بچائي سگهي ٿي ۽ ڪين سندن وڃايل وقار واپس ڏياري سگهي ٿي. اها شيءِ اها آهي تہ سڀ کان اول پنهنجن روحن جو ٻيهر تسخير ڪن، جي ٻين جي حوالي ٿي چڪا آهن، ٻيو تہ ڪين پنهنجي عظيم روايات ۽ اصول تي گڏ ٿيڻ گهرجي، جي سندن اتحاد جو بنياد آهن ۽ جي ڪين هڪ سياسي جماعت جي رشتي ۾ پروئي سگهن ٿا.

جيڪڏهن مسلمانن کي فرقہ پرست، ٽوڊي ۽ رجعت پسند يا اهڙن ٻين لقبن سان نوازيو وڃي ٿو تہ پوءِ اوهان ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪريو.

عجيب حال آهي، مسلمانن جو اڄ ڪلهہ وارو ٽوڊي ۽ ذليل ترين فرقہ پرست جڏهن پنهنجي پاڻ کي غير مشروط انداز سان ڪانگريس جي حوالي ٿو ڪري ۽ پنهنجي قوم جي توهين ٿو ڪري، تہ پوءِ سياڻي قوم پرستن جي تاجدار بنجڻ جي تمنا ٿو رکي.

اهڙن اصطلاحن، گارين ۽ غلط سلط لفظن جو مقصد اهو آهي تہ مسلمانن

۾ احساس ڪمتري پيدا ڪيو وڃي. ڪين ڪمزور ۽ بزدل بڻايو وڃي، انهن جو مقصد اهو آهي تہ اسان ۾ اندر اختلاف پيدا ڪيو وڃي ۽ ساري دنيا ۾ اسان کي بدنام ڪيو وڃي. اسان ان قسم جي لغو ۽ غلط پروپيگنڊا کي شديد نفرت سان ڏسون ٿا.

اجلاس مسلم ليگ لکنؤ- 15 آڪٽوبر 1937ع

- هندستان ۾ اسان جي تربيت، برطانوي پارليماني جمهوريت جي روايات جي ماتحت ٿي آهي. اهو دستور (1935) جو اسان جي مٿي ۾ هنيو ويو آهي، اهو گهڻو ڪري برطانوي طرز تي مرتب ڪيو ويو آهي. پر اسان جي هندستان ۽ انگلستان جي حڪومت ۾ بنيادي تفاوت موجود آهي. برطانيہ ۾ اڪثريت واريون جماعتون تبديليءَ کي پسند ڪنديون آهن. انهن جو رنگ ۽ روپ، انهن جي طاقت توڙي تعداد، انهن جا نمائندا ۽ ارڪان سڀ ضرورت آهر بدلجندا رهن ٿا. اڄ جيڪڏهن قدامت پسندن جي حڪومت آهي تہ سڀاڻي آزادي پسندن جي ۽ پئي ڏينهن تي مزدورن جي حڪومت قائم ٿئي ٿي.

پر هندستان ۾ ائين ناهي. هت هڪ مستقل "هندو" اڪثريت موجود آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ باقي سڀ ڪمزور ۽ ذليل اقليتون ئي آهن، جي طويل زماني تائين اڪثريت بنجڻ جي ڪا بہ اميد رکي نہ ٿيون سگهن. ٿي سگهي ٿو تہ اڪثريت غير فرقہ وارانہ نقاب منهن تي چاڙهي ۽ اقليتن کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري. پر هو پنهنجي سرشت ۽ مزاج، پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ ڪنهن بہ ٻئي جي شرڪت پسند نہ ٿي ڪري. هوءَ پاڻ کي رڳو "هندو" سمجهي ٿي.

اقليتن جي لاءِ صرف اها ئي هڪ اميد ٿي سگهي ٿي تہ هو پنهنجي مضبوط تنظيم ناهين ۽ پنهنجن حقن ۽ مفادن جي حفاظت لاءِ اختيارات جو هڪ مقرر ۽ وزنائتو، معقول ۽ فيصلہ ڪن حصو حاصل ڪن.

ياد رکڻ گهرجي تہ ان قسم جي اختيار ۽ اقليتن جي تعاون ۽ رضامنديءَ کان سواءِ ڪو بہ دستور هندستان ۾ ڪاميابيءَ سان نہ ٿو هلائي سگهجي.

مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ

5 فبروري 1938ع

- ڪانگريس سراسر هندو جماعت آهي، مسلمانن پاران اسان هڪ ڪان وڏيڪ ڀيرا ڪانگريس تي واضح ڪيو آهي تہ مسلمانن جي آئنده تقدير جو

دارومدار حڪومت ۽ ملڪ جي انتظام، سندن سياسي حقن جي حاصلات ۽ قومي زندگيءَ ۾ واجب حصي ملڻ تي آهي. ان سلسلي ۾ هو ان وقت تائين جنگ وڙهندا رهندا، جيستائين "هندوراڄ" جو خواب ۽ خيال ڪانگريس جي دل ۽ دماغ مان هميشہ لاءِ نڪري نہ وڃي. جيستائين مسلمانن جي بدن ۾ روح آهي، تيستائين هو ڪانگريس جي "هندوراڄ" ۾ هرگز هرگز غلام تي نہ رهندا. اڄ مسلمانن جو آواز ڪانگريس ۽ اهڙين بين سياسي جماعتن سان هڪجهڙائيءَ جي دعويٰ ڪري ٿو سگهي.

مسلمانن جي جدوجهد رڳو مسلمانن لاءِ ئي مخصوص ناهي، بلڪ ان جو دسترخوان هر فرقي لاءِ ڪليل آهي. مسلمان، هر فرقي جي حقن جي حفاظت کي پنهنجو اولين فرض سمجهن ٿا.

اجلاس مسلم ليگ ڪلڪتو

17 اپريل 1938ع

- مسلمانن جي قوم اڄ اهڙي قوم وانگر ٿي چڪي آهي، جنهن جو سياسي، اخلاقي ۽ ثقافتي شعور ختم ٿي چڪو هجي. اڄ تائين اوهان مسلمانن پنهنجو اخلاقي، سياسي ۽ ثقافتي شعور حاصل نہ ڪيو آهي، جو ماضيءَ ۾ هڪ معيار بنجي چڪو هو. اجا تہ اوهان مس سجاڳ ٿيا آهيو، اوهان جي سياسي شعور ۾ اجا مس حرڪت پيدا ٿي آهي.

ڪانگريس جي دعويٰ غلط هجي يا درست هجي، ان جي قطع نظر اوهان ڏسي رهيا آهيو تہ هندن پاڻ ۾ اخلاقي، ثقافتي ۽ سياسي شعور وارا اوصاف پيدا ڪري ورتا آهن. انهن وصفن هندن ۾ قومي احساس جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. اها ئي طاقت هندن جي اڄ ڪلهہ پشت پناهہ آهي.

مان چاهيان ٿو تہ مسلمان بہ پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪن. جڏهن بہ اوهان اها طاقت حاصل ڪندا، تڏهن جنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪندا، اها حاصل ٿي ويندي. مٿن جا ڳاڻيٽو (راءِ شماري) چڱي ڳالهہ سهي، پر ماڻهن جو ڳاڻيٽو قومن جي تقدير جو فيصلو نہ ٿو ڪري سگهي.

اجا تہ اوهان کي قوميت ۽ قومي انفراديت جا پاڻ ۾ جوهر پيدا ڪرڻا آهن. اهو هڪ وڏو ڪم آهي ۽ اوهان اهو ڪم هاڻي شروع ڪيو آهي، ۽ مون کي ان جي وڏي اميد آهي. مسلمانن جا ترقي ڪئي آهي، اها هڪ معجزي ڪان

گهٽ ناهي. مون کي تہ خواب ۾ خيال ۾ بہ نہ هو تہ اسان اهڙو حيرت انگيز مظاهرو ڪري سگهنداسون جو اڄ دنيا جي سامهون آهي، پر رڳو ان تي اڪتفا ڪرڻ نہ گهرجي، اجا تہ ڪم جو مس مس آغاز ٿيو آهي.

اجلاس مسلم ليگ پاٽنا

26 ڊسمبر 1938ع

- پلي اوهان جو تعداد سپ ڪان گهٽو هجي، اوهان ترقي يافتہ هجو ۽ اوهان جي اقتصاديات سپ ڪان محڪم سهي. پلي اوهان اهو قبول ڪندا رهو تہ ماڻهن جو ڳاٽاٽو ئي آخري حل آهي، پر اوهان کي اهو صاف صاف ٿو ٻڌايان تہ اوهان ٻنهين ڪانگريس ۽ انگريز کي متحد ٿي، يا جدا جدا حيثيت سان، اسان جي روح کي فنا ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪاميابي حاصل نہ ٿيندي. اوهان ان تهذيب کي ڪڏهن بہ مٽائي نہ ٿا سگهو، ان اسلامي تهذيب کي، جا اسان کي ورثي ۾ ملي چڪي آهي. اسان جي ايمان جو نور اجا زندهہ آهي. اهو هميشہ زندهہ رهيو آهي ۽ هميشہ زندهہ رهڻو آهي، بيشڪ اوهان ٻئي گڏجي اسان کي مغلوب ڪريو، اسان تي ظلم ۽ ستم ڪريو، اسان سان بد سلوڪي کي جائز قرار ڏيو، پر ياد رکو! اسان هڪ يقيني نتيجي تي پهچي چڪا آهيون. اسان اهو سنگين فيصلو ڪري چڪا آهيون تہ جي مرڻو ئي آهي تہ پوءِ وڙهندي وڙهندي مرڻ بهتر آهي.

مرڪزي اسيمبلي دهلي

22 مارچ 1939ع

- سيني مشڪلاتن جي باوجود مون کي يقين آهي تہ مسلمان ڪنهن بہ ٻئي فرقي جي بنسبت، بهتر سياسي دماغ رکن ٿا. سياسي شعور مسلمانن جي خون ۾ روان ۽ دوان آهي. حوصلو ۽ جدوجهد مسلمانن جي رڳن ۾ گردش ڪري رهيا آهن ۽ اسلام جي عظمت جو روح پرور پيغام سندن دلين ۾ ولولہ انگيز حرارت پيدا ڪري چڪو آهي.

عريبڪ ڪاليج دهلي - 1939ع

- برطانيہ جي حڪومت، هندستان تي حڪومت ڪرڻ گهري ٿي ۽ گانڌي جي، مسلم هندستان تي حڪومت ڪرڻ گهري ٿو. اسان چئون ٿا تہ اسان ٻنهين کي "مسلم هندستان" تي حڪومت ڪرڻ نہ ڏينداسون خواه اهي ٻئي قوتون

ڳڌجي يا جدا جدا زور آزمائي ڪري ڏسن.

اڄ سڄي دنيا مڃي چڪي آهي ۽ حڪومت برطانيہ بہ فهم ۽ فراست کان ڪم وٺي تسليم ڪري چڪي آهي تہ مسلم ليگ ئي "مسلم هندستان" جي جائز ۽ نمائنده جماعت آهي. پر افسوس آهي جو اڄ تائين، ڪانگريس جي گهر ۾ روشني طلوع نہ ٿي آهي ۽ اجا ائين گانڌي جي، اوندهہ ۾ هٺ پير هٽي رهيو آهي.

عربڪ ڪاليج دهلي - 1939ع

- ان ڳالهہ کي بہ سال کن مس گذريا آهن، جو مون سملي ۾ چيو هو تہ هندستان لاءِ پارليماني جمهوري نظام حڪومت نهايت غير موزون ۽ غير مفيد ٿيندو، جنهن تي ڪانگريسي اخبارون مڇرجي پيون ۽ منهنجي خلاف گارگند ۽ لعن طعن جي تحريري سازش شروع ڪري ڏنائون ۽ مون کي سمجهائڻ شروع ڪيائون تہ "تون اسلام کي نقصان پهچائڻ وارو مجرم آهين، ڇو تہ اسلام، جمهوريت جي تلقين ڪري ٿو ۽ تون ان جي مخالفت ڪري رهيو آهين"

آئون کين ٻڌائڻ ٿو گهران تہ مون وٽ اسلام جو علم آهي. اسلام اهڙي جمهوريت جي وڪالت نہ ٿو ڪري، جو غير مسلم اڪثريت کي، مسلمانن جي قسمت جي فيصلي ڪرڻ جو اختيار سپرد ڪري.

ياد رکڻ گهرجي تہ اسان کو اهڙو نظام حڪومت هرگز هرگز قبول نہ ڪنداسون، جنهن موجب هڪ غيرمسلم اڪثريت محض تعداد جي ڪثرت جي دليل سان اسان مسلمانن تي حڪومت ڪري ۽ اسان کي پنهنجو غلام بڻائي.

مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ

6 مارچ 1940ع

- هندن ۽ انگريزن سمجهيو آهي تہ مسلمان محض هڪ اقليت آهن، جن تي هندو اڪثريت کي حڪومت جو جمهوري حق حاصل آهي.

ان طرح کي نادان مسلمان هڪ ڪوڙي احساس ۾ مبتلا رهندا آيا آهن تہ کين هر طرح سلامتي حاصل رهندي.

ان فريب وڄان انهن نادانن اقليت جي اصطلاح کي تاريخي، آئيني ۽ قانوني مڃڻ شروع ڪيو آهي.

پر کين ياد رکڻ گهرجي تہ مسلمان ڪنهن بہ حيثيت سان يورپي ملڪن جي اقليتن وانگر اقليت ناهن.

هڪ ڳالهہ قطعي آهي ۽ اُها اها آهي تہ اسان ڪنهن بہ طرح سان اقليت ناهيون، بلڪ اسان هڪ عظيم ۽ بلند نصب العين سان لاڳاپيل، خود هڪ ڌار ۽ ممتاز قوم آهيون.

مسلم يونيورسٽي عليڳڙهہ
6 مارچ 1940ع

– حقيقت هيءَ آهي تہ اسلام جي قومي تصور ۽ هندو ڌرم جي ڌرمي ۽ سماجي طور طريقن جي باهمي اختلاف کي رڳو وهم ۽ گمان چوڻ، هندستان جي تاريخ جي ترديد ڪرڻ جي برابر آهي.
هڪ هزار سالن کان هندن جي تهذيب ۽ مسلمانن جي تهذيب هڪ ٻئي سان منهن مقابل آهن ۽ ٻئي قومون پاڻ ۾ ميل ميلاپ رکنديون آيون آهن. پر انهن جا پاڻ ۾ اختلاف ان پراڻي شدت موجب موجود رهندا آيا آهن، جيڪڏهن انهن متعلق اها اميد رکڻ تہ رڳو ميل ميلاپ جي بنياد تي انقلاب اچي سگهي ٿو، ۽ هندو مسلمان پاڻ ۾ گڏجي هڪ متحد قوم بڻجي ويندا ۽ هڪ اڪثريت پاران جمهوري آئين جي آڙ ۾ گڏ گذاري سگهندا، سراسر غلطي آهي.
جڏهن هندستان ۾ ڏيڍ سؤ سالن کان قائم ٿيل برطانوي وحداني حڪومت ان ڪم ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي، تہ پوءِ اها ڪيئن ممڪن آهي تہ هندستان جي مرڪزي حڪومت ۾ فيڊرل نظام جي جبري قيام سان اهڙي ڪاميابي حاصل ٿي سگهندي. اصل ۾ هندستان جو سياسي مسئلو فرقن متعلق ناهي، بلڪ قومن متعلق آهي. بيشڪ ان کي هڪ بين الاقوامي مسئلو قرار ڏيڻ گهرجي، ۽ انهيءَ نقطي نگاهہ سان ان جو حل سوچڻ گهرجي.
ضرورت اها آهي تہ اسان بنيادي حقيقتن جي صداقت ۽ صحت کي تسليم ڪريون. جيستائين اسان ٻنهين قومن جي انفرادي حيثيت کي نہ سمجهنداسون، تيستائين اسان جو تيار ڪيل آئين ڪامياب نہ ٿيندو، بلڪ هندستان لاءِ تباهيءَ جو سبب ٿيندو.

اجلاس مسلم ليگ لاهور
23 مارچ 1940ع

– ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام ۽ هندو ڌرم محض مذهب ناهن، بلڪ حقيقت ۾ بہ جدا جدا ۽ مختلف معاشرتي نظام آهن. تنهنڪري ان خواهش کي

خواب ۾ خيال ئي سمجهڻ گهرجي، تہ هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ملي ڪري، هڪ گڏيل قوميت جي تخليق ڪري سگهن تا.

هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ شاديون ڪري نہ تا سگهن. نہ ڪو هڪ دسترخوان تي ماني کائي سگهن تا. مان چٽن لفظن ۾ چوان ٿو تہ هندو ۽ مسلمان ٻن مختلف تهذيبن سان واسطو رکن تا ۽ انهن مختلف تهذيبن جو بنياد اهڙين حقيقتن تي رکيل آهي، جي هڪ ٻئي جو ضد آهن. بلڪ اڪثر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

انساني زندگيءَ متعلق هندن ۽ مسلمانن جا خيال ۽ تصورات هڪ ٻئي کان مختلف آهن. هيءَ بہ هڪ واضح حقيقت آهي تہ هندو ۽ مسلمان پنهنجي پنهنجي ترقيءَ جي تمنائن جي سلسلي ۾ مختلف تاريخن سان نسبت رکن تا. ٻنهين جا تاريخي وسيلا ۽ ماخذ بہ مختلف آهن. ٻنهين جو رزميہ ڪلام، سندن مشهور ماڻهن جا قابل فخر تاريخي ڪارناما، سڀ مختلف ۽ الڳ الڳ آهن.

اڪثر حالتن ۾ هڪ قوم جي رهنما ۽ هيرو، ٻيءَ قوم جي بزرگ ۽ برتر هستين جو دشمن ٿو ثابت ٿئي. هڪ قوم جي فتح ٻيءَ قوم لاءِ شڪست ٿي رهي آهي. اهڙين ٻن مختلف قومن کي هڪ رياست ۾ هڪ حڪومت جي هڪ گڏيل گاڏيءَ گهلڻ لاءِ ٻن ڏاندن جو درجو ڏيڻ، فقط گڏيل تعاون سان قدم وڌائڻ تي راضي ڪرڻ سان ئي ممڪن ڪري سگهجي ٿو. اچ ڪلهہ حال اهو آهي، جو ٻنهين قومن جي دلين ۾ بي صبري روزبروز وڌندي ٿي رهي، جا آخر هڪ ڏينهن تباهي آڻيندي، خاص طرح سان ان صورت ۾ جڏهن هڪ قوم تعدادا خيال سان اقليت ۾ هجي ۽ ٻيءَ قوم کي اڪثريت حاصل هجي. اهڙي رياست جي آئين جو عمل ڏوڙ ۾ ملي ڪري رهي تہ رهي، باقي ناممڪن آهي.

اجلاس مسلم ليگ - لاهور

23 مارچ 1940ع

- اقليت جي لفظ کي ايترو تہ گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي، جو ان جي غلط اثرات کي متائڻ گهڻن وقتن تي ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. ياد رهي تہ مسلمان اقليت ۾ ناهن، پر هر لحاظ سان مسلمان هڪ مستقل ۽ جدا قوم آهن . ڪانگريس ۽ برطانيہ پاران اچ ڪلهہ ائين چيو پيو وڃي تہ "بهرحال اوهان اقليت ۾ آهيو. آخر اوهان گهرو ڇا ٿا؟" ان طرح بابو راجيندر پرشاد بہ فرمايو آهي"آخر اقليتن جي تقاضا ڪهڙي آهي؟"

مان اعلان ٿو ڪريان تہ يقيناً مسلمان اقليت ناهن. هندستان جي نقشي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هن ملڪ جا وسيع علائقا مسلمانن جي قبضي ۾ آهن، جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن. مثلاً بنگال، صوبہ سرحد، سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان.

اجلاس مسلم ليگ لاهور

23 مارچ 1940ع

- قوميت جي تعريف چاهي ڪهڙي بہ منطق ۽ دليل سان ڪئي وڃي، مسلمان هر تعريف جي لحاظ سان هڪ الڳ قوم جي حيثيت رکن ٿا. ان ڪري مسلمان ان حقيقت جا حقدار آهن تہ ڪين ملڪ ۾ سندن الڳ مملڪت ۽ پنهنجي جداگانہ خودمختار رياست هئڻ گهرجي.

اسان مسلمان اهو چاهيون ٿا تہ هندستان جي اندر اسان هڪ آزاد قوم بڻجي، پنهنجي هر اثر قومن سان گڏجي هم آهنگي ۽ امن وامان جي زندگي گذاري سگهون.

اسان جي تمنا آهي تہ اسان جي مسلمان قوم پنهنجي روحاني، اخلاقي، تمدني، اقتصادي، معاشرتي ۽ سياسي زندگيءَ کي بهتر واڌ ويجهہ ڏيئي سگهي.

ان حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو عملي طريقو اختيار ڪري، جيڪو وٽس بهتر کان بهتر موجود هجي.

ٻيو تہ اسان کي جي قدرتي عطائون بخشيون ويون آهن، اهي اسان جي بلند نصب العين سان هم آهنگ ٿي سگهن.

اجلاس مسلم ليگ لاهور

23 مارچ 1940ع

- مان ڪيئي ڀيرا چئي چڪو آهيان تہ جناب گانڌي جي، ديانتداريءَ سان تسليم ڪري تہ ڪانگريس هندو جماعت آهي ۽ اها صرف هندن جي نمائنده آهي. حيرت آهي تہ گانڌي جي، جو اها ڳالهہ فخر سان نہ ٿو چوي تہ "مان هندو آهيان، ۽ ڪانگريس کي هندن جي حمايت حاصل آهي" مون کي جڏهن چيو وڃي ٿو تہ مان مسلمان آهيان، تڏهن مون کي تہ ڪو شرم محسوس نہ ٿو ٿئي.

اجلاس مسلم ليگ لاهور

23 مارچ 1940ع

- مسلم اقليت کي اهو غلط تصور ڏنو ويو آهي تہ هندستان جي جيڪڏهن ورهاست ڪئي وئي يا الڳ ڪرڻ جو مسئلو عمل ۾ آيو تہ پوءِ مسلمان گهاٽي ۾ رهندا ۽ بلڪل بي سهارا ڇڏيا ويندا.

مان هت واضح ڪرڻ ٿو گهران تہ گڏيل هندستان ۾ يا هڪ مرڪزي حڪومت جي ماتحت مسلمان جتي بہ اقليت ۾ هوندا، اتي هو پنهنجي موقف کي بهتر بڻائي سگهن ٿا. خواه ڇا بہ ٿي پوي، هو محض هڪ اقليت ئي رهندا. البت هو انهن سيني حقن جي حفاظت جو بجا طور تي مطالبو ڪري سگهن ٿا، جا حفاظت هر مهذب حڪومت ۾ موجود آهي پر ورهاست هند لاءِ سنگ راه بڻجي هو پنهنجي موقف کي بهتر نہ بڻائي سگهندا ۽ نہ ڪو بڻائي ٿا سگهن. ان جي ابتڙ هو پنهنجي مخالفاڻي روش سان هڪ اسلامي وطن ۽ ان جي ڇهن ڪروڙن مسلمانن کي هڪ اهڙي حڪومت جي ماتحت آڻي سگهن ٿا، جتي هو روايتي اقليت ڪان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هوندا.

اخباري بيان - مارچ 1940ع

- سڀ ڪان اول تہ ورهاست هند کي مڃڻ گهرجي. ان ڪان پوءِ صرف اهو سوال رهجي ٿو وڃي تہ ان کي ڪهڙيءَ حيثيت سان عملي صورت ڏني وڃي. تفصيل جو سوال تہ پوءِ پيدا ٿئي ٿو. ضرورت آهي، تدبر ۽ مفاهمت ڪان ڪم ورتو ويندو. پهريائين تہ اسان کي يقين پيدا ڪري، اميد سان وابستہ ٿيڻ گهرجي. عزم ۽ ارادي سان پنهنجي راهہ پاڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. آهي ڪو اهڙو مثال تہ ڪنهن اصول کي مڃڻ ڪان اڳ ان جي تفصيلن متعلق بحث ڪيو ويو هجي.

اخباري بيان - 7 اپريل 1940ع

- گانڌي جي، جو چوڻ آهي تہ "هندستان کي جيئري ئي بہ ٽڪرا ڪيو پيو وڃي!"

راجہ گوپال آچاريہ چوي ٿو: "بار جا بہ ٽڪرا ڪيا پيا وڃن" جڏهن تہ قدرت پاران اڳ ۾ ئي هندستان کي ورهايو ويو آهي ۽ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيل آهي. هندستان جي نقشي تي مسلم هندوستان ۽ هندو، هندستان اڳي ئي موجود آهن. نہ معلوم ان سنئين سڌي مسئلي متعلق ايتري واويلا ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ آخر اهو ملڪ آهي ڪٿي جنهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو؟ ۽ اها قوم

آهي ڪٿي، جنهن جي قوميت کي فنا ڪيو ويندو؟

اها طاقت جنهن جي قبضي قدرت ۾ اڄ هندستان آهي، سا طاقت انگريز آهي ۽ اهو خيال جو ماڻهن جي دماغن ۾ ويهاريو ويو آهي ته هندستان هڪ متحد ملڪ آهي، ۽ ان جي هڪ حڪومت آهي، اهو صرف ان ڪري جو انگريز هن ملڪ تي حڪمران آهي.

مسلم ليگ ڪانفرنس بمبئي

26 مئي 1940ع

- اسان يقيني طور تي ۽ هميشه جي لاءِ پاڪستان کي پنهنجي منزل مقصود قرار ڏئي چڪا آهيون ۽ اسان ان لاءِ وڙهڻ ۽ مرڻ لاءِ تيار آهيون. ان متعلق ڪنهن به قسم جي غلط فهميءَ کي دل ۾ جاءِ نه ڏيڻ گهرجي.

اها جمهوريت، جا مسٽر پولا ڀائي ڊيسائيءَ جي ذهن ۾ آهي، سا ڪافي وقت ٿيو ته مري چڪي آهي.

اسان تعداد ۾ بيشڪ گهٽ آهيون، گهٽ آهيون، پر هن چوڻ جي جرئت ڪيان ٿو ته اسان مسلمان جي چاهيون ۽ ارادو ڪيون ته پوءِ اوهان کي ڪانگريس ڪان سؤ دفعا وڌيڪ تڪليف ڏئي سگهون ٿا.

اوهان ان حقيقت کان بي خبر هجو ته هجو، پر مان چڱيءَ طرح سان آگاهه آهيان. مان هيءَ ڳالهه ڌمڪيءَ لاءِ نه چئي آهي، محض اوهان جي آگاهيءَ لاءِ چئي آهي.

مرڪزي اسيمبلي - 19 نومبر 1940ع

- ڪانگريسي رهنمائن چوڻ شرع ڪيو آهي ته اسان مسٽر جناح يا مسلم ليگ جي مقرر ڪيل ميمبر کي هندستان جو وزيراعظم بنائڻ لاءِ تيار آهيون. اهي اهو به چون ٿا ته اسان اختيارات نه ٿا گهرون. مسلمان سڀ اختيار وٺي سگهن ٿا ۽ اسان انگريزي راڄ جي بنسبت مسلم راڄ کي ترجيح ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

ڇا ڪو شخص، جنهن ۾ ذرو به عقل آهي، ان دعوي تي يقين ڪري سگهي ٿو؟ هرگز نه! مسلمان هاڻي بالڪل باشعور بڻجي چڪا آهن. انهن ۾ گذريل ٽن سالن جي مقابلي ۾ وڏيڪ فرق پيدا ٿي چڪو آهي. ڪامل فرق ۽ بنيادي فرق. مون کي يقين آهي ته پنجن سالن کان پوءِ اهو فرق اڃا به وڌيڪ وڌي ويندو.

عربيڪ ڪاليج دهلي - نومبر 1940ع

- مسلمان چا ٿا گهرن؟ گذريل پنجويهن سالن ۾ مسلمانن، عزت ڀرئي ناهه لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون آهن، پر باوجود ڪانگريس ۽ هندن جي پائيچاري جي دعوائن جي، ڪو به ناهه، اڃ تائين نه ٿي سگهيو آهي. هونءَ ته هندو مسلم ناهه، ڪانگريس جي ڪاغذن ۽ لکيتن جو اهم جزو بڻجي چڪو آهي، پر اتحاد ۽ اتفاق جي بجاءِ هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي کان اڃا به وڌيڪ پري ٿيندا پيا وڃن. ان جو سبب فقط اهو آهي ته ڪانگريس ۽ هندو هڪ اهڙو ناهه ڪرڻ ٿا گهرن، جنهن جي ڪري سڄي هندستان جو اقتدار فقط هندن جي قبضي ۾ ئي رهي. ٻئي طرف مسلمان اهو ٿا گهرن ته ڪين آزادي ۽ هندستان جي آئنده واري حڪومت ۾ لائق ۽ سندن حق آهر مساوي حصو ملڻ گهرجي.

هندو- مسلم نقطي نظر ۾ به بنيادي فرق آهي ۽ اهو ئي فرق آهي ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اسان ۽ ڪانگريس گڏجي به برطانيه کان هڪ ذمہ دار گڏيل حڪومت کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهيو ن.

اسان هندو ڀائرن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيون ٿا، اڇو ديانتدار ۽ عملي مدبرن وانگر گذريل پنجويهن سالن جي تجربي مان ڪجهه فائدو پرايون. ناهه جي اصولن ۽ نتيجن تي غور ڪريون.

هندن کي گهرجي ته هو "هندو راڄ" جو خواب ڏسڻ ترڪ ڪري ڇڏين ۽ هندستان کي "مسلم هندستان" ۽ "هندو هندستان" لاءِ ورهاڱي تي راضي ٿين.

مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن دهلي - نومبر 1940ع

- ڪانگريس آزاديءَ جي طلبگار آهي. ان لاءِ حڪومت برطانيه کان مطالبو ڪري رهي آهي ته ان جو اعلان ڪيو وڃي.

ڇا تاريخ ۾ ڪنهن اهڙي ملڪ يا قوم جو ڪو مثال موجود آهي، جنهن کي آزادي ۽ خودمختياري، حڪومت جي هڪ غير معمولي اعلان سان ملي هجي؟

پنهنجي پاڻ کي اول آزاديءَ جو اهل ۽ لائق ثابت ڪرڻو پوندو آهي، جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي، بلڪ اڳتي وڌي قبضو ڪرڻو پوندو آهي.

مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن دهلي - نومبر 1940ع

- انهن مسلمان ڀائرن متعلق ڪنهن به پريشانيءَ ۽ تشويش جي ضرورت ناهي، جي اقليت وارن صوبن ۾ رهن ٿا.

غور طلب مسئلو هي آهي ته جيڪڏهن ساڍن ڇهن ڪروڙ مسلمانن کي،

جي اڪثريت وارن حصن ۾ آباد آهن. هڪ ڪل هند گڏيل حڪومت جي تابع ڪيو وڃي ته باقي ٻچيل اڍائي ڪروڙ مسلمانن کي ڪهڙو فائدو پهچندو. جي پين صوبن ۾ رهن ٿا.

مان جنهن صوبي ۾ اقليت مان آهيان. اتي پنهنجي قسمت تي شڪر ۽ صبر سان پنهنجو فرض ادا ڪندو رهندس. پر مان انهن مسلمانن کي ضرور آزاد ڪرائيندس. جي هندن جي اقتدار ۾ آهن ۽ دوامي اقليت ۾ شمار ٿين ٿا. اڪثريت وارن صوبن ۾ غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن.

بمبئي جي نوجوانن جي ميڙاڪي کي خطاب .

3 جنوري 1941ع

- چڱيءَ طرح سان ياد رکڻ گهرجي. آزادي جي جدوجهد ڪو معمولي ڪم ناهي. هي سلطنت مغليه جي زوال کان وٺي اڄ سوڌو. سڀ کان وڏو ڪم آهي. جو اوهان پنهنجي ذمه ڪنيو آهي.

چڱيءَ طرح سمجهو ته منزل تائين پهچڻ لاءِ سيني وسيلن کان ڪم وٺڻو پوندو. هر ممڪن طريقي سان مڪمل تياري ڪرڻي پوندي.

مان اهان کي اهو به چوندس ته جذبات جي لهرن ۾ لڙهڻ مان ڪو به فائدو نه ٿيندو ۽ نه ڪو نعرن جي هٽڻ سان ڪاميابي حاصل ٿيندي.

پنجاب اسٽوڊنٽس فيڊريشن لاهور

20 مارچ 1941ع

- قومي تعمير لاءِ وڏا وڏا شعبا ڪهڙا آهن؟ اڄو اڄ مان اوهان کي ٻڌايان ٿو:

ڪنهن به قوم کي هڪ مملڪت جي حڪمران بنائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي بنيادي ٿنڀ ٿين ٿا. پهريون ٿنڀ آهي تعليم. تعليم کان سواءِ اوهان بلڪل اهڙي حالت ۾ آهيو. جهڙي ڪلهه رات هن پنڊال جي اوندهه ۾ هئي. تعليم حاصل ڪرڻ سان اوهان ان حالت ۾ ايندا جهڙي اڄوڪي روشن ڏينهن واري آهي.

ٻيو ته ڪا به قوم، ڪو به وڏو ڪم نه ٿي ڪري سگهي. جيستائين اها ڪاروبار، تجارت ۽ صنعت وحرفت جي ميدانن ۾ معاشي طور تي مضبوط نه ٿي آهي.

ٽيون جڏهن اوهان تعليم جي ذريعي، علم جي روشني حاصل ڪري معاشي، تجارتي ۽ صنعتي اعتبار کان پاڻ کي مضبوط نه ڪيو آهي، تيستائين پنهنجي دفاع لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهبو. يعني ٻاهرين جارحيت کان بچاءَ ۽

اندروني امن وامان کي برقرار رکڻ.

انهن ٽن تنين تي هڪ قوم جي عمارت تيار ٿي سگهي ٿي. پيو تہ ڪنهن قوم جي طاقت ۽ عظمت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس اهي ٽيئي ٿنيا ڪيترا مضبوط آهن ۽ قوم انهن ٽنهين شعبن ۾ ڇا ڇا ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

افسوس آهي جو اڄ اوهان انهن ٽنهين شعبن ۾ سڀ ڪان هيٺ آهيو. تعليمي اعتبار کان هڪ وڏو خال موجود آهي، جنهن کي پرٽو آهي، معاشي ۽ مالي حيثيت سان مسلمانن کي افلاس ۽ غربت نپوڙي ڇڏيو آهي ۽ سچي قوم ڇڻ تہ ڏيوالي ۾ اچي چڪي آهي. جيستائين دفاع جو تعلق آهي، ان متعلق موجوده نظام حڪومت پاران، مسلمانن کي تمام گهٽ وسيلا ڏنا ويا آهن.

مان اوهان کي هڪ پروگرام ڏئي رهيو آهيان، اوهان کي غيض ۽ غضب جوش ۽ خروش جي زبان ۾ ڳاليهون نہ ڪرڻ گهرجن. ڇا لاءِ تہ مون کي يقين آهي تہ اسان کي ان زبان ۾ ڳالهيون ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. ڇو؟ هن لاءِ تہ اول تہ اسان جو مطالبو توڙي اسان جو مقصد، جائز انصاف تي ٻڌل ۽ سچو آهي، ٻيو ڪارڻ اهو آهي تہ جي ماڻهو طاقتور آهن ۽ پاڻ تي اعتماد ڪرڻ سگهيا آهن، تن کي ڌمڪين ڏيڻ ۽ جوشيلي زبان کي استعمال ڪرڻ جي آخر ضرورت ئي ڪهڙي آهي.

جيستائين ممڪن هجي، اوستائين پنهنجن مخالفن کي سمجهائڻ لاءِ عقل ۽ دليل کان ڪم وٺڻ گهرجي. مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ بيشڪ عقل ۽ دليل کي هميشہ لاءِ ڪا ڪاميابي بہ نصيب نہ ٿي ٿئي، پر اسان کي پنهنجي طرف کان پوري پوري ڪوشش ڪرڻ جڳائي.

جي ماڻهو قرارداد پاڪستان جي خلاف آهن، اسان کي انهن جي دل ۾ غير ضروري تلخي پيدا ڪرڻ نہ گهرجي. آخر اسان کي ضرورت ئي ڪهڙي آهي جو وينا ماڻهن سان تلخي ڪيون.

مون کي پورو پورو يقين حاصل آهي تہ هڪ ڏينهن اسان جا مخالف ضرور محسوس ڪندا تہ هندستان جي انتهائي مشڪل منجهيل مسئلي جو واحد ۽ بهترين حل فقط پاڪستان جي قيام ۾ موجود آهي، جنهن جي قيام جهڙو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ ملي نہ ٿو سگهي.

پنجاب مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن

2 مارچ 1941ع

- هندو قيادت اڄ تائين اها ئي پراڻي راڳيڙي آلاپيندي پئي اچي تہ مسلمان هڪ اقليت آهن، ان ڪري اسان جمعيت اقوام جي نهراءَ مطابق ڪين سيني حفاظتن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

مان پنهنجن دوستن ۽ هندو ليڊرن کي پڌائڻ تو گهران تہ جمعيت اقوام تہ مري چڪي آهي، ڇا اوهان کي اجا تائين اها ڳالهہ معلوم نہ ٿي آهي؟ مان اوهان کي پڌائڻ تو گهران تہ گهٽ ۾ گهٽ 25 سال اوهان پوئتي رهجي ويا آهيو. اوهان کي اهو احساس بہ نہ آهي تہ پوري دنيا جو چهرو هڪ هڪ هفتي کان پوءِ هڪ هڪ مهيني کان پوءِ تبديل ٿي رهيو آهي.

يورپ ۾ جنگ جي بين ميدانن ۾ اڄ تائين کهڙيون تبديليون اچي چڪيون آهن، انهن جي اوهان کي ڪا بہ خبر ناهي.

افسوس اهو آهي تہ هي قدامت پرست فرقو، هي ڇوت ڇات تي يقين رکندڙ فرقو، اڄ تائين پنهنجي ارادي ۽ روش کي بدلائڻ لاءِ تيار ناهي. اهو رجعت پرست فرقو، پنهنجي خيالن کي جديد بنائڻ لاءِ تيار ناهي. بهرحال اسان جو انهن سان ڇا؟ هيءَ ڳالهہ روز روشن وانگر واضح ۽ صاف آهي تہ اسان اقليت ناهيون. اسان هڪ قوم آهيون، ان ڪري هڪ قوم کي آباد ۽ خوشحال رهڻ لاءِ هڪ علائقو گهرجي. انهن رجعت پسندن کي اهو بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، تہ ڪا بہ قوم هوا ۾ رهي نہ ٿي سگهي، ان جي هن زمين تي حڪمراني هئڻ گهرجي. قوم کي پنهنجي مخصوص علائقي ۾ آزاد مملڪت گهرجي ۽ اوهان بہ اهو ئي تہ حاصل ڪرڻ گهرو ٿا.

پنجاب مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن

2 مارچ 1941ع

- مسلم اقليت جي صوبن ۽ صوبن ۾ آباد مسلمان نهايت خوددار ۽ بلند حوصلہ آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ آباد ڀائرن جي ڇوٽڪاري ۽ آزاديءَ خاطر اسان هر قسم جي ايثار ۽ قربانيءَ لاءِ تيار آهيون. پنهنجن ڀائرن جي راه ۾ رڪاوٽ بڻجڻ، توڙي انهن کي گڏيل هندستان ۾ پاڻ سان گڏ گهلڻ سان، اسان پنهنجيءَ حالت کي بهتر نہ ٿا ڪري سگهون. بلڪ ائين ڪندي اسان سندن حيثيت کي پاڻ گهٽائي ڪين اقليت بڻائي ڇڏينداسون.

اسان اهو پڪو فيصلو ڪيو آهي تہ خواه ڪجهہ بہ ٿي وڃي اسان پنهنجن

پائرن کي هندو اڪثريت جو حلقہ بگوش نہ بڻجڻ ڏينداسون.

مسلم يونيورسٽي عليڱڙھ

10 مارچ 1941ع

- مان هر هر چئي چڪو آهيان، تہ جمهوري پارليماني نظام حڪومت جهڙو اڄ ڪلهہ انگلستان ۽ يورپي ملڪن ۾ موجود آهي، سو هندستان لاءِ قطعاً غير موزون آهي.

ڪانگريسي اخبارن ۾ آزاديءَ جي دشمن وانگر مون تي ملامت ڪئي وئي آهي. مون کي عتاب آميز طعنن سان نوازيو ويو آهي، پر منهنجي بيان جي حقيقت سيني سمجهہ وارن شخصن جي دل ۽ دماغ تي مسلسل ظاهر ٿيندي پئي وڃي.

هندستان ۾ اڄ تائين برطانوي حڪمت عمليءَ جو بنياد ٻن ٿنين تي رکيل آهي. پهريون ٿنڀ اهو تہ هندستان هڪ وحدت آهي ٻيو ٿنڀ اهو تہ دستور هند جو بنياد مغربي طرز جي جمهوري نظام مطابق هئڻ گهرجي.

پر هندستان جي مسلمانن هر قسم جي شڪ ۽ شبهي کان پري هيءَ حقيقت مسلم ۽ واضح ڪري ڇڏي آهي تہ مسلمان هر مروجہ اصطلاح جي مفهوم ۾ اقليت نہ آهن بلڪ هڪ قوم آهن.

مسلم يونيورسٽي عليڱڙھ

10 مارچ 1941ع

- ياد رکڻ گهرجي تہ چين ۽ آمريڪا جهڙين وڏين ٽوپين جي گڏيل طاقت بہ ڪو اهڙو دستور اسان تي مقرر ڪري نہ ٿي سگهي. جنهن ۾ مسلمانن کي نظرانداز ڪيو ويو هجي.

جيڪڏهن گڏيل قومن پاران ڪنهن اهڙي چريائپ پري ۽ بيوقوفاٽي غلطيءَ جو ارتڪاب ڪيو ويو تہ پوءِ ياد رکجو تہ هڪ حقير ڪيڙو بہ پنهنجي دفاع ۽ بچاءَ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.

انهن انگريزن جي سنگينين جي پرواهہ نہ ڪندي، جن جي پاڇي ۾ ڪانگريس راڄ جو ڍونگ رچايو پيو وڃي، اسان ملڪ جي ساري نظام ۾ زلزلو پيدا ڪري ڇڏينداسون ۽ اهڙي هندو راڄ کي مفلوج ۽ معطل ڪري ڇڏينداسون.

مسلم يونيورسٽي عليڱڙھ

2 نومبر 1941ع

- هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي، تہ تقريباً هڪ هزار سال کان، هندن ملڪ جي ڪنهن قابل ذڪر حصي تي ڪا حڪومت نہ هلائي آهي. پر اسان جي تجويز پٽاندر ڪين رهڻي مان پارنهن آنا هندوستان ملي رهيو آهي. جنهن ۾ هو پنهنجو هندو راڄ قائم ڪري سگهن ٿا.

مون ڪين اپيل ڪئي آهي تہ هو اجايو حرص ۽ لالچ نہ ڪن، پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ هو اٽڪلن سان سڄي هندستان کي هڙپ ڪرڻ گهرون ٿا.

مان ڪين چوان ٿو تہ اوهان پارنهن آنا هندستان وٺو، پر منهنجي چئين آني جيتري هندستان تي اجايو حسد نہ ڪيو ۽ مون کي پنهنجي اسلامي تاريخ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي روايات، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تهذيب کي برقرار رکندي، زندگيءَ کي گذارڻ ڏيو ۽ اوهان پنهنجي وسيع هندستان ۾ پلي هندو راڄ هلايو.

مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ

2 نومبر 1941ع

- اسان مسلمان پنهنجي روشن ۽ تابنده تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ سان هڪ ممتاز قوم آهيون.

ادب ۽ شعر، فنون لطيفہ، فن تعمير، نام ونسب، شعور ۽ اقدار، قانون ۽ اخلاق، رسم و رواج، تاريخ ۽ روايات، مقصد ۽ ڪردار جي لحاظ سان اسان وٽ هڪ ممتاز ۽ ڏسڻ جو منفرد انداز بہ آهي ۽ فلسفہ حيات بہ آهي.

بين الاقوامي قانون جي هر تعريف اسان جي قوميت کي سلامتي ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

ايسوسيئيٽيڊ پريس آمريڪا لاءِ بيان

1 جولاءِ 1942ع

- گذريل ٽن سالن واري برطانوي پاليسي ڪيتري بہ ملامت جي قابل ڇو نہ هجي، اسان جي حالت اها ئي گدري واري آهي، گدرو ڇري تي ڪري يا ڇري گدري تي ڪري، هر حال ۾ نقصان گدري کي ئي پهچي.

فرض ڪريو، جيڪڏهن برطانوي پاليسيءَ کان تنگ اچي ڏک ۽ ڪاوڙ وچان ڪنهن مهل مسلمانن کي چئي ويهان تہ "انگريزن سان تعاون نہ ڪريو" تہ پوءِ يقين سان سمجهڻ گهرجي تہ حڪومت اڄ جيتري قدر (ڪانگريس جي هٿان) مصيبت پوڳي رهي آهي، ان کان گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ دفعا ڪيس اسان

مسلمانن جي هٿان مصيبت پوڳڻي پوندي.

اها بندوق ۽ تلوار جي ڳالهه ناهي، مسلمان پنجاهه دفعا ٻين کان وڌيڪ بهادر ۽ دلير آهن، ائين چئي مان هندن تي ڪا ٽوڪ نه ٿو ڪيان. فقط تاريخي حقيقت ٿو ورجايان. مسلمانن جو مزاج، حوصلو ۽ سڪيا جو طريقيڪار ئي ڪجهه ان قسم جو آهي.

پرڏيهي نمائندن کي انٽرويو

3 سيپٽمبر 1942ع

- پلا اهو ڪهڙو رشتو آهي، جنهن ۾ پوئجي، روءِ زمين جا مسلمان هڪ بدن ۽ روح وانگر ٿي چڪا آهن. اها ڪهڙي پهاڙي آهي، جنهن جي مٿان ملت جي عمارت مضبوط بيٺي آهي. اهو ڪهڙو لنگر آهي، جنهن سان هن امت جي ٻيڙي محفوظ ڪئي وئي آهي؟

ياد رهي، اهو رشتو، اها پهاڙي ۽ اهو لنگر خدا جو ڪتاب قرآن ڪريم آهي جنهن آزاديءَ جو روح پيدا ڪيو آهي.

مون کي يقين آهي ته جيئن اسان اڳتي وڌندا ويندا سون تيئن اسان ۾ وڌ کان وڌ اتحاد پيدا ٿيندو. هڪ خدا، هڪ رسول، هڪ ڪتاب ۽ هڪ امت!

اجلاس مسلم ليگ ڪراچي 1943ع

- پاڪستان ان ڏينهن تي وجود ۾ اچي چڪو، جڏهن هندستان ۾ پهريون هندو مسلمان ٿيو هو.

اها ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن هتي مسلمانن جي اجا ڪا حڪومت به قائم نه ٿي هئي.

مسلمانن جي قوميت جو بنياد ڪلمو توحيد آهي نه ڪو خان خاندان ۽ نسل، نه ڪو وطن لاءِ نعريبازي.

هندستان جو جڏهن پهريون فرد مسلمان ٿيو، تڏهن مسلمان تيڻ شرط سندس قوميت به بدلجي ويئي ۽ هو پهرينءَ قوم جو فرد نه رهيو. هو ان کان الڳ قوم جو فرد بڻجي ويو. ان طرح هندستان ۾ هڪ نئين قوم وجود ۾ آئي.

مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه

8 مارچ 1943ع

- اوهان غور فرمايو آهي ته پاڪستان جي مطالبي جو بنيادي ۽ جذبه

محرڪ ڪهڙو هو؟ مسلمانن لا هڪ الڳ مملڪت لاءِ جواز جو دليل ڪهڙو هو؟ هند جي ورهاڱي جي ضرورت ڇو پيدا ٿي؟

مون ڪان ان جو جواب پڇو. ان جو سبب نہ تہ هندن جي تنگ نظري آهي ۽ نہ ڪا انگريز جي چال.

هي اسلام جو بنيادي مطالبو آهي.

مسلم يونيورسٽي عليڳڙهہ
8 مارچ 1943ع

- اها حقيقت ياد رکڻ گهرجي تہ اسان جو ڪو بہ دوست ناهي. اسان ڪي نہ انگريز تي ڀروسو آهي ۽ نڪو هندو واڻئي تي. اسان پنهين جي خلاف آزاديءَ جي جنگ ڪنداسون، خواهہ هو ٻئي پاڻ ۾ گڏ ڇو نہ ٿي وڃن.

اجلاس عام پشاور - 2 نومبر 1945ع

- اسان پنهنجي سوال متعلق دليل بازي ۽ بحث مباحثي ڪندي، بلڪل ٿڪجي پيا آهيون، ڪنهن ڪان بہ امداد جي طلب ڪرڻ بي سود آهي.

دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي عدالت ناهي، جنهن ڪان اسان ڪا امداد وٺي سگهون.

اسان جي آخري عدالت ملت اسلاميہ آهي، اسان ان جي فيصلي تي هلنداسون.

مسلم ليگ ڪائونسل بمبئي - 27 جون 1946ع

- اسان جي راه ۾ ڪا بہ شيءِ رڪاوٽ بڻجي نہ ٿي سگهيءِ نہ ڪوئي اسان کي پنهنجي نصب العين ڪان هٽائي سگهي، اسان سڀني رڪاوٽن جو مقابلو ڪنداسون، مصيبتون سهنداسون، تان جو اسان باهہ جي شعلن مان بہ نڪري پار پونداسون. بيشڪ رستي ۾ اسان کي ناڪامين سان مقابلو ڪرڻو پوندو، پر ڪا بہ شيءِ اسان جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي نہ ٿي سگهي ۽ نہ ڪو ڪا بہ قوت اسان کي مغلوب ڪري سگهي ٿي. اسان جو مطالبو نهايت معقول آهي ۽ ان سان گڏ حق ۽ انصاف تي ٻڌل آهي. خدا اسان سان گڏ آهي. ڏهن ڪروڙن واري زندهہ جاويد قوم مٽائي نہ ٿي سگهجي. خواه اسان کي ڪيترين بہ مشڪلاتن ڏسڻيون پون. اسان پاڪستان ضرور وٺنداسون. پاڪستان ڪان سواءِ هند جا مسلمان تباهہ ٿي ويندا.

جشن عيد، قيصر باغ - بمبئي
30 آگسٽ 1946ع

- مون کي معلوم آهي تہ مسلمان دلير ۽ مجاهد آهن. پر هي وقت اهڙو نازڪ آهي جو ڪين پنهنجي گهرجي گهرجي خبر وٺڻ گهرجي. ڇا اوهان پنهنجي گهر جي حالت درست ڪئي آهي؟ ان سوال تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي دل کان پڇڻ گهرجي تہ ان جو جواب ڪهڙو آهي؟ مان جتي بہ وڃان ٿو اتي اهو ٿو ٻڌان تہ "قائداعظم! اسان تنهنجي حڪم جا منتظر آهيون" مان چوان ٿو تہ قائداعظم هرگز هرگز حڪم ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. جيستائين ڪيس اهو يقين نہ ٿي وڃي، تہ مسلمانن جو جيڪو خون وهندو، سو ضايع نہ ويندو. جيڪڏهن مان ان يقين حاصل ڪرڻ کان سواءِ مسلمانن کي حڪم ڏيئي ڇڏيان تہ پوءِ ان حالت ۾ مان جنرل نہ بلڪ مجرم ٿيندس. ان ڪري مان اوهان کي چوندو ٿو اڃان تہ اوهان سڀ کان اول پنهنجي گهر جي حالت کي درست ڪيو. ڪافي دير ٿي وئي آهي، پر اڃا وقت هٿان نہ ويو آهي. هن وقت بلند آواز دعوائن جي بہ ڪا ضرورت ناهي.

مسلمانن اهڙو ماٿهو ڳولهي ڪڍيو آهي، جو سندن خوبين ۽ ڪمزورين ٻنهين کان واقف آهي، ان ڪري ان سان تعاون ڪيو. آخر مان بہ انسان آهيان، مون کان بہ غلطي ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هر مخلص شخص کي اهو اختيار آهي تہ هو خدا ڪارڻ منهنجي ڪم جي باري ۾ مون کي مشورو ڏيئي ۽ تنقيد ڪري. اهو يقين رکڻ گهرجي تہ هر خط ۽ هر تار، جي مون ڏانهن اچن ٿا، سي مان پاڻ پڙهان ٿو. هڪ هڪ سٽ پڙهان ٿو ۽ منهنجو سڀ کان گهڻو وقت ان ڪم ۾ گذري ٿو. ان ڪري مسلمان، زباني ڳالهين جي بجاءِ جو ڪجهہ بہ سوچي يا محسوس ڪري، سو مون ڏانهن لکي موڪلي، مان ان تي غور ڪندس ۽ هر مناسب مشوري کي قبول ڪندس.

مان مسلمانن کي اهو يقين ٿو ڏياريان تہ جيڪڏهن منهنجي خدا مدد ڪئي تہ پوءِ انشاءَ الله مان مسلمانن کي منزل تائين توڙ رسائيندس.

جلسہ عام - دهلي - نومبر 1946ع

- جيڪڏهن حقيقت ۾ اوهان پاڪستان گهرو ٿا تہ پوءِ ان حالت ۾ مان خداوندڪريم کان اها دعا ٿو گهران تہ مسلمان جي دامن تي اهڙو بد نما داغ نہ لڳي، جنهن جو مظاهر محڪوم ۽ مجبور بي هٿيار ۽ لاچار مسلمانن تي، انسانيت سوز ظالم ڪندي، تنگ نظر ۽ تعصبي هندن پاران، صوبي بهار ۾ ڪيو ويو آهي.

اسان کي تهذيب ۽ شرافت کي ڪڏهن بہ ڇڏڻو ناهي. مسلمانن تي جي ظلم ٿي رهيا آهن، انهن ڪان اسان جون دليون زخمي ٿي پيون آهن.

پر اسان مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾، بيگناهہ ماڻهن کي ماري، پنهنجي دل کي ٿڌو ڪرڻ نہ ٿا گهرون. اسان کي اهو ظاهر ڪرڻ گهرجي تہ اسان دشمنن کي معاف ڪندڙ، بهادر، ايماندار ۽ سچا مسلمان آهيون.

پاڪستان ۾ غير مسلم، پنهنجي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت، خود مسلمانن ڪان بہ وڌيڪ حاصل ڪندا.

پر جي مسلمانن صبر جي دامن کي ليرون ليرون ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺا ۽ اسلام جيڪو بي مثال سبق دنيا کي سيکاريو آهي، سو وساري ويٺا، تہ پوءِ پڪ سمجهو تہ اوهان نہ فقط پنهنجي مطالبي کي وڃائي ويهندا، بلڪ هندستان ۾ اهڙي تہ خوفناڪ خونريزي ٿيندي، جنهن سان اسان جي آزاديءَ جي منزل اجا بہ پري ٿي ويندي ۽ اسان جي هٿن ۽ پيرن ۾ غلاميءَ زنجير جا اجا بہ وڌيڪ مضبوط ڪيا ويندا.

اقليت وارن صوبن ۾ مسلمانن تي ظلم ڪيو ويو آهي، جي بہ بيگناهہ مسلمان شهيد ڪيا ويا آهن، يا زخمي ۽ اپاهج ٿي چڪا آهن، يا جن جو مال ۽ اسباب لٽيو ويو آهي، تن کي اڳيان رکي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ بي گناهہ مسلمانن جي اهڙي عظيم قرباني رائگان نہ ويندي. انهن کي يقين ڪرڻ گهرجي تہ هنن آزاديءَ جي جنگ ۽ پاڪستان جي راهہ ۾ پنهنجو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي.

مسلمانن کي پرامن رهڻ جي اپيل

11 نومبر 1946ع

- مان پاڪستان جي لاءِ وڙهي رهيو آهيان، ڇا لاءِ تہ اسان جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو عملي حل اهو ئي آهي. گڏيل هندستان ۽ پارليماني طرز حڪومت، هڪ بي معنيٰ خواب آهي ۽ بلڪل ناممڪن خيال.

هندستان نہ تہ هڪ ملڪ آهي ۽ نہ ئي هت هڪ قوم آهي، ان ۾ ڪافي قومون آباد آهن، مان اهو پڇائڻ ٿو گهران تہ اسان جي ذهنن ۾ اهو تصور ڪنهن راسخ ڪيو آهي؟

هندستان هڪ رهي يا ورهائجي وڃي، آخر ان سان انگريزن جو ڪهڙو واسطو؟ ان مسئلي متعلق آخر انگريز ڇو پريشان ٿي رهيو آهي؟ آخر انگريز ڇا

لاءِ اسان جي اميدن، طلبن، تقاضائن ۽ تدبيرن جي خلاف هڪطرفي حوصلہ افزائي ڪري، ملڪ جي صحيح قيادت لاءِ ڪي مشڪل راهون پيدا ٿو ڪري.

انگريز وڃي رهيا آهن. آخر ڪين هتان وڃڻو ئي پوندو، پر هو ويندي ويندي ۽ بسترن کي ٻڌندي بہ گڏيل هندستان جو راڳ ڇو آلاپي رهيا آهن؟ آخر سندن اسان سان واسطو ڪهڙو؟

پر ياد رکو انگريز هن راز کي هندستان کان وڌيڪ ٿو سمجهي ۽ سندس چوٽڪاري جو راز بہ ان ۾ ئي آهي تہ هندستان گڏ رهي.

انگريز چڱيءَ طرح سان ڄاڻي ٿو تہ جيستائين گڏيل هندستان متعلق دعوائون قائم رهنديون، تيستائين تباهي ۽ بربادي قتل ۽ خونريزيءَ جو دور قائم رهندو ۽ اسان کي هت رهڻ جي ڪافي مهلت ملي سگهي ٿي.

خير! سندس اهي دم پختا ڪامياب نہ ٿيا، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هندستان مان ويندي ويندي بہ هٿيار بند ڪئمپ ۾ جوش ۽ خروش پيدا ڪري رهيا آهن، جيئن هندو - مسلم فسادن جي باهہ پڙڪي اٿي ۽ هندستان سڙي، ٻري رک جو ڍير ٿي وڃي. نہ رهن هندو نہ رهن مسلمان!

ميمڻ چيمبر آف ڪامرس - بمبئي
27 مارچ 1947ع

- دهليءَ جا شهري دوستو! اڄ مان اوهان کي الوداع ڪيان ٿو. تقريباً هتي هر فرقي جا ڪيترائي منهنجا دوست موجود آهن.

مان هر دوست کي دل جي خلوص سان اپيل ڪريان ٿو تہ هو، هن عظيم ۽ تاريخي شهر ۾ امن ۽ امان سان رهن.

اڄ ماضيءَ جي تلخين کي دفن ڪري، هندستان ۽ پاڪستان جي ٻنهين آزاد مملڪتن کي نئين طريقي سان سفر جو آغاز ڪرڻو آهي.

هندستان جي پر امن خوشحاليءَ جي دعائن ۽ نيڪ تمنائن سان الوداع - الوداع.
پاڪستان روانگيءَ وقت - دهلي 7 آگسٽ 1947ع

# پاڪستان جي تعمير

- هڪ قوم جو ائين رضاڪاراڻا طور تي، مڪمل اقتدار ۽ حڪومت جو ٻيءَ قوم کي حوالي ڪرڻ، پوري دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نرالو واقعو آهي.
هندستان کي صحيح نموني ۾ برطانيه جي تاج جو سڀ کان وڌيڪ چمڪيدار ۽ قيمتي هيرو سمجهيو تي ويو.
اڄ اهو هيرو پنهنجيءَ مرضيءَ سان ٻين جي حوالي ڪيو پيو وڃي.
لارڊ مائونٽ بيٽن کي خطاب
13 آگسٽ 1947ع
- پاڪستان جي سرزمين ۾ زبردست خزانا موجود آهن. پر ڪيس اهڙي ملڪ ناهڻ ۾، جو مسلمان قوم جي آباد ٿيڻ جي لائق ٿي سگهي، اسان کي پنهنجي قوت ۽ محنت جي ذري ذري کي استعمال ڪرڻو پوندو.
مون کي اميد آهي ته سڀ ماڻهو پاڪستان جي تعمير جي سلسلي ۾ دل ۽ جان سان حصو وٺندا.

جمعة الوداع - 17 آگسٽ 1947ع
- ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اسان پاڪستان حاصل ڪيو آهي، ليڪن خيال ۾ رهڻ گهرجي ته هڪ قسم جو اڃا آغاز آهي. اسان جي ڪلهن تي هن وقت تمام وڏيون ذميداريون پئجي چڪيون آهن. جيتري وڏي ذميداري اوترو ئي وڏو ۽ مضبوط ارادو گهرجي. اسان کي عظيم جدوجهد لاءِ جذبو پيدا ڪرڻ گهرجي.
پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي جن ڪوششن ۽ قربانين جي ضرورت پيئي هئي، پاڪستان جي تعمير ۽ تشڪيل لاءِ انهن قربانين ۽ ڪوششن جي ضرورت پوندي. حقيقي معنيٰ ۾ ڪم جو وقت هاڻي آيو آهي. مون کي پورو پورو يقين آهي ته مسلمانن جي ذهانت هن بار عظيم کي آسانيءَ سان برداشت ڪندي.
يوم عيد 18 آگسٽ 1947ع

- آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان جي قيام جي خوشين ملهائڻ واري موقعي تي عيد بہ مسرت جو پيغام کڻي آئي آهي. هيءَ پاڪستان جي پهرين عيد آهي. پوري اسلامي دنيا ۾ مسرتن ۽ خوشين جو پيغام آڻيندڙ هي ڏينهن ان وقت ظاهر ٿيو آهي جڏهن اسان جي قومي مملڪت ظاهر ٿي رهي آهي. ان لحاظ کان اڄوڪو ڏينهن اسان سڀني جي لاءِ خاص اهميت ۽ مسرت جو ڏينهن آهي. مان اڄوڪي مبارڪ موقعي تي سڀني مسلمانن کي پوءِ اهي کڻي دنيا جي کهڙي بہ خطي ۾ آباد هجن، دل جي سچائيءَ سان عيد مبارڪ پيش ڪريان ٿو.

هڪ اهڙي عيد، جا انشاءَ الله اسان لاءِ خوشحاليءَ جو نئون باب کوليندي ۽ جا اسلامي ثقافت ۽ نظريات جي نشاة ثانيہ جي تحريڪ لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندي. دعا آهي تہ شال الله تعاليٰ اسان کي گذريل قابل احترام تاريخ جي شايان شان بنائي.

پيغام عيد 18 آگسٽ 1947ع

- مان پاڪستان جي هر مسلمان مرد ۽ عورت کي چوان ٿو تہ هو سڀ پنهنجي موجوده ڏک ۽ تڪليف جي ٻوڏ ۾ نہ وهن. انهن پنهنجي قومي سلطنت قائم ڪرڻ لاءِ، اڳ ۾ بہ تمام گهڻيون تڪليفون سٺيون آهن ۽ ڪافي قربانيون ڏنيون آهن، هينئر اهو بہ انهن جو ئي ڪم آهي تہ هو پاڪستان جي تعمير ڪن جيئن تمام جلد هو دنيا ۾ سڀ کان وڏي اسلامي سلطنت جا معمار ۽ باني سڏجي سگهن ۽ دنيا جي قومن ۾ عزت وارو حق حاصل ڪري سگهن.

صرف ان صورت ۾ ئي اسان ان قتل وغارت جو بهترين انتقام وٺي سگهون ٿا، جو ٻئي طرف کان اڄ ڪلهہ ڪيو پيو وڃي. ياد رکڻ گهرجي تہ اوهان کي فوري جذبات کان مغلوب ٿي ڪري جسماني انتقام ۽ بدلي جي لا محدود رڃ ۾ ڦاٿڪڻ نہ گهرجي.

بيان - 24 آگسٽ 1947ع

- جي ماڻهو پنهنجي نادانيءَ جي ڪري اهو سمجهي رهيا آهن تہ هو پاڪستان کي ختم ڪري ڇڏيندا، سي وڏي غلطيءَ ۾ مبتلا آهن. دنيا جي ڪا بہ طاقت پاڪستان جي شيرازي کي منتشر ڪري نہ سگهندي. پاڪستان جون پاڙون پاتال تائين پهچي چڪيون آهن.

اسان جي دشمنن کي ان قسم جي خوابن ۽ ارادن جو ڪو ٻيو نتيجو نہ ڏسڻو پوندو. سواءِ ھن جي تہ، اڃا بہ وڌيڪ معصوم ۽ بي گناھ مسلمان ماريا وڃن. اھڙن کي ياد رکڻ گھرجي تہ اھي ماڻھو پنھنجن فرقن جي نرڙ تي بدنما داغ پيدا ڪري رھيا آھن. مھذب ۽ متمدن دنيا سندن ان قسم جي وحشياڻي طرز عمل کي نفرت جي نگاھ سان ڏسندي.

مان خدا کان دعا ٿو گھران تہ اي خدا، تو ئي اسان کي ھيءَ آزاد ۽ خودمختار سلطنت عطا ڪئي آھي، ۽ تون ئي ھن ملڪ جي ماڻھن کي مصيبتن سھڻ جي توفيق ڏي، ۽ صبر ۽ استقلال عطا فرماءِ جيئن ھر قسم جي اشتعال ھوندي، ھو پاڪستان ۾ امن امان قائم رکي سگھن.

بيان – 24 آگسٽ 1947ع

– ھندستان ورھائجي چڪو آھي ۽ ان جو ورھاڱو ٿيڻو ھو. ھيءَ ورھاست بلڪل آخري ۽ ناقابل تنسيخ آھي. ان کي رد ڪري نہ ٿو سگھجي. اسان کي ان جو بہ شديد احساس آھي تہ ھن عظيم آزاد ۽ خود مختيار سلطنت جي قيام ۾، اسان سان ڏاڍي بي انصافي ڪئي وئي آھي. جيترو بہ وڌ ۾ وڌ اسان کي مجبور ڪري ٿي سگھيا، اوترو مجبور ڪيو ويو.

آخري ضرب جا اسان کي ھنئي وئي آھي، سو آھي بائونڊري ڪميشن جو ايوارڊ. اھو ايوارڊ، نھايت غير منصفاڻو، ناقابل فھم ۽ گمراھ ڪن آھي. اھو ايوارڊ غلط، غير منصفانہ ۽ گمراھ ڪن ئي سھي، انصاف تي ٻڌل ھجڻ جي بدران سياست تي ٻڌل ئي سھي، باوجود ان جي اسان ان تي عمل ڪرڻ لاءِ اتفاق ڪري چڪا آھيون ۽ ھاڻي اسان ان جا پابند آھيون. ھڪ عزت واري قوم جي حيثيت سان اسان کي ان جي پابندي ڪرڻ گھرجي. اھا اسان جي بدقسمتي ئي سھي، پر ان ھڪ ضرب کي استقلال سان برداشت ڪرڻ گھرجي.

بيان – 24 آگسٽ 1947ع

– جنھن پاڪستان لاءِ اسان گذريل ڏھن سالن کان وني جدوجھد ھلائيندا آيا آھيون، اڄ الله جي فضل و ڪرم سان ان جي حيثيت تسليم ڪئي وئي آھي. پر ان سان گڏ اھو خيال ڪرڻ گھرجي تہ ڪنھن بہ قومي رياست کي وجود ۾ آڻڻ ڪو آخري مقصد نہ چئبو آھي، بلڪ اھو ڪنھن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو چيو ويندو آھي. اسان جو نصب العين اھو ھو تہ اسان ھڪ اھڙي

مملڪت جي تخليق ڪريون، جنهن ۾ اسان آزاد ۽ خود مختيار انسانن وانگر زندگي بسر ڪري سگهون ۽ جا سلطنت اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي روشنيءَ ۾ ترقي حاصل ڪري سگهي، جنهن ۾ معاشرتي انصاف جي اسلامي تصور ڪي نشوونما حاصل ڪرڻ جا اڪيچار موقعا ملي سگهن.

پاڪستاني آفيسرن کي خطاب

11 آڪٽوبر 1947ع

- اسان جيتريون به سخت تڪليفون سهنداسين، يا جيتريون به قربانيون ڏيڻ سگهنداسين، اوترو وڌيڪ پاڪيزه، خالص ۽ مضبوط قوم جي حيثيت سان ابري سگهنداسين.

جيئن سون باهه ۾ سڙڻ کان پوءِ خالص بڻجي ٿو، تيئن قومون مشڪلاتن کي برداشت ڪري، خالص بڻجن ٿيون.

عيدالاضحيٰ جو پيغام

24 آڪٽوبر 1947ع

- جيستائين ٻن قومن جي نظريي واري سڌانت جو تعلق آهي، ان لاءِ ائين چوڻ ڪافي آهي ته اها هڪ حقيقت آهي. هندستان جي ورهاست ان حقيقت جي بنياد تي ڪئي وئي آهي، ٻين ڳالهين جي قطع نظر ان حقيقت جي تصديق گذريل ٻن مهينن جي افسوسناڪ بلڪ شرمناڪ واقعن مان به ٿئي ٿي، جن ۾ هندستان ڀارن هن ملڪ مان هندن کي نڪري وڃڻ جي سازش پڻ آهي.

ان هوندي اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته برصغير ۾ صرف هڪ قوم آباد آهي! مان ان مسئلي تي ڪو به زور ڏيڻ نه ٿو گهران. ڪجهه ٻيا به اهڙا واقعا آهن، جي ان حقيقت جي تصديق ڪن ٿا ته هندستان جي مملڪت هڪ هندو مملڪت آهي.

هڪ پرڏيهي نامه نگار مسٽر هوپر کي انٽرويو

25 آڪٽوبر 1947ع

- ممڪن آهي ته ڪي ماڻهو اهو سوچيندا هجن ته اسان 3 جون واريءَ رٿ کي قبول ڪري غلطي ڪئي آهي. مان اهڙن کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته ان کان سواءِ ٻيو هر ڪو قدم حد کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ تباهيءَ وارو ٿئي ها. اوهان ان جو ڪو تصور به ڪري نٿا سگهو . اسان پنهنجي طرف کان نهايت صاف ۽ نيڪ

ارادن سان عمل ڪيو آهي. اڳتي هلي تاريخ ۽ زمانو شاهدي ڏيندا. ان جي برعڪس زماني ۽ تاريخ جي فتويٰ اهڙن ماڻهن جي خلاف هوندي، جن جي عياريءَ ۽ مڪاريءَ وارين تدبيرن سان هن برصغير ۾ بدامني ۽ انتشار وارو ماحول پيدا ڪيو ويو آهي. بدامنيءَ جي ڪري لکين بي گناهه قتل ٿي چڪا آهن، بي حساب جائداد تباهه ڪئي وئي آهي. لکين انسان بي گهر ۽ دربدر ٿي ڀٽڪي رهيا آهن. بي هٿيار ۽ ڪمزور، بي گناهن جي هن قتل عام جي منظر سازش جي اڳيان دنيا جي بدترين ظالمن ۽ جابرن جي انتهائي وحشيانه ۽ سنگدلانه خونريزي به سر جهڪائڻ لاءِ مجبور آهي. اسان هڪ ذليل سازش جو شڪار بنجي چڪا آهيون. ان سازش ڪي عمل ۾ آڻيندي، ديانت ۽ انسانيت جا سڀ اصول اورانگهيا ويا آهن. اسان ڪي ايمان جي دولت جو مقابلو ڪرڻ گهرجي.

جلسه عام لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- اوهان پنهنجو فرض بجا آڻيندا رهو ۽ خدا تي ڀروسو رکو. دنيا جي ڪا به طاقت پاڪستان کي ختم ڪري نه ٿي سگهي. هي قائم ۽ دائم رهڻ لاءِ بنيو آهي. اسان جا عمل ۽ ڪارناما دنيا تي ثابت ڪري رهيا آهن ته اسان سچائيءَ ۽ حق تي آهيون.

مان اوهان کي اهو يقين ٿو ڏياريان ته دنيا جي همدردي خاص طرح سان اسلامي ملڪن جي همدردي ۽ محبت اوهان سان آهي. اسان به هر ان قوم جا احسانمند آهيون، جنهن امداد، تعاون، همدرديءَ ۽ دوستيءَ جو هٿ اسان ڏانهن وڌايو آهي.

جلسه عام لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- اچو ته اسان ۽ اوهان گڏجي، پنهنجي آزاد قوم، پنهنجي خود مختار مملڪت پاڪستان جي تشڪيل ۽ تعمير لاءِ ڪجهه تدبيرون تيار ڪريون.

اوهان ڄاڻو ٿا ته پاڪستان دنيا ۾ سڀ کان وڏي اسلامي مملڪت آهي ۽ ساري دنيا ۾ پنجين عظيم ۽ آزاد سلطنت به آهي.

هر مسلمان مرد ۽ عورت لاءِ سونهري موقعو آهي، ته هو ان خوش قسمتيءَ تي فخر ڪن ۽ پنهنجي حصي آهر ڀرپور ۽ مڪمل ڪردار ادا ڪن.

پاڪستاني قوم ۽ ملڪ کي دنيا جي عظيم ترين قوم ۽ ملڪ بنائڻ لاءِ

مسلسل ۽ اڻ ٿڪ محنت ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. بيشڪ اسان ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن.

پاڪ سرزمين زبردست وسيلن ۽ ذريعن سان پربور آهي. پاڪستان ۾ ترقيءَ جا ڪيئي امڪان موجود آهن. باري تعاليٰ اسان کي قدرتي دولت سان مالا مال ڪيو آهي. ان ڪري هاڻي اهو ڪم اسان جو آهي تہ اسان ان دولت مان وڌ ۾ وڌ فائدو وٺون.

نشري بيان -30 آڪٽوبر 1948ع

- اها حقيقت اڄ اظهر من الشمس ٿي چڪي آهي تہ اسان پاڪستان حاصل ڪري ورتو آهي، ڪنهن بہ خوني جنگ کان سواءِ، امن ۽ امان سان، اخلاقي ۽ ذهني قوت جي زور تي ۽ قلم جي ان طاقت، سان جنهن جي ڪاٽ، تلوار کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ناهي.

اسان ثابت ڪري چڪا آهيون تہ اسان سچا آهيون ۽ اسان جو مقصد بہ سچو آهي.

پاڪستان هاڻي قطعي ۽ اٽل حقيقت بڻجي چڪو آهي، ان کي ڪو بہ ختم ڪري نہ ٿو سگهي.

- ان کان علاوه هن برصغير جي انتهائي منجهيل، آئيني مسئلي جو باعزت، منصفانہ ۽ عملي حل بہ پاڪستان جي قيام کان سواءِ بيو ڪو نہ هو.

نشري بيان لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان جي تعمير واري بار عظيم جي شدت ۽ سنگينيءَ کان ڪڏهن بہ گهبرائڻ نہ گهرجي.

تاريخ ۾ اهڙين نين قومن جا ڪيئي مثال موجود آهن، جن پنهنجي قوت ارادي ۽ بلند ڪرداريءَ سان پاڻ کي ناهيو ۽ وڏي عزت واري مقام تي پهچايو.

اوهان جو خمير فولادي قوتن مان بنيو آهي. اوهان همت ۽ حوصلي جي ڪري، دنيا ۾ ڪنهن بہ قوم کان گهٽ نہ آهيو تہ پوءِ سوال آهي تہ اوهان بين وانگر ڇو نہ ڪامياب ٿي سگهندؤ؟ خاص طرح سان پنهنجن ابن، ڏاڏن وانگر ڪاميابي.

اوهان کي پنهنجي ذات ۾ فقط مجاهدن وارو روح پيدا ڪرڻ گهرجي.

اوهان اها قوم آهيو، جنهن جي تاريخ حيرت انگيز نموني ۾، بلند

ڪردار، بلند حوصلہ، بهادر ۽ وڏي عزم وارين هستين سان ڀريل آهي، اوهان پنهنجي شاندار روايتن تي زندهہ قومن وانگر قائم رهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پنهنجي تاريخ ۾ شان ۽ شوڪت جي هڪ نئين باب جو اضافو ڪريو.

جلسہ عام لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- مان چاهيان ٿو تہ اوهان سڀ مڪمل اتحاد ۽ باهمي تعاون سان ڪم ڪيو، اڄ اوهان سيني خطرن جو پاڻ ۾ گڏجي سڏجي مقابلو ڪريو، جي اڄ اوهان جي اڳيان آهن.

مون کي يقين آهي تہ اسان سيني مشڪلاتن ۽ خطرن مان ڪاميابيءَ سان گذري ويندا سون.

پاڪستان جي عزت ۽ وقار کي اجا بہ وڌيڪ بلند ڪنداسون ۽ اسلام جي روايتن کي برقرار رکندي، ۽ پنهنجي قومي جهنڊي کي ڦڙڪائيندي، ڪامياب ٿينداسون.

پاڪستاني فوجن کي خطاب

8 نومبر 1947ع

- اسان جي پاران دشمن جي سازش جو موزون ۽ مناسب جواب اهو آهي تہ اسان پنهنجي مملڪت کي مضبوط بنيادن تي تعمير ڪرڻ جو عزم پيدا ڪيون. هڪ اهڙي مملڪت، جا اسان جي اولاد لاءِ بهترين تربيت گاهہ بنجي سگهي. ان لاءِ ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

مان ڄاڻان ٿو تہ جنگ جي دور ۾ اوهان مان گهڻن تي سخت تڪليفون آيون آهن، ان ڪري اڄ اوهان کي آرام جي ضرورت آهي.

پر ياد رکڻ گهرجي تہ اسان لاءِ اجا جنگ ختم نہ ٿي آهي، بلڪ ڇڻ هاڻي ڪان شروع ٿي آهي. ان ڪري جيڪڏهن اسان کي هن جنگ کي فتح ڪرڻ جو ارادو آهي تہ پوءِ اسان کي انتهائي جدوجهد سان ڪم ڪرڻو پوندو.

هي زمانو رڳو پنهنجي ذاتي ترقيءَ ۽ وڏين جنگين لاءِ تياري ڪرڻ جو ناهي. هي فقط تعميري ڪمن لاءِ آهي. بي غرض خدمت ۽ فرض جي ادائيگيءَ جو دور آهي، اوهان تي فرض آهي تہ اوهان پنهنجي قول ۽ عمل سان پنهنجي عوام ۾ نئون روح پيدا ڪيو. عوام کي اهو محسوس ڪرايو تہ هو هڪ عظيم مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هڪ اهڙي مقصد لاءِ جو هر قربانيءَ جو

مستحق آهي. اسان کي خدا تعاليٰ هڪ نئين مملڪت جي معمار بڻجڻ جو شرف بخشيو آهي، ڪتي ائين نہ ٿئي جو ماڻهو اسان کي طعنا هڻڻ شروع ڪن تہ اسان نئين مملڪت بنائڻ جي لائق ئي ناهيون.

پاڪستاني آفيسرن کي خطاب - ڪراچي

11 ڊسمبر 1947ع

- اسان مستقل مزاجيءَ اڻ ٿڪ محنت ۽ مشقت، جذبي ۽ خلوص، ايثار ۽ قربانيءَ سان، پاڪستان کي انشاءَ الله هڪ عظيم ۽ مستحڪم قوم بنائينداسون.

پاڪستان قائم ۽ دائم رهڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي. هن زمين تي ٻي ڪا بہ اهڙي طاقت ڪانہ آهي، جا ڪيس تباهہ ۽ برباد ڪري سگهي.

آمريڪي نامہ نگار کي انٽرويو

5 فيبروري 1948ع

- ايمانداريءَ، دل جي خلوص ۽ محبت سان ڪم ڪندا رهو، ڪم ڪيو ۽ گهڻو ڪم ڪيو.

حڪومت پاڪستان تي اعتماد ڪيو ۽ ان سان وفاداريءَ جو عزم ڪيو.

مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ اوهان جي ضمير کان وڌي ڪا بہ طاقت روءِ زمين تي موجود ناهي.

مان چاهيان ٿو تہ مان جڏهن باري تعاليٰ جي روبرو پيش ٿيان، تڏهن اوهان پوري اعتماد سان شاهدي ڏئي سگهو تہ مون بيشڪ پنهنجو فرض، انتهائي ايمانداريءَ، وفاداريءَ ۽ دل جي خلوص سان انجام ڏنو آهي.

آفيسرن کي خطاب - سبي

14 فيبروري 1948ع

- پوري انساني تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن نئين مملڪت جي اڳيان اهڙا سنگين ۽ مشڪل مسئلا نہ آيا آهن، جهڙا اسان جي اڳيان آهن.

ان طرح پوري انساني تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن نئين مملڪت اهڙن مشڪل مسئلن سان عزم ۽ استقلال سان مقابلو نہ ڪيو آهي، جهڙو اسان ڪري چڪا آهيون.

اسان جي دشمنن کي اها اميد هئي تہ پاڪستان پنهنجي ولادت سان گڏ ختم ٿي ويندو، پر انهن جي غلط اميدن جي ابتڙ پاڪستان پنهنجي ولادت

سان گڏ. مشڪل مسئلن جي هجوم مان نهايت مردانہ وار ۽ ڪامياب نڪري چڪو آهي، ۽ نڪتو بہ اهڙي شان سان آهي جو اڳتي کان نهايت مضبوط ۽ مستحڪم ٿي چڪو آهي.

پاڪستان قائم رهڻ لاءِ بنيو آهي ۽ هميشہ قائم رهندو، ۽ پنهنجو اهو عظيم ڪردار ادا ڪندو رهندو، جو سندس مقدر ۾ لکجي چڪو آهي.

بيان - ڍاڪا

21 مارچ 1948ع

- آزاديءَ جو مطلب اهو ناهي تہ هرڪو بي لغام ٿي وڃي. آزاديءَ جو مفهوم اهو بہ ناهي تہ هرڪو مملڪت ۽ ٻين ماڻهن جي مفادن کي نظر انداز ڪري، رڳو پنهنجي مفاد لاءِ ڪوشش ڪندو رهي.

اوهان تي وڏي ذميداري اچي چڪي آهي، ۽ اها اڳ وارين ذميدارين کان گهڻو وڌيڪ نازڪ ۽ سنگين آهي.

ان ڪري ضروري آهي تہ اوهان هڪ منظم ۽ متحد قوم وانگر رات ڏينهن ڪم ۾ لڳا رهو. اسان سڀني کي گهرجي تہ پاڻ ۾ تعميري جذبو پيدا ڪيون. آزاديءَ جي دور واري جنگ جي اڄ ٻيهر ضرورت ناهي، ڇو تہ آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ پسنديءَ جي جذبات ۽ جوش وخروش جو مظاهرو ڪرڻ نهايت آسان آهي. پر ملڪ ۽ ملت جي تعمير ڪرڻ نهايت مشڪل آهي.

ڍاڪا يونيورسٽي - 26 مارچ 1948ع

- جڏهن اوهان چئو ٿا تہ پاڪستان جو بنياد معاشرتي انصاف ۽ "اسلامي سوشلزم" جي اصولن تي رکيو وڃي، تڏهن اوهان بني نوع انسان جي اخوت ۽ مساوات تي بہ زور ڏيو ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي ۽ مون سان گڏ لکها مسلمانن جي جذبات جي ترجماني ڪيو ٿا. ان طرح اوهان جڏهن هر شخص جي ترقيءَ لاءِ مناسب موقعن جي طلب ڪيو ٿا، تڏهن بہ اوهان ڄڻ منهنجي خيالات جي ترجماني ڪيو ٿا. ترقيءَ جي موقعن ۽ اسبابن جهڙي مقصد متعلق تہ پاڪستان ۾ ڪنهن کي بہ اختلاف ناهي، ڇو تہ اسان پاڪستان ان لاءِ ٿي گهريو هو ۽ ان عظيم مقصد لاءِ ئي اسان جدوجهد ڪئي هئي. اسان پاڪستان ان لاءِ حاصل ڪيو هو، جيئن اسان پنهنجي روايتن مطابق پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ جسماني ۽ روحاني آزادي محسوس ڪيون. اخوت، مساوات ۽ رواداري، اهي

آهن اسان جي مذهب، تهذيب ۽ تمدن جا بنيادي اصول. اسان پاڪستان لاءِ ان ڪري جنگ ڪئي هئي جو برصغير ۾ اسان کي انساني حقن کان محروم ٿيڻ جا اسباب پئي نظر آيا. اسان عظيم تصورات جي لاءِ جدوجهد ڪئي هئي. جي تصورات، صدين کان غير ملڪي حڪمرانن ۽ ذات پات جي دقيانوسي معاشرتي نظام جي ٻٽي تسلط ۾ پيسجي چڪا هئا. اهڙو تسلط ٻن صدين کان اسان جي مٿان جائز رکيو ويو. اسان جي جدوجهد عظيم مقصدن لاءِ هئي.

جلسہ عام - چٽگانگ

26 مارچ 1948ع

- قدرتي ڳالهہ آهي تہ عوام جي سوچ، حڪومت جي قيام تائين ئي اڪتفا ڪري سگهي آهي. پر اسان کي جيترو جلد پاڻ کي نين تقاضائن جي مطابق بدلجڻو آهي. جيترو تيزيءَ سان اسان جو ذهن نئين رياست جي غير محدود امڪانات متعلق سوچي سگهي ٿو. اهو طريقو ئي آهي، جو پاڪستان لاءِ تعمير پسند ثابت ٿي سگهي ٿو.

اها ڳالهہ چڱيءَ طرح سان ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ صرف ان صورت ۾ ئي هر هڪ اخوت، مساوات ۽ معاشرتي انصاف جي مظاهري مان مستفيد ٿي سگهي ٿو. انهن قدرن کي عملي طرح سان قبول ڪرڻ ئي انساني ترقيءَ جي معراج تائين پهچڻ جو وسيلو آهي. اهي ئي قدر آهن جي هڪ طرف پاڪستان جي قيام جو جواز پيدا ڪن ٿا ۽ ٻئي طرف هڪ مثالي معاشري جي تخليق جا ذميوار آهن.

مان پوري زور سان هن ڳالهہ کي وري دهرايان ٿو تہ ذات پات تي قائم ٿيل دقيانوسي سماج کان جيڪو انساني روح کي خطرو محسوس ٿي رهيو آهي. اهو پاڪستان جي قيام کي ممڪن بنائڻ جي راهہ پيدا ڪري رهيو آهي. اڄ اسان جو اجتماعي روح سيني زنجيرن مان آزاد ٿي چڪو آهي. اسان کي گهرجي تہ اڳتي وڌون.

جلسہ عام - چٽگانگ

26 مارچ 1948ع

- هن مملڪت جي تعمير جي عظيم نصب العين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ ڪيئي شاندار موقعا موجود آهن. اوهان پاڻ کي مستقبل جي مقابلي لاءِ تيار ڪيو. پنهنجن ڪمن کي ان ئي عزم ۽ استقلال جاري رکندا اچو. جو عزم

هن وقت تائين اوهان ڏيکاريندا آيا آهيو.

سڀ کان اهم هيءَ ڳالهہ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ اوهان پاڻ کي شرارت پسند، پروپيگنڊا ڪندڙن ۽ خود غرض فتني ۽ فساد جو سامان بنجڻ نہ ڏيو. چالاڪ تہ اهي اوهان مان انهن مشڪلاتن مان، جي نئين مملڪت جي اڳيان لازمي طور تي پيدا ٿينديون آهن، بلڪل ناجائز فائدي وٺڻ جي سازش ۾ رڌل آهن.

ان عظيم مملڪت جي خاطر جنهن جا اوهان فرد آهيو، ان عوام جي سڀان جنهن جي خدمت ڪرڻ اوهان جي ذمي آهي، بلڪ خود اوهان لاءِ بہ فرض آهي تہ ڪنهن بہ مشڪلات کان اوهان نہ گهبرايو بلڪ اڳتي وڌندا رهو.

پاڪستان جي اڳيان نهايت شاندار مستقبل آهي. هاڻي اهو اسان جو ڪم آهي تہ قدرت جي نعمتن مان فائدو وٺون ۽ هڪ عظيم ۽ شاندار پاڪستان جي تعمير ڪيون.

جلسہ عام - ڈاڪا

28 مارچ 1948ع

- ياد رکو تہ پاڪستان جو قيام هڪ اهڙو عظيم واقعو آهي، جنهن جهڙو تاريخ ۾ ڪو بہ مثال ملي نہ ٿو سگهي.

هيءَ دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي سلطنت آهي. جيڪڏهن اسان ديانتداريءَ، ايمانداريءَ، خلوص ۽ بي غرضيءَ سان ڪم ڪيو تہ پوءِ لازم آهي تہ پاڪستان بہ سال بہ سال ترقي ڪندو رهندو.

مون کي پنهنجي عوام جي اعتماد تي ڪامل ڀروسو آهي ۽ يقين آهي تہ هر موقعي تي هو اسلام جي تاريخ، شان شوڪت ۽ روايتن جي مطابق عمل ڪندا ايندا.

پاڪستان جي پهرين سالگره

14 آگسٽ 1948ع

- قدرت پاران اوهان کي هر شيءِ سان نوازيو ويو آهي، اوهان وٽ لا محدود وسيلا موجود آهن. اوهان جي رياست جا بنياد نهايت مضبوط نموني ۾ رکيا ويا آهن. هاڻي اهو فقط اوهان جو ڪم آهي تہ ان جي تعمير ڪيو ۽ جلد کان جلد ۽ عمدي کان عمدي تعمير.

اڳتي وڌو ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندا ئي رهو.

پاڪستان جي پهرين سالگره

14 آگسٽ 1948ع

# نظام حڪومت

برطانيہ جي ماڻهن کي اهو احساس ڪرڻ گهرجي تہ هندستان جون حالتون، مغربي جمهوريت لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ سازگار ناهن. ان سلسلي ۾ سندن سڄي جدوجهد محض اجائي ۽ بي معنيٰ آهي.

هندستان ۾ پارٽي گورنمينٽ ڪنهن بہ خيال سان درست نہ ٿيندي.

سڀ حڪومتون، خواه اهي مرڪزي هجن يا صوبائي هجن، اهڙيون ٺاهجن جي ملڪ جي سڀني باشندن جي طبقن ۽ فرقن جي صحيح صحيح ترجماني ۽ نمائندگي ڪري سگهن.

لنڊن جي اخبار، ٽائمز اينڊ ٽائيڊ کي انٽرويو

19 جنوري 1940ع

- بہ سال اڳي مون شملي ۾ چيو هو تہ جمهوري پارليماني طرز جي حڪومت هندستان جي لاءِ ناموزون آهي، ان تي مون کي چيو ويو تہ مون اسلامي تعليمات کي ڪو وڏو نقصان پهچايو آهي، ۽ وڏو جرم ڪيو آهي، ڇو تہ اسلام جمهوريت پسند آهي.

منهنجو جواب آهي تہ جنهن حد تائين مون "اسلام" کي سمجهيو آهي، ان حيثيت سان چئي سگهان ٿو تہ اسلام اهڙي جمهوريت جي تلقين نہ ٿو ڪري. جنهن بنياد تي مسلمانن جي قسمت جي فيصلن جو اختيار "غير مسلم اڪثريت" جي هٿ ۾ ڏنو وڃي.

اسان ڪنهن بہ اهڙي طرز حڪومت کي قبول نہ ٿا ڪري سگهون، جنهن ۾ غير مسلم رڳو تعداد جي اڪثريت جي ڪري اسان تي قبضہ اختيار حاصل ڪن ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ ۽ ڪثرت راءِ جي آڙ ۾ حڪومت ڪندا رهن.

مون کان اهو سوال پڇيو ويو هو تہ جيڪڏهن مان جمهوريت نہ ٿو چاهيان تہ آخر بيو ڇا ٿو چاهيان؟ فسطائيت، نازيت يا آمريت؟

منهنجو جواب آهي تہ آخر انهن پڳتن ۽ جمهوريت جي پرچارين هن وقت تائين ڇا ڇا ڪيو آهي؟ انهن ڇهہ ڪروڙ انسانن کي اڇوت بنائي ڇڏيو آهي.

حڪومت جا اهڙا سخت ۽ بد ترين اصول ۽ قاعدا ناهيا اتن جي فسطائي مجلس اعليٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهن. انهن جو مطلق العنان ڊڪٽيٽر، گانڌي جي ڪانگريس جو چئن آنن وارو ميمبر به ناهي، پر حڪومت جو سڄو انتظام سندن اشارن تي هلايو پيو وڃي. ڇا اها آهي جمهوريت؟

انهن ڪانگريسي ٻڌتن اهڙيون ڪٺ پتليون وزارتون بنايون آهن، جي مجلس دستور ساز يا پارليامينٽ يا راءِ ڏيندڙ ووٽرن وٽ جوابدار ناهن. بلڪ هو مسٽر گانڌي جي پاران تاڪيل هڪ ڪميٽيءَ وٽ جوابده آهن.

مغرب جي مختلف ملڪن ۾ به عام طور تي مختلف نوع جي جمهوريت ٿئي ٿي. جڏهن ته مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هندستان لاءِ جنهن جون حالتون يورپ کان بلڪل مختلف آهن، برطانوي جماعتي طرز حڪومت ۽ نام نهاد جمهوريت قطعي ناموزون آهي.

مسلم يونيورسٽي عليگڙه

6 مارچ 1940ع

- جمهوريت جي معنيٰ آهي اڪثريت جي حڪومت. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ ڪا هڪڙي قوم آباد هجي ۽ سڄي معاشري جو نظام به هڪ ئي طرز جو هجي، ته پوءِ انهن حالتن ۾ اڪثريت جي حڪومت جي ڪاميابيءَ جو امڪان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو. حالانڪ هڪ قوم جي صورت ۾ به اسان کي ته اها طرز هميشه ناڪام ٿي نظر آئي آهي.

ان طرح اها حڪومت جا ماڻهن جي چونڊيل نمائندن جي ذريعي ڪئي وڃي ٿي، بشرطيڪ اهي ماڻهون يڪ رنگ ۽ هم آهنگ قوم تي مشتمل هجن. سا سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

پر جيڪڏهن ان مسئلي جي درست نتيجن تي پهچڻ لاءِ ذهن تي ٿورو به زور ڏنو وڃي ته پوءِ صاف نظر اچي ٿو ته جڏهن هڪ ئي ملڪ ۾ به قومون آباد هجن، ته پوءِ ان صورت ۾ اهڙو نظام هلي نه ٿو سگهي ۽ نه ڪو ڪامياب ٿي سگهي ٿو. ان کان سواءِ اهو به ڏسڻو آهي ته اسان جي هندستان ۾ مسلمانن ۽ هندن وٽ به مختلف معاشرا آهن ۽ اهڙا مختلف آهن جو انهن جي اختلاف کي مڪمل اختلاف چوڻ گهرجي.

اجلاس مسلم ليگ - مدارس

اپريل 1941ع

- نمائنده طرز جي پارليماني حڪومت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، منهنجي راءِ ۾ هندستان منڊ ڪان ڪڏهن هڪ قوم جو ملڪ ئي نہ رهيو آهي ۽ نہ ڪو هن ملڪ ۾ ڪڏهن هڪ قومي حڪومت قائم ٿي آهي. خواهہ هندن جي حڪومت رهي هجي، خواهہ مسلمانن جي. هتي هميشہ هڪ شخصي ۽ مطلق العنان حڪومت رهندي آئي آهي.

اڄ بہ برطانيہ جون سنگينون آهن جن هندستان کي جڪڙي هڪ بنائي ڇڏيو آهي.

جنهن وقت بہ اهي سنگينيون هن ملڪ مان هٽايون وينديون، تنهن وقت هندستان جي جغرافيائي وحدت ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندي.

اجلاس مسلم ليگ -اوٽاڪمنڊ

جون 1941ع

- اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ هندستان ڪڏهن بہ هڪ نہ رهيو آهي، نہ ڪو هڪ وقم جو ملڪ رهيو آهي. مٿس ڪا بہ هڪ طاقت شمشير جي نوڪ سان بہ حڪومت نہ ڪري سگهي آهي.

هندستان اصل ۾ مختلف قومن جو هڪ برصغير آهي جڏهن تہ اڄ بہ برطانيہ پاران مٿس حڪومت هلائي وڃي ٿي ڇوتون حصو ڪن اڄا برطانيہ جي زيرنگين نہ ٿيو آهي. انتظام جي موجوده هڪجهڙائيءَ خالص برطانوي پيداوار آهي. ان ڪان پوءِ برصغير جي هيءَ حڪومت جا 150 ۽ 160 سالن ڪان قائم ٿيل آهي، سا ڪا اهڙي حڪومت ناهي جا عوام جي منظوريءَ سان قائم ٿي آهي.

هي محض مغل طرز حڪومت تي جمهوري طرز حڪومت جي نظري اطلاق آهي. ان جي منظوري عوام نہ پر برطانوي سنگينن ڏني آهي.

عوام ۾ زبردست سياسي شعور پيدا ٿي چڪو آهي. اسان آزادي گهرون ٿا. اسان گهرون ٿا تہ پنهنجي ملڪ جا مالڪ اسان پاڻ هجون. اسان هاڻي برطانوي حڪومت کي خدا حافظ ڪرڻ گهرون ٿا. اسان جي مطالبہ پاڪستان ۾ هندستان جي آزادي ۽ خود مختاري مضمر آهي.

اجلاس ڪائونسل مسلم ليگ

9 نومبر 1942ع

- حيدرآباد جي مسلمانن کي منهنجو مشورو اهو آهي تہ ليڊرن جي چونڊ

۾ هو هميشه احتياط کان ڪم وٺن.

چو ته اڌ جنگ ته ليڊرن جي صحيح چونڊ ڪرڻ سان ئي فتح ڪري سگهبي آهي.

جلسه عام حيدرآباد دکن

11 جولاءِ 1946ع

- اسان هندن کي ڪامل يقين ڏيارڻ ٿا گهرون ته پاڪستان ۾ اقليتن سان منصفانه ۽ برادرانه سلوڪ ڪيو ويندو.

ان جي ثبوت ۾ اسان جي تاريخ شاهد آهي. اسلام جي تعليم اسان کي اهو ئي سيکاريو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته جي حڪومتون، عوام جي اعتماد ۽ مرضيءَ سان نه ٿيون قائم ٿين، سي ڪڏهن به ترقي ڪري نه ٿيون سگهن.

جمهوريت مسلمانن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. اسان هميشه مساوات، اخوت ۽ استقلال کي پيش نظر رکيو آهي.

اسان ۾ اهڙي ڪا به گنجائش ناهي، جو ڪو فرد پنهنجي خيال سان يڪ طرفي ڪارروائي ڪندو رهي.

اسان اوهان کي يقين ٿا ڏياريون ته اوهان هڪ شخصي حڪومت جي مقابلي ۾ اسان جي طرز حڪومت ۾ وڌيڪ حفاظت ۽ امن سان گذاري سگهندا.

ميمڻ چيمبر آف ڪامرس بمبئي

17 مارچ 1947ع

- جڏهن اوهان جمهوريت جون ڳالهيون ٿا ڪريو تڏهن مون کي شبهو پيدا ٿئي ٿو ته شايد اوهان اسلام جو مطالعو نه ڪيو آهي.

اسان اوهان کان تيرنهن سؤ سال اڳ جمهوريت جو سبق سکيو آهي.

پريس ڪانفرنس 14 جولاءِ 1947ع

- اوهان پاڪستان جي طرز حڪومت جي باري ۾ منهنجي ذاتي راءِ معلوم ڪرڻ گهرو ٿا.

مان چوندس ته دستور ساز اسيمبليءَ جهڙي بااختيار اداري جي فيصلي کان اڳ ڪو به ذميوار شخص پنهنجي ذاتي راءِ جو اظهار ڪري نه ٿو سگهي ۽ نه ڪو ائين ڪرڻ گهرجي.

پاڪستان جي دستور کي تيار ڪرڻ، دستور ساز اسيمبليءَ جو ڪم آهي.

پريس ڪانفرنس 14 جولاءِ 1947ع

- دنيا جي ڪا بہ طاقت، منظم عوام جي راءِ ۽ مرضيءَ جي اڳيان رڪاوٽ پيدا ڪري نہ ٿي سگهي ۽ عوامي راءِ ڪڏهن بہ ڪنهن غلطيءَ تي متفق نہ ٿي سگهي.

برما جي ٻن ليڊرن جي قتل تي اظهار افسوس

20 جولاءِ 1947ع

- آخر حڪومت جي اڳيان مقصد ڪهڙو آهي؟

حڪومت جي اڳيان صرف هڪ ئي مقصد ٿي سگهي ٿو. عوام جي مخلصانہ خدمت، عوام جي فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ مناسب تدبيرون اختيار ڪرڻ. ان ڪان سواءِ برسر اقتدار حڪومت جو ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان سواءِ ڪو ٻيو مقصد آهي تہ پوءِ اهڙي حڪومت کي اقتدار ڪان برطرف ڪرڻ گهرجي، پر هلڙ بازي ۽ هنگامي سان نہ. اقتدار اوهان وٽ آهي، اوهان جي شيءِ آهي، اوهان کي ان جي استعمال ڪرڻ جو فن بہ اچڻ گهرجي. اوهان کي سياسي نظام جي رمزن ۽ ريتن ۽ طريق ڪار کي سکڻ آزمائڻ گهرجي. آئيني طور تي اهو اوهان جي اختيار ۾ آهي تہ جيڪڏهن اوهان ڪنهن حڪومت کان مطمئن نہ هجو تہ پوءِ ان کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي مرضيءَ سان حڪومت قائم ڪريو.

جلسہ عام ڊاڪا

21 مارچ 1948ع

- اوهان جو ووٽ، هڪ قومي امانت آهي، ان کي رڳو پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ نہ گهرجي.

ڊيره اسماعيل خان - 17 اپريل 1948ع

# پرڏيهي پاليسي

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي ڪنجي هيءَ هوندي تہ دنيا جي سڀني قومن سان انتهائي دوستانہ تعلقات پيدا ڪيا ويندا.

اسان پوري دنيا لاءِ امن ۽ امان جا تمنائي آهيون. عالمي امن کي قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي حال ۽ توفيق جي مطابق پنهنجي حصي جو ڪردار، اسان نهايت خلوص ۽ خوش اسلوبيءَ سان انجام ڏينداسون.

پريس ڪانفرنس - 14 جولاءِ 1947ع

- مان بار بار چئي چڪو آهيان ۽ هاڻي وري بہ ورجايان ٿو تہ هندستان جو ورهاڱو باهمي ۽ ضابطہ معاهدي سان عمل ۾ آندو ويو آهي. ان ڪري اسان کي ماضيءَ جي تلخين ۽ رنجشن کي وساري پاڻ ۾ اهو عهد ڪرڻ گهرجي تہ اسان هڪ ٻئي ۾ دوستن وارو سلوڪ ۽ برتاءُ روا رکنداسون. اهڙيون ڪيتريون شيون آهن جي اسان هڪ ٻئي کان پاڙيسريءَ وانگر ضرورت جي وقت تي گهري ۽ وٺي سگهون ٿا. اسان مختلف طريقن سان هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهون ٿا. مادي خيال کان توڙي سياسي لحاظ کان، توڙي اخلاقي طرح سان.

ان طرح باهميءَ ميل جول ۽ ميٺ محبت سان دنيا جي قومن ۾ اسان ٻنهين مملڪتن جو وقار وڌائي سگهون ٿا.

رائٽر جي نمائندي کي انٽرويو

25 آڪٽوبر 1947ع

- مان بلڪل صاف ۽ ڪليل لفظن ۾ اهو اعلان ڪرڻ ٿو چاهيان تہ پاڪستان ڪڏهن بہ هڪ گڏيل مرڪز جي ماتحت ٻن آزاد مملڪتن جي وچ ۾ ڪنهن بہ قسم، شڪل ۽ طرز جي آئيني وحدت کي تسليم نہ ڪندو ۽ نہ ڪو ان تي اتفاق ڪندو.

رائٽر جي نمائندي کي انٽرويو

25 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان قائم رهڻ لاءِ ٺهيو آهي، ۽ هميشہ قائم رهندو. پر ٻن آزاد، مساوي ۽ خودمختار مملڪتن جي حيثيت ۾ اسان ڀارت سان دوستيءَ جي معاهدي ڪرڻ لاءِ هميشہ تيار آهيون.

جيئن اسان دنيا جي ٻين ملڪن سان معاهدو ڪري سگهون ٿا.

رائٽر جي نمائندي کي انٽرويو

25 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام، افغانستان جي مسلم مملڪت جي لاءِ دوستيءَ وارا دلي جذبات رکن ٿا.

افغانستان اسان جو سڀ کان پهريون ۽ ويجهو پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن سان پاڪستان جو عوام صدين کان ڪيترن نسلن کان، بي شمار مذهبي، ثقافتي ۽ معاشرتي رابطا قائم رکيو اچي ٿو.

پاڪستان جي عوام، افغان قوم جي جذبہ حريت ۽ ڪردار جي بلنديءَ کي هميشہ عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو آهي.

شاهہ افغانستان جي نمائندي، جي تقرير جي جواب ۾

3 ڊسمبر 1947ع

- مون کي ان ۾ ذرو بہ شڪ ناهي، تہ ماضيءَ وانگر مستقبل ۾ بہ برما ۽ پاڪستان جا تعلقات خوشگوار، مضبوط ۽ باهمي مفاد جي مطابق رهندا.

- هي ٻئي مملڪتون، جي تاريخ جي اعتبار کان قديم آهن ۽ ٻئي تقدير جي هڪ نئين راهہ تي گامزن آهن.

اميد آهي تہ ٻئي مملڪتون امن ۽ ترقيءَ جي نهايت مستقل ۽ ابدي زماني جي قيام لاءِ پوري طاقت ۽ توانائيءَ سان جدوجهد ڪنديون رهنديون.

برما جي سفير جي مقرريءَ تي

21 جنوري 1948ع

- تاريخ جو هر طالب ڄاڻي ٿو تہ آزادي، اخوت ۽ مساوات جو جيڪو آواز اوهان جي عظيم انقلاب جي دور ۾ بلند ٿيو هو ۽ جنهن کي اوهان جي جمهوريہ سرڪاري طرح سان قبول ڪيو هو ان جو اثر پوريءَ دنيا ۾ پکڙجي چڪو آهي.

اهي تصور ۽ اهي اصول اڄ بہ ڪيترين ڪمزور قومن جي امنگن جو محور ۽ تمنائن جو مرڪز بڻجي چڪا آهن.

دنيا جي آزاد مسلمان ملڪن ۾ سڀ ڪان گهٽ عمر هن ملڪ پاڪستان جي ثقافت ۽ روايتن جو ذخيرو، هڪ ڊگهي ماضيءَ جي ميراث آهي، اهڙو ماضي جو اسلامي دنيا سان فرانس جا گوناگون لاڳاپن جي پيش نظر فرانس جي حڪومت ۽ عوام جو چڱيءَ طرح جو ڄاتل سڃاتل آهي. اسلامي دنيا ۽ فرانس جي ڊگهي عرصي وارن رابطن ڪي نظر ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو تہ فرانس ۽ پاڪستان جو عوام هڪ ٻئي لاءِ اوپرو ناهي.

سفير فرانس جي تقرر تي تقرير

21 جنوري 1948ع

- اسان جي خارجہ پاليسيءَ جو اصل اصول آهي دنيا جي سيني قومن سان دوستي قائم ڪرڻ ۽ همدرديءَ جي جذبي سان هلڻ.

اسان دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ يا قوم جي خلاف ڪو بہ جارحاڻو ارادو نٿا رکون.

اسان قومي ۽ بين الاقوامي مامرن ۾ ديانت ۽ انصاف جي اصول تي يقين رکون ٿا.

اسان دنيا ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جي اضافي ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجو وڌ ۾ وڌ ڪردار انجام ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

پاڪستان دنيا جي مظلوم ۽ ڪمزور قومن ڪي اخلاقي ۽ مادي امداد ڏيڻ کان بہ پوئتي نہ هٽندو.

پاڪستان گڏيل قومن جي منشور ۾ درج ٿيل سيني اصولن جو حامي آهي.

آمريڪي عوام کي خطاب

فيبروري 1948ع

- پاڪستان جا رهواسي ڪنهن بہ اهڙيءَ شيءِ جا گُهرجائو ناهن جا انهن جي پنهنجي نہ هجي. اسان دنيا جي سيني آزاد قومن لاءِ دوستيءَ ۽ همدرديءَ جي جذبات کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ نٿا رکون.

اسان پاڪستاني اهو ارادو ڪري چڪا آهيون تہ، جيئن تہ اسان پنهنجي وڃايل آزاديءَ کي حاصل ڪري چڪا آهيون، ان ڪري نہ فقط پنهنجي پاڪستان کي مستحڪم ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ انتهائي جدوجهد ڪنداسون پر ان سان گڏ عالمي امن ۽ خوشحاليءَ لاءِ بہ هر ممڪن صورت ۾ مدد ڪندا رهنداسون.

آمريڪي سفير جي تقرر جي جواب ۾

26 فيبروري 1948ع

- سوال پڇيو ويو آهي تہ ڇا اها اميد رکي سگهجي ٿي تہ پاڪستان ۽ ڀارت ڪڏهن پنهنجي اختلافن کي پر امن طريقي سان حل ڪندا.

منهنجو جواب آهي تہ هائو! يقينن ائين ٿي ٿي سگهي ٿو. بشرطيڪ ڀارت سرسيءَ جي احساس کي ختم ڪري پاڪستان کي پنهنجو پاڙيسري پاءُ تصور ڪري ۽ اصل حقيقتن کي هميشہ نظر جي اڳيان رکي سوچي.

پريس بيان - 11 مارچ 1948ع

- مون کان سوال پڇيو ويو آهي تہ ڇا عالمي مامرن ۾ پاڪستان ۽ ڀارت پاڻ ۾ ملي ڪو ڪم ڪندا ۽ ڇا ٻاهرئين حملي جي صورت ۾ بري ۽ بحري محاذن تي ڪو گڏيل دفاع قائم ڪري سگهندا؟

منهنجو جواب آهي تہ مون کي ان ۾ ذري جيترو بہ شڪ ناهي. اسان جي اعليٰ ملڪي مفادن جي بہ اها ئي تقاضا آهي تہ پاڪستان ۽ ڀارت کي عالمي مامرن ۾ پنهنجو اهم ڪردار گڏيل سهڪار سان ادا ڪرڻ گهرجي.

ان طرح ٻن آزاد ۽ خود مختار مملڪتن جي حيثيت سان پاڪستان ۽ ڀارت کي ٻاهرين حملن جو دفاع گڏيل سهڪار ۽ دوستاڻي انداز سان ڪرڻ جڳائي.

پر ان جو دارومدار سراسر ان تي آهي تہ پاڪستان ۽ ڀارت سڀ کان اول پنهنجا اختلاف ختم ڪن پر اسان پهرين پنهنجي گهري کي مضبوط ڪريون تہ پوءِ اسان ان حيثيت وارا ٿي سگهنداسون، جو سڀ عالمي مامرا ثابت قدميءَ سان حل ڪري سگهنداسون.

سيئٽزرلينڊ جي هڪ صحافيءَ کي انٽرويو

11 مارچ 1948ع

- مان ايشيا جي سيني قومن ۽ خاص ڪري مسلمان قوم ۾ هم آهنگي، مقصد جي وحدت ۽ مڪمل افهام ۽ تفهيم جي ضرورت تي زور ڏيان ٿو. ڇالاءِ تہ ايشيائي اتحاد، عالمي امن ۽ خوشحاليءَ جي لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

ايراني وفد سان ملاقات

9 اپريل 1948ع

- نئين پيدا ٿيل مملڪت جي حيثيت ۾ پاڪستان دنيا جي لاءِ خير خواهيءَ ۽ همدرديءَ جو مڪمل جذبو رکي ٿو.

پاڪستان جي عوام پنهنجي نئين حاصل ڪيل آزاديءَ کي برقرار رکڻ

لاءِ دل ۾ جان سان ڪم ڪرڻ جو پختو ارادو پيدا ڪيو آهي.

ان عظيم ڪم جي تڪميل جي دوران پاڪستان جا باشندا دنيا جي ٻين مملڪتن سان پر خلوص تعاون پيدا ڪندا خاص ڪري هنگامي حالتن ۾ پاڪستان دنيا جي سيني قومن جو خاص خيال رکندو.

افغانستان جي سفير جي تقرر تي

8 مئي 1948ع

- سيني اسلامي مملڪتن کي عيد مبارڪ هجي، منهنجو عيد جو پيغام سواءِ دوستيءَ ۽ پائيپيءَ جي ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي.

اسان سڀ هڪ جهڙي نموني ۾ نهايت خطرناڪ دؤر مان گذري رهيا آهيون.

سياسي اقتدار جو ڊرامو جيڪو اسٽيج تي هلي رهيو آهي اهو اسان جي اکين کي کولڻ لاءِ ڪافي آهي. فلسطين انڊونيشيا ۽ ڪشمير ۾.

اسان پنهنجي مسلم اتحاد جي ذريعي سان دنيا کي پنهنجي آواز جي قوت محسوس ڪرائي سگهون ٿا.

عيدالفطر جو پيغام

27 آگسٽ 1948ع

# معاشيات

اسان مسلمان پنهنجي وطن ۾ ٻين قومن جي بنسبت اقتصادي ۽ معاشرتي ترقيءَ جي لحاظ سان نهايت پسمانده رهندا آيا آهيون.
صرف ٻه صنعتون آهن جن ۾ مسلمانن پنهنجي جاءِ ٺاهي آهي. هڪ ڪلن ۽ چمڙي جو واپار ۽ ٻيو ٻيڙين ٺهڻ جو ڌنڌو.
منهنجو چوڻ آهي تہ ڇا اوهان صرف ٻيڙين ۽ چمڙي جو واپاري ٿي رهڻ گهرو ٿا؟ يا پنهنجي ملڪ جي صنعتي ۽ واپاري ترقيءَ ۾ ڪو اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ پسند ڪريو ٿا.

اجلاس مسلم ليگ مدراس

20 اپريل 1941ع

- مون کي ڀهراڙيءَ جي غريب هارين نارين ۽ ڪمين ڪاسبين جي غربت، افلاس ۽ تڪليفن کي ڏسي سخت صدمو محسوس ٿي رهيو آهي.
مون سفر جي دوران جڏهن ريلوي اسٽيشنن تي ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جا ٽولا ڏٺا آهن تڏهن انهن جي افلاس ڪان سخت ڏک ٿيو اٿم.
پاڪستان جي حڪومت جو سڀ ڪان پهريون ڪم اهو ٿيندو تہ انهن ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار بلند ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ زندگيءَ پر بهترين زندگيءَ ڪان شادڪام ٿيڻ جو سامان پيدا ڪيو وڃي.

اجلاس مسلم ليگ - لائلپور

18 نومبر 1942ع

- مان نهايت ضروري ٿو سمجهان تہ زميندارن ۽ سيڙپڪار کي خبردار ڪريان. ان طبقي جي خوشحاليءَ جي قيمت عوام ادا ڪري رهيو آهي. ان جو سهرو جنهن مٿي ٿي آهي، اهو انتهائي ظالماڻو ۽ شر انگيز نظام آهي. ان نظام پنهنجن پاليل (عناصر) کي ان حد تائين خود غرض بنائي ڇڏيو آهي. جو ڪين ڪنهن بہ جائز دليل سان اسان قائل ڪري نٿا سگهون. پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ واري بد حالت ۽ عوام جي استحصال ڪرڻ جي برائي. سندن رت

۾ سمائجي چڪي آهي. اهي ظالم اسلام جي حڪمن کي وساري چڪا آهن. حرص ۽ هوس، سيڙپڪارن کي ايڏو تہ انڌو ڪري ڇڏيو آهي جو هو مفاد طلبيءَ ۾ دشمن جي هٿيار بنجڻ کان بہ نٿا گسن.

اوهان کي صلاح ڏيندس تہ اوهان ڪڏهن ڪنهن ٻهراڙيءَ ۾ هليا وڃو. مون پاڻ ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي ڏٺو آهي تہ اتي اسان جا لکين ماڻهو اهڙي زندگي گذاري رهيا آهن جنهن کي بيان ڪري نٿو سگهجي. ڪين ڏينهن رات ۾ ڪو هڪ وقت بہ پيٽ ڀري کائڻ نصيب نٿو ٿئي.

ڇا اوهان ان کي تهذيب ۽ ترقي سڏيندا؟ ڇا پاڪستان جو مقصد بہ اهو ئي آهي؟

ڇا اوهان ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ ڪيئن نہ ڪروڙها ماڻهن جو استحصال ڪيو ويو آهي. اڄ انهن جي اها حالت آهي جو ڪين ڏينهن ۾ هڪ وقت جو کاڌو بہ نصيب نٿو ٿئي.

جيڪڏهن پاڪستان ان صورتحال ۾ تبديلي نٿو آڻي سگهي تہ پوءِ اهڙي پاڪستان کي حاصل نہ ڪرڻ ئي بهتر ٿيندو.

جي سيڙپڪار ۽ زميندار عقلمند آهن تہ پوءِ نئين حالتن جي مطابق پاڻ کي جلد بدلائين. هو ائين ڪرڻ لاءِ تيار ناهن تہ پوءِ الله تعاليٰ سندن حال تي رحم ڪري اسان سندن ڪا بہ مدد ڪري نٿا سگهون.

اجلاس مسلم ليگ - دهلي

24 مارچ 1943ع

- منهنجو ايمان آهي تہ پاڪستان جي بنجڻ کان پوءِ موجوده دور ۾ ضروري ۽ بنيادي نوعيت وارين صنعتن کي سرڪاري تحويل ۾ لازمي طور وٺڻو پوندو ۽ اهو ئي عمل آهي جو عوامي ضرورتن جي تحت اهڙن ٻين شعبن ۾ بہ ڪرڻو پوندو.

ائسوسيئيٽڊ پريس آف آمريڪا کي ڏنل انٽرويو

8 نومبر 1945ع

- مان مسلمانن جي تعليمي، اقتصادي، ۽ معاشرتي ترقيءَ جي تمام گهڻين تجويزن تي غور ڪري رهيو آهيان.

منهنجي خيال ۾ مسلمان واپارين جي بهتري جو ٻيو ڪو بہ رستو ڪو نہ

آهي تہ هو هر ممڪن ۽ جائز طريقي سان پاڻ ۾ اقتصادي تنظيم پيدا ڪن. ايتري قدر جو مسلمانن کي ٿاٿا جهڙي مهم جو جفاڪش ۽ جرئتمنداڻي صنعت سان همسري ڪرڻ گهرجي.

ان سان گڏ مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ صنعتي ۽ تعليمي ادارا پڻ کولڻ گهرجن. بهرحال اسان کي پنهنجي قوم کي منظم ڪرڻ گهرجي.

ميمڻ چئمبر آف ڪامرس بمبئي

27 مارچ 1947ع

- مون کي اها اميد آهي تہ اوهان پنهنجي ڪارخاني جي منصوبا بنديءَ ۾ ڪارڪنن ۽ مزدورن جي رهائشي عمارتن نهرائڻ سان، گڏ سندن ضروري سهوليتن جو بہ خيال رکندا.

چالاڪ تہ مطمئن رهندڙ ڪارڪنن ۽ مزدورن کان سواءِ ڪا بہ صنعت ترقي نٿي ڪري سگهي.

وليڪا ٽيڪسٽائل ملز جو افتتاح

26 سيپٽمبر 1947ع

- ترقيءَ لاءِ بيشڪ رقم جي ضرورت آهي پر قومي ترقي سؤ سيڪڙو پئسن جي محتاج نہ آهي. ان جو دارومدار انساني ڪوشش ۽ محنت تي ٿئي ٿو.

ان کي پورو پروسو آهي تہ پاڪستاني قوم اهڙي محنتي ۽ ارادي جي پڪي قوم آهي جا شاندار روايتن جي ڪري ماضيءَ جي دؤر ۾ ممتاز رهي آهي.

وليڪا ٽيڪسٽائل ملز جو افتتاح

26 سيپٽمبر 1947ع

- جيڪڏهن پاڪستان کي دنيا جي اسٽيج تي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي جو سندس پکيڙ، آبادي ۽ وسيلن جي شايان شان ڏسڻ ۾ اچي تہ پوءِ زراعت سان گڏ صنعت کي بہ زور وٺائڻو پوندو ۽ پنهنجي معيشت جو بُنياد صنعت تي رکڻو پوندو.

پنهنجي مملڪت کي صنعتي بنائڻ سان زندگيءَ جي ضرورتن جي سلسلي ۾ ٻين ملڪن جي محتاجيءَ کان جند ڇٽي پوندي. تمام گهڻن ماڻهن لاءِ روزگار کلي پوندو ۽ مملڪت جي ذريعن ۽ وسيلن ۾ بہ ڪافي اضافو ٿيندو.

قدرت پاران اسان کي صنعت جي لاءِ خام مواد جي ڪافي ذخيرو نعمت

طور عطا ٿيل آهي. هاڻي اهو اسان تي فرض آهي تہ انهن ذخيرن ۽ وسيلن کي مملڪت جي عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ وڌ ۾ وڌ استعمال ۾ آڻي سگهون.

وليڪا ٽيڪسٽائل ملز جو افتتاح

26 سپٽمبر 1947ع

- قدرت پاڪستان کي بيحد ۽ بي حساب معدني دولت سان نوازيو آهي. اها دولت زمين جي هيٺان انتظار ڪري رهي آهي تہ ان کي ڪوٽي ڪڍهن تـو استعمال ۾ آندو وڃي.

آمريڪي ماڻهن کي خطاب (انٽرويو)

16 فيبروري 1948ع

- اسان جي پاڪستان ۾ ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ بي پناهہ امڪان موجود آهن. اسان ۽ اسان سان گڏ اسان جو عوام انهن سان مستفيد ٿيڻ لاءِ بيقرار ۽ مشتاق آهيون.

في الحال اسان وٽ سيڙپ جي گهٽتائي آهي ۽ فني علم جو فقدان. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ دوستن جي سهڪار سان اسان انهن ڪمزورين کي طاقت ۾ بدلائي ڇڏينداسون.

صنعت ۽ حرفت جي فروغ ۽ دولت جي واڌاري جي معاملي ۾ نہ ڪو اسان تعصب جو مظاهرو ڪنداسون ۽ نہ ڪو ڪوڙو غرور ظاهر ڪنداسيون. اسان پنهنجين موجوده ڪمزورين کان چڱيءَ طرح سان واقف آهيون. اسان اهڙي ٻاهرين سيڙپڪاريءَ جي بہ آجيان ڪنداسون جنهن ۾ اسان جي معيشت ۽ استحڪام پيدا ٿيڻ جو امڪان هوندو.

آسٽريليا جي وفد کي انٽرويو

19 فيبروري 1948ع

- هر نئين ڪارخاني جي قائم ڪرڻ جو مطلب آهي پاڪستان جي معاشي استحڪام ۽ عوامي خوشحالي جي شاهراهہ تي هڪ وڏيڪ قدم!

بنگال آئل ملز جو افتتاح

3 فيبروري 1948ع

- ڪفايت شعاري هڪ قومي دولت آهي، ان سان اسان جي مملڪت جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ زبردست مدد ملي سگهندي.

ان ڪري پئسن جي بچت ڪريو ۽ سيونگ سرٽيفڪيٽ خريد ڪريو.

قوم جي نالي پيغام

5 مارچ 1948ع

- جڏهن اسان پاڪستان جي آزاد ۽ خودمختيار مملڪت جو مطالبو ڪيو هو تڏهن ڪيئي اهڙا ڪوڙا نبي پيدا ٿي چڪا هئا جن ائين چئي ته پاڪستان معاشي طور تي زنده رهي نٿو سگهي، اسان کي پنهنجي نصب العين تان هٽائڻ ٿي گهريو.

انهن اسان جي مملڪت ۽ ان جي مالي ۽ معاشي استحڪام متعلق انتهائي اونداهون ۽ مايوسي پيدا ڪندڙ خيالن جو اظهار ڪيو.

اوهان جي پيش ڪيل پهرين بجيٽ سان انهن ڪوڙن نبين کي سخت صدمو پهتو هوندو.

هن بجيٽ پاڪستان جي ماليات جي استحڪام کي نه ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ حڪومت جي ارادي کي به ظاهر ڪيو آهي ته پاڪستان جي ماليات کي اڃا به وڌ کان وڌ مستحڪم بنايو ويندو.

ناڻي واري وزارت جي آجياڻي ۾ خطاب

پهرين اپريل 1948ع

- ڪاروبار ۽ ٻاهرئين واپار جي قوم لاءِ اها ئي حيثيت آهي، جا جسم لاءِ رت جي آهي. مان اهڙي پاڪستان جو ڪو تصور به نٿو ڪري سگهان. جنهن ۾ واپاري نه هجن.

جيئن هارين نارين ۽ سرڪاري ملازمن کان سواءِ پاڪستان تصور ۾ به نٿو اچي سگهي، تيئن ان ۾ ڪو به شڪ ڪرڻ نه گهرجي ته پاڪستان ۾ واپارين ۽ سوداگرن جي هميشه آجيان ڪيو ويندو. اميد اها آهي ته اهي به پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي تقدير کي بنائڻ وقت پنهنجي معاشرتي ذميواريءَ کان ڪا به غفلت نه ڪندا ۽ سيني سان وڏن ننڍي ننڍن سان هڪجهڙو ۽ انصاف پريو سلوڪ ڪندا رهندا.

چئمبرس آف ڪامرس ڪراچي

27 اپريل 1948ع

- مان حڪومت پاڪستان جي طرفان اهو يقين ڏيارڻ گهران ٿو ته

حڪومت جي پاليسي ۽ نيت اها آهي تہ واپار جي سيني وسيلن ۽ رستن کي وڌ کان وڌ حد تائين آزاد ڇڏيو وڃي.

چئمبرس آف ڪامرس ڪراچي

27 اپريل 1948ع

- پاڪستان زرعي اعتبار کان ايشيا کنڊ جو سڀ کان وڏو ترقي يافتہ ملڪ آهي ان طرح ان کي اهو بہ يقين آهي تہ جيڪڏهن ان جي زرعي پيداوار کي صنعتن جي قيام ۽ واڌاري لاءِ بهترين نموني ۾ استعمال ڪيو ويو تہ پوءِ پنهنجي عوام جي مشهور ۽ معروف ڪاريگريءَ جي روايتن ۽ جديد فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي قابليت سان گڏ صنعت جي ميدان ۾ بہ پنهنجو نالو نڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ هڪ مستقل ۽ منفرد نقش قائم ڪري سگهي ٿو.

چئمبرس آف ڪامرس ڪراچي

27 اپريل 1948ع

- واپار، ثقافت جي بنسبت وڌيڪ بين الاقوامي آهي. ان جي تقاضا آهي تہ اوهان ان انداز سان ڪم ڪريو جيئن اوهان جي هر قدم سان پاڪستان جي طاقت ۽ وقار ۾ اضافو ٿئي. مون کي ان ۾ ڪو ذري جيترو بہ شڪ ناهي تہ پاڪستان جي تجارت ۾ ڪاروباري ساک، پَتِ توڙي ديانت ۽ طريقيڪار جو اعليٰ معيار قائم ڪري ويندو.

جيڪڏهن پاڪستاني شين کي پنهنجي خاص ۽ ڌار شهرت حاصل ڪرڻي آهي تہ پوءِ شروع ۾، اصل اڄ کان وٺي اعليٰ معيار کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

منهنجي اها زبردست خواهش آهي تہ پاڪستاني شين جو معيار، ڪوالٽيءَ جي اعتبار کان دنيا جي سيني واپاري مرڪزن ۾ هڪ علامتي مثال طور متعارف ٿيڻ گهرجي.

خدا ڪري لفظ پاڪستان مال جي عمدگيءَ ۽ معيار جو مترادف لفظ بڻجي وڃي.

چئمبرس آف ڪامرس ڪراچي

27 اپريل 1948ع

- تجارتي ڪاروبار جي ٻنهين ڌرين کي همدرديءَ سان هلائڻ لاءِ تمام

ضروري آهي تہ غير مسلمان واپارين جي وچڻ ڪري جو خال پيدا ٿيو آهي، ان کي اول بنا دير مدار جي پريو وڃي.

مون کي اهو معلوم ڪري دلي خوشي پهتي آهي تہ پاڪستانين کي بئنڪ جي ڪاروبار ۾ تربيت ڏيڻ جو شعبو ڪم ڪري رهيو آهي. منهنجي پر اشتياق نگاهہ ان جي ترقيءَ جو مسلسل جائزو وٺندي رهندي. مون کي يقين آهي تہ اسٽيٽ بئنڪ کي سيني واسطيدار ادارن، تنظيمن، بئنڪن ۽ يونيورسٽين جو سهڪار حاصل رهندو. اسٽيٽ بئنڪ جو بنيادي مقصد آهي ان کي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪرڻ.

بئنڪ ڪاريءَ سان معاشيات جي هڪ نئين ۽ وسيع دنيا کلي سگهندي جنهن ۾ اسان جي نوجوانن جي ذهانت لاءِ ترقي ڪرڻ جا انيڪ موقعا پيدا ٿي سگهندا.

مون کي اهو اعتماد آهي تہ اسان جا پڙهيل ماڻهو وڏي تعداد ۾ اڳتي وڌندا ۽ سکيا جي سهولتن مان فائدو حاصل ڪندا. سکيا حاصل ڪرڻ کان پوءِ نہ فقط هو پاڻ فائدو پرائيندا پر ان سان گڏ پاڪستان جي ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ بہ حصو وٺي سگهندا.

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو افتتاح

15 جولاءِ 1948ع

- مان اشتياق ۽ دلچسپيءَ سان معلوم ڪندو رهندس تہ اوهان جي مجلس تحقيق بئنڪ ڪاريءَ جي سلسلي ۾ اهڙا طريقا اختيار ڪندي جي معاشرتي ۽ اقتصادي زندگيءَ متعلق اسلامي تصورن جي مطابق هوندا.

اولهہ جي معاشي نظام، انسانيت لاءِ ڏکيا ۽ منجهائيندڙ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. اڪثر ڄاڻن ماڻهن جو اهو چوڻ آهي تہ اولهہ کي ان تباهيءَ مان ڪو معجزو ئي بچائي سگهي ٿو جا اولهہ جي غلطين جي ڪري سموري انسانيت تي ڇانئجي چڪي آهي.

مغربي نظام انساني فردن جي وچ ۾ انصاف ڪرڻ ۽ عالمي ميدان ۾ ڪشمڪش ۽ اختلاف کي دور ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي بلڪ گذريل اڌ صديءَ ۾ ٿيل ٻن مهاڀاري جنگين جي ذميوار بہ سراسر اولهہ تي لاڳو ٿئي ٿي. مغربي دنيا صنعتي قابليت ۽ مشينن جي هوندي بہ زبردست فائدو رکندي بہ انساني تاريخ جي بدترين باطني تي بحران ۾ مبتلا آهي. جي اسان اولهہ جي

معاشي نظرئي ۽ نظام کي اختيار ڪنداسون تہ پوءِ عوام جي لاءِ پر سڪون خوشحالي حاصل ڪرڻ واري پنهنجي نصب العين ۾ اسان کي ڪا بہ مدد نہ ملي سگهندي.

پنهنجي تقدير اسان کي پنهنجي منفرد انداز ۾ بنائڻي پوندي. اسان کي دنيا جي اڳيان هڪ مثالي معاشي نظام پيش ڪرڻو آهي، جو انساني مساوات ۽ معاشرتي انصاف جي سچي اسلامي تصورن تي قائم هجي.

اهڙو نظام پيش ڪري ڇڻ اسان مسلمانن جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض پاڙينداسون. انسانيت کي امن جو صحيح پيغام ڏينداسون ۽ اهو واضح ڪنداسون تہ صرف اهڙو امن ئي انسانيت کي جنگ جي تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿو ۽ صرف اهڙو امن ئي سموري انسان ذات لاءِ خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جو امين ۽ محافظ بڻجي سگهي ٿو.

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو افتتاح

15 جولاءِ 1948ع

- اسانجي دشمنن پاڪستان کي پيدا ٿيندي ئي سندس ڳلي گهٽڻ لاءِ ڪيئي طريقا اختيار ڪيا. آخرڪار انهن سيني ڪوشش ۾ ناڪام ۽ مايوس ٿيڻ کان پوءِ انهن سمجهيو تہ معاشي سازش سان شايد اهو بدترين مقصد حاصل ڪري سگهندا جو رات ڏينهن سندن دل ۾ هو.

اهو ياد رهي تہ دليل بازيءَ ۽ فصاحت وبلاغت جي پوري طاقت سان ڪينو ۽ حسد پيدا ٿين ٿا ۽ رقابت جي باهہ ايجاد ٿي سگهي ٿي. انهن اڳڪٿي ڪئي تہ پاڪستان جو جلد ڏيوالو نڪرڻ وارو آهي. ڪين اهو خيال هو تہ دشمن جي تلوار ۽ باهہ سان جو مقصد حاصل نہ ٿيو آهي اهو مملڪت جي تباهہ ٿيل مالي حالتن سان حاصل ٿي ويندو. پر انهن ڪوڙن نجومين کي زبردست مايوسي ڏسڻي پئي. ڇا لاءِ تہ اسان جي بجيٽ الله جي فضل سان ترقي يافتہ ۽ وڌندڙ بجيٽ رهي. واپار جو توازن اسان جي حق ۾ رهيو ۽ معاشي ميدان جي هر شعبي ۾ اسان جي ترقي صاف صاف نظر اچي رهي آهي.

پاڪستان جي پهرين سالگرهہ تي

14 آگسٽ 1948ع

# معاشرتي مسئلا

ڪردار ڇا کي ٿو چئجي؟ ڪردار جو مطلب هي آهي ته عزت نفس، خودداري جي پختگي ۽ ديانتداري.

انهن سڀني خصوصيتن جو بدرجہ اتم موجود هجڻ ڪردار جي بلنديءَ جو دليل آهي.

قوم جي گڏيل مفاد لاءِ فردن جو پنهنجي پاڻ کي قربان ڪري ڇڏڻ ۽ ان لاءِ هر وقت تيار رهڻ بلند ڪردار آهي.

مسلم ڪنوينشن دهلي

17 اپريل 1946ع

- منهنجو انهن ماڻهن ڏانهن خطاب آهي جن عوام جي مفاد کان بي پرواهہ ٿي ذخيرا اندوزي ۽ منافع خوريءَ سان هٿ ڪارا ڪيا آهن. مان انهن کي مطالبو ٿو ڪريان ته هو پنهنجي هن غير فطري ڌنڌي کي فوري طور ترڪ ڪن.

پاڪستان ۾ ذخيرا بازن ۽ نفعي خورن جي لاءِ ڪا بہ جاءِ ناهي. اهي قوم جي جسم کي هڪ موذي مرض بڻجي کائي رهيا آهن. انهن کي نيست ونابود ڪيو ويندو.

حڪومت جو مقصد اهو آهي تہ مملڪت کي هرحيال سان فائدو پهچايو وڃي.

وليڪا ٽيڪسٽائل مل ڪراچي جي افتتاح تي

26 سيپٽمبر 1947ع

- مان مسلمانن کان چاهيان ٿو تہ هو صوبائي تعصب جي بيماريءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن. اهو ياد رهي تہ ڪا بہ قوم ترقي ڪري نٿي سگهي. جيستائين هوءَ هڪ صف متحد ٿي اڳتي نٿي وڌي.

اسان سڀ پاڪستان جا شهري آهيون. پاڪستان ۾ زندگي گذاريون ٿا. ان ڪري اسان کي ان جو حق ادا ڪرڻ گهرجي. اسان کي پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ قربانيون ڏيڻ گهرجن. جيڪڏهن پاڪستان اسان جي جان بہ گهري تہ اها بہ قربان ڪرڻ گهرجي. تان تہ دنيا ۾ هڪ شاندار ۽ عظيم

خوشحال ۽ آسودي مملڪت بڻجي سگهي.

بار ائسوسيئيشن ڪراچي

25 جنوري 1948ع

- مان اوهان ڪي يقين ڏيان ٿو ڏياريان ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير ڪان وڌيڪ بي ڪا به شيءِ ڪانه آهي. جڏهن اوهان پنهنجي خدا جي حضور ۾ پيش ٿيو تڏهن نهايت خود اعتماديءَ سان چئي سگهو ته مون تي جي فرض لاڳو هئا سي مون مڪمل ديانت، خلوص ۽ وفاداريءَ سان ادا ڪيا آهن.

مون کي يقين آهي ته اوهان پاڻ ۾ اهڙو جذبو پيدا ڪندا ۽ ان جي مطابق زندگيءَ جي هر ڪم ڪي تڪميل تي پهچائيندا.

سرڪاري ملازمن کي خطاب - سبي

12 فيبروري 1948ع

- مان هڪ ڀيرو وري به اوهان کي خبردار ڪريان ٿو ته پاڪستان جي دشمنن جي چار ۾ نه ڦاسجو. بدقسمتيءَ سببان اوهان ۾ ڪجهه ففٿ ڪالمسٽ ماڻهو آهن ۽ نهايت افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته اهي مسلمان آهن ۽ پنهنجي غلط ڪارين لاءِ پئسا ٻاهران حاصل ڪن ٿا. پر اهي سخت غلطفهميءَ ۾ مبتلا آهن. هاڻي سندن شر انگيزيءَ کي وڌيڪ برداشت ڪري نٿا سگهون. اسان پاڪستان جي دشمنن کي ڪڏهن به برداشت نه ڪنداسون.

اسان پاڪ سر زمين تي انهن منافقن ۽ پنجين ڪالم وارن کي ڪنهن به حالت ۾ برداشت نه ڪنداسون هرگز نه ڪنداسون.

جي اهو سڀ ڪجهه بند نه ٿيو ته پوءِ مون کي يقين آهي ته پاڪستان جي حڪومت اوهان جي پنهنجي حڪومت آهي، جا اهڙن منافقن کي بي درديءَ ۽ سختيءَ سان چيڀاڙڻ لاءِ سخت تدبيرون اختيار ڪندي، ڇالاءِ ته اهي ماڻهو اسان لاءِ زهر جي شڪل اختيار ڪري چڪا آهن.

عام جلسو - ڊاڪا

21 مارچ 1948ع

- مان چاهيان ٿو ته اوهان بنگالي، پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پٺاڻ وغيره جي اصطلاحن ۾ ڳالهه ٻولهه نه ڪريو. مان تسليم ٿو ڪريان ته اهي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جڳهه تي وحدتون آهن، پر مان پڇان ٿو ته ڇا اوهان اهو سبق وساري

ڇڏيو آهي جو تيرنهن سؤ سال اڳ اوهان کي سيکاريو ويو هو؟

جيڪڏهن مون کي اجازت ڏني وڃي تہ پوءِ مان چوندس تہ اوهان سيئي هت ٻاهر کان آيل آهيو. مان پڇان ٿو تہ بنگال جا اصل باشندا ڪير هئا؟ اهي هرگز ناهن جي بنگال ۾ هن وقت رهن ٿا تہ پوءِ ائين چوڻ مان آخر ڪهڙو فائدو ٿيندو تہ اسان پنجابي آهيون. سنڌي آهيون ۽ پٺاڻ آهيون؟ بلڪل نہ چوڻ گهرجي تہ اسان مسلمان آهيون! اسلام اسان کي اهو ئي سبق سيکاريو آهي- اوهان مون سان يقينن اتفاق ڪندا تہ اوهان ڇا بہ هجو ۽ ڪٿي بہ هجو. اوهان اول ۽ آخر فقط مسلمان آهيو. اوهان هاڻي باقاعده هڪ قوم سان تعلق رکو ٿا. اوهان هڪ وسيع علائقي کي پنهنجي تسلط ۾ آندو آهي، جو هاڻي اوهان جو پنهنجي آهي، نہ اهو پنجابين جو آهي ۽ نڪو سنڌين جو آهي نہ پٺاڻن جو آهي ۽ نہ بنگالين جو. اوهان جي پنهنجي مرڪزي حڪومت آهي، جنهن ۾ انهن جاگرافي وارين وحدتن کي نمائندگي حاصل آهي. ان ڪري جيڪڏهن اوهان پاڻ کي هڪ قوم ۽ هڪ عظيم قوم بنائڻ گهرو ٿا تہ پوءِ خدا جي واسطي صوبائي عصبيت کي فورن ترڪ ڪيو. صوبائي عصبيت بہ سُني - شيعا فرقيواريءَ وانگر هڪ وڏي مصيبت ۽ عذاب آهي.

عام جلسو - ڍاڪا

21 مارچ 1948ع

- مان بلڪل صاف طريقي سان اوهان کي انهن خطرن کان آگاهہ ڪرڻ گهران ٿو جي پاڪستان جي خاص طرح مان اوهان جي صوبي لاءِ پيدا ڪيا پيا وڃن. پاڪستان جي قيام کي روڪڻ واري ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي شڪست کان پريشان ٿي پاڪستان جا دشمن هاڻي مسلمانن ۾ فساد ۽ اختلاف پيدا ڪري هن مملڪت ۾ انتشار پيدا ڪرڻ گهرن ٿا. سندن ڪوشش هاڻي صوبي پرستي جي وبا ڦهلائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو آهي.

جيستائين اوهان پنهنجي سياست مان هن زهر کي ٻاهر نہ ڪڍي سگهندا، تيستائين اوهان پاڻ هڪ حقيقي قوم بڻجي نٿا سگهو.

اوهان لاءِ لازم آهي تہ اوهان بنگالي، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پٺاڻ وغيره جون ڳالهيون نہ ڪريو، اوهان فقط هڪ قوم آهيو ۽ هڪ ئي مملڪت سان سلهاڙيل آهيو. هيءَ مملڪت نہ پنجابيءَ جي آهي ۽ نہ بنگاليءَ جي، نہ

سنڌيءَ جي ۽ نہ بلوچيءَ جي آهي.

ڍاڪا- 31 مارچ 1948ع

- جيڪڏهن اسان پاڻ کي بنگالي، پنجابي، سنڌي ۽ بلوچي وغيره اول ۽ مسلمان ۽ پاڪستاني پوءِ سمجهندا رهنداسون، تہ ان صورت ۾ پاڪستان يقيناً ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو. ان کي هڪ معمولي ڳالهہ سمجهي اهين نظر انداز نہ ڪري ڇڏيو. ان فتني جي شدت ۽ غلط امڪانات کان اسان جو دشمن چڱيءَ طرح سان آگاهہ آهي.

مان اوهان کي اها تنبيهہ ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان، تہ هو منڍ کان ئي غلط فائدن وٺڻ ۾ مشغول آهي.

مان اوهان کان بہ هڪ ڳالهہ بلڪل صاف نموني ۾ پڇڻ ٿو گهران تہ، جڏهن پارت جون سياسي ايجنسيون ۽ پارتي اخبارون جن پاڪستان جي مخالفت ڪندي، الائي ڇا جو ڇا لکيو هو، هاڻي اوچتو مشرقي بنگال جي مسلمانن جون دوست بڻجي چوڻ لڳيون آهن تہ اوهان بنگالين جا مطالبا جائز آهن تہ پوءِ اوهان کي اهو محسوس نہ ٿو ٿئي، تہ سندن اهو قدم ڪنهن خوفناڪ شرارت ۽ سازش جي ڪري کيو پيو وڃي؟ انهن مسلمان ڀاءُ کي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي خلاف برغلائڻ شروع ڪيو آهي. ڇا اها سندن خيرخواهي آهي؟

مان اوهان کي صوبائي عصبيت جي زهر کان خبردار ڪرڻ ٿو گهران جنهن کي اسان جو دشمن پاڪستان ۾ داخل ڪرڻ ٿو گهران.

ريڊيو ڍاڪا تان نشر ٿيل تقرير 28 مارچ 1948ع

- اوهان کي صوبائي محبت ۽ مملڪت جي محبت ۾ ڪجهہ فرق ۽ امتياز ڪرڻ گهرجي. مملڪت جي محبت، بلڪ مملڪت پاران عائد ٿيل فرض، اسان کي اهڙي اعليٰ سطح تي پهچائي ٿو. جو صوبائي محبت کان بلڪل بالاتر ۽ ماورا آهي. ان سطح تائين پهچڻ لاءِ هڪ وسيع تر بصيرت ۽ بلند تر حب الوطنيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي.

مملڪت جي فرض جي تقاضا آهي، تہ اسان پنهنجي ذاتي يا مقامي يا صوبائي، مفاد کي عوام جي مفاد جي تابع ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

مملڪت جو فرض اول آهي ۽ پنهنجي صوبي پنهنجي ڳوٺ جو فرض بعد ۾ اچي ٿو.

ياد رکڻ گھرجي تہ اسان اهڙي مملڪت جي تعمير ڪري رهيا آهيون، جا پوري اسلامي دنيا جي تقدير بدلائڻ لاءِ اهم ترين ڪردار ادا ڪرڻ واري آهي. ان ڪري اسان کي وسيع تر ۽ بلند تر بصيرت جي ضرورت آهي. اهڙي بصيرت جا صوبائيت، قوم پرستيءَ ۽ نسل پرستيءَ جي حدن کان متي هجي. اسان ۾ حب الوطنيءَ جو شديد ۽ قومي جذبو پيدا ٿيڻ گھرجي.

اسلاميہ ڪاليج پشاور 12 اپريل 1948ع

- بلوچستان آزاد ۽ بهادر انسانن جي سرزمين آهي، ان ڪري اوهان جي نظرن ۾ قومي آزادي، عزت ۽ طاقت جي لفظن جي خاص قيمت هئڻ گھرجي. هي ملڪي ۽ غير ملڪي هجڻ جون ڳالهيون نہ ملڪ لاءِ مفيد آهن ۽ نہ ڪو اوهان جي شان وٽان آهن، هاڻي اسان سڀ پاڪستاني بڻجي چڪا آهيون.

اسان نہ بلوچي آهيون نہ پٺاڻ، نہ سنڌي آهيون ۽ نہ بنگالي، ۽ نہ ڪو پنجابي رهيا آهيون. اسان جا احساسات ۽ اعمال سڀ پاڪستاني هئڻ گھرجن.

اسان کي گھرجي تہ ڪنهن بہ ٻئي نالي جي بجاءِ صرف پاڪستاني سڏايون ۽ ان تي ئي فخر محسوس ڪيون.

ڪوئيٽہ شهري سپاسنامي جو جواب

15 جون 1948ع

- اسان چاهيون ٿا تہ اوهان خوددار ماڻهن وانگر پنهنجن پيرن تي بيهڻ شروع ڪيو، پنهنجي ملڪ جي وسيلن کي ترقي ڏيڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجن خوبين ۽ صلاحيتن کي عملي ڪم ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيو.

اوهان کي معلوم آهي تہ صوبہ سرحد پنهنجي آمدنيءَ سان پنهنجو خرچ پورو ڪري نہ ٿو سگھي. پر اسان کي ان جو ڪو بہ فڪر ناهي. پاڪستان سرحد پار، قبائلي پائرن جي معاشي ۽ معاشرتي حالت کي سڌارڻ جي خاطر هر قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي.

قبائلي جرگي پشاور اڳيان تقرير

17 مارچ 1948ع

- هاڻي اسان سڀ پاڪستاني آهيون، نہ بلوچي نہ پٺاڻ نہ سنڌي، نہ بنگالي ۽ نہ پنجابي.

اسان کي صرف پاڪستاني سڏائڻ تي فخر ڪرڻ گھرجي. اوهان ڪو بہ

قدم ذاتي يا مقامي پسند ۽ نا پسند جي زير اثر نہ کڻو. پاڪستان جي فلاح ۽ بهبود جو خيال رکي عمل ڪريو.

مان ڏسي رهيو آهيان تہ پاڪستان جو مستقبل انتهائي روشن ۽ شاندار آهي. پاڪستان، ويجهي زماني ۾ هڪ عظيم مملڪت جي حيثيت سان فتح مندانہ انداز سان اڀرندو ۽ دنيا جي عظيم ترين قومن جي صف ۾ شامل ٿي اڳتي وڌندو.

ڪوئيٽہ ميونسپالٽي جي آجياڻي ۾ تقرير

15 جون 1948ع

- هر شخص کي پنهنجي ڳوٺ ۽ شهر سان محبت هئڻ گهرجي ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي. اها تمام سٺي ڳالهہ آهي، پر ان کان بہ تمام سٺي ڳالهہ اها آهي تہ هر شخص کي پنهنجي ملڪ سان، پنهنجي ڳوٺ ۽ شهر کان وڌيڪ محبت هئڻ گهرجي. مقامي ۽ ذاتي وابستگي بہ بيشڪ، قدر ڪرڻ جهڙي شيءِ آهي. پر جزي جي قيمت آخر ڪهڙي؟ جيستائين هو "ڪل" سان وابستہ نہ ٿو رهي. ان جي باوجود هيءَ نهايت حقيقت افروز ۽ ڳوڙي حقيقت آهي، تہ ماڻهو قومي مفاد کي سولائيءَ سان نظرانداز ڪري ڇڏين ٿا. انهن تي مقامي فرقہ وارائڻ يا صوبائي مفاد کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. پاڪستان کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. پاڪستان کي عصبيت کان جلد از جلد ڇوٽڪارو ملڻ گهرجي.

اهو سڀ ڪجهہ برطانوي ڪنٽرول کان حفاظت ڪرڻ لاءِ صوبائي خودمختياري ۽ مقامي آزادي جا ٿنڀ بڻايا ويا هئا. جنهن کي ڪي ماڻهو اڄ تائين چنبڙيا ٿا اچن. پر هاڻي تہ پنهنجي مرڪزي حڪومت آهي، جا بلڪل با اختيار آهي، ان ڪري پراڻن ۽ غلط اصطلاحن تي سوچڻ، ڪمزور سهارن کي چمبڙي پوڻ جي برابر آهي. ياد رهي صوبائي عصبيت توڙي مقامي ۽ ذاتي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي خودڪشي!

ڪوئيٽہ ميونسپالٽي جي آجياڻي جي جواب ۾

15 جون 1948ع

# اقليتن جا حق ۽ سندن حفاظت

اقليت وارا جتي بہ هوندا، اتي سندن حفاظت ڪئي ويندي، مون هميشہ ڪان اهو يقين ڪيو آهي ۽ مان سمجهان ٿو، تہ منهنجو يقين غلط ناهي. ڪا بہ حڪومت پنهنجي اقليتن ڪي اعتماد ۽ حفاظت جي يقين ڏيارڻ ڪان سواءِ هڪ قدم بہ ڪاميابيءَ سان ڪڻي نہ ٿي سگهي. ڪا بہ حڪومت جانبداريءَ ۽ نا انصافيءَ سان قائم رهي نہ ٿي سگهي. اقليت سان ظلم ۽ تشدد حڪومت جي بقا جو ضامن ٿي نہ ٿو سگهي. اقليتن ۾ انصاف، آزادي، امن ۽ مساوات جو احساس پيدا ڪرڻ هر چونڊيل حڪومت لاءِ آزمائش آهي. ان خصوصيت ۾ اسان دنيا جي ڪنهن بہ مهذب ملڪ ڪان پوئتي نہ ٿا رهي سگهون. مون کي يقين آهي تہ جڏهن وقت ايندو، تڏهن اسان جي مملڪت جي اقليتن کي اسان جي روايتن، ثقافت ۽ اسلامي تعليم مان نہ صرف انصاف ۽ سچائي ملندا، بلڪ ڪين اسان جي ڪريم النفسي ۽ عاليٰ ظرفيءَ جو ثبوت بہ ملي سگهندو. اسان سوديبازيءَ جا هريل ناهيون. اسان صرف عمل تي يقين رکون ٿا ۽ صرف تدبر ۽ عملي سياست تي اعتماد رکون ٿا.

اجلاس مسلم ليگ - مدراس

اپريل 1941ع

- منهنجو هميشہ ڪان اهو يقين رهندو آيو آهي تہ مان حق ۽ سچائيءَ تي آهيان. منهنجو اهو بہ خيال آهي، تہ ڪا بہ حڪومت تيستائين ڪامياب ٿي نہ ٿي سگهي. جيستائين اها اقليتن جي دلين ۾ سلامتيءَ جو احساس ۽ اعتماد پيدا ڪري نہ ٿي سگهي. جيڪڏهن حڪومت جي پاليسي، اقليتن جي حق ۾، نا انصافي، بدديانتي ۽ ظلم تي ٻڌل هوندي تہ پوءِ اهڙي حڪومت ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ سگهندي. هر حڪومت لاءِ فيصلہ ڪن امتحان اهو آهي تہ عوامي حڪومت جي ماتحت اقليتن کي، ان امر جو احساس هجي تہ ساڻن ديانتداريءَ ۽ انصاف سان سلوڪ ڪيو ويندو.

اقليتن جي معاملي ۾، اسان مسلمان دنيا جي ڪنهن بہ مهذب حڪومت

ڪان پوئتي نہ رهنداسون. مون کي يقين آهي تہ جڏهن وقت ايندو، تڏهن اسان جي وطن ۾ آباد اقليتن وارا اهو ڏسي سگهندا، تہ اسان جا مسلمان حاڪم نہ صرف انصاف پسند ۽ فياض آهن، پر انتها درجي جا ديانتدار بہ آهن.

پلا ائين ڇو نہ ٿيندا، اسلام جون روايتون ئي اهڙيون آهن، اسلام جي تعليم ئي اها آهي، اسلام مسلمانن کي وراثت ۾ اها ئي روايت ڏني آهي.

اجلاس مسلم ليگ – مدارس

اپريل 1941ع

– اسان جي اها منشا ناهي، تہ پاڪستان جي قيام سان گڏ اختلاف ۽ جهيڙا شروع ٿي وڃن. اسان جي سامهون تمام وڏو ڪم آهي. ان طرح هندن کي، جي اسان جا برادران وطن آهن، انهن کي بہ پنهنجي مملڪت ۾ گهڻو ئي ڪم ڪرڻو پوندو. پر جيڪڏهن هنن اسان جي اقليتن سان بدسلوڪي شروع ڪئي تہ پوءِ پاڪستان هڪ خاموش تماشائيءَ وانگر پري کان ڏسندو نہ رهندو. جيڪڏهن گليڊسٽون جي زماني ۾ برطانيہ اقليتن جي حفاظت جي آڙ ۾ امريڪا ۾ مداخلت ڪري ٿي سگهي، تہ پوءِ جي هندستان ۾ اسان جي اقليتن تي ظلم ڪيو ويو، تہ پوءِ اسان جي مداخلت ڪرڻ ڪي ڇو نہ حق بجانب چئي سگهبو؟

مسلم ليگ ڪنوينشن – دهلي

17 اپريل 1946ع

– جيڪڏهن اوهان اسان کي حيوان نہ ٿا سمجهو، تہ پوءِ ياد رکڻ گهرجي تہ مسلمان پنهنجين اقليتن سان بهترين ۽ فياضانہ سلوڪ ڪندا رهندا.

پرڏيهي اخباري نمائندن سان ملاقات

14 نومبر 1946ع

– پاڪستان ۾ اقليتن جي پوري پوري حفاظت ڪئي ويندي، خواه ان جو تعلق ڪهڙي بہ فرقي سان هجي، انهن جو مذهب، عقيدو ۽ ايمان پاڪستان ۾ بلڪل سلامت ۽ محفوظ رهندو. کين عبادت جي آزادي هوندي. ان ۾ ڪا بہ مداخلت نہ ڪئي ويندي. کين رنگ ۽ نسل جي اعتبار کان پاڪستان جي شهري هجڻ جو حق هوندو.

پريس ڪانفرنس نئين دهلي

14 جولاءِ 1947ع

- وقت سان گڏ هي اڪثريت ۽ اقليت جا سمورا جهيڙا توڙي هندو فرقي ۽ مسلمان فرقي جا اختلاف ختم ٿي ويندا. ڇو ته خود مسلمانن ۾ بہ فرقا آهن. پناڻ، پنجابي، شيعه ۽ سني وغيره ۽ هندن ۾ برهمڻ، ويش، کتري ۽ شودر وغيره. ان طرح منجهن بنگالي ۽ مدراسي جو چڪر الڳ آهي.

جيڪڏهن اوهان مون کان سوال ڪيو ته پوءِ مان ائين ئي چوندس ته هندستان جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي حاصل ڪرڻ جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ اها ئي رهي آهي. جي اها نہ هجي ها ته پوءِ اسان اڄ کان گهڻو اڳ آزادي حاصل ڪري چڪا هجون ها. ڪا بہ قوم ڪنهن ٻيءَ قوم، خاص ڪري چاليهن ڪروڙن واري قوم، کي محڪوم بڻائي نہ ٿي سگهي ۽ نہ ڪو ڪا بہ طاقت اوهان کي ايتري ڊگهي عرصي تائين غلام بڻائي سگهي ها. اوهان غلامي ۾ رهيا، صرف ان رڪاوٽ جي ڪري، اسان کي ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي.

اوهان اڄ آزاد آهيو، اوهان عبادت لاءِ پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو. اوهان پنهنجين مسجدن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آزاد آهيو، اوهان مملڪت پاڪستان ۾ پنهجي عقيدي پٽاندر، پنهنجي عبادتگاهن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو، اوهان خواه ڪهڙي بہ مذهب، فرقي يا عقيدي سان تعلق رکندا هجو، مملڪت جي نظام کي ان سان ڪو بہ واسطو ناهي.

تاريخ جا ورق شاهد آهن تہ ڪجهہ وقت اڳ انگلينڊ ۾، حالتون اڄوڪي هندستان کان بہ بدتر پيدا ٿي چڪيون هيون.

رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ هڪ ٻئي جا جاني دشمن هئا، اڄ ڪلهہ بہ اهڙا ملڪ موجود آهن، جن ۾ رنگ يا نسل، جا امتياز اڃا تائين قائم آهن ۽ هڪ مخصوص فرقي تي پابنديون وڌيون وڃن ٿيون.

خدا جو شڪر آهي تہ اسان اهڙي زماني جو آغاز نہ ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ ٻن فرقن مان ڪنهن بہ هڪ سان ڪنهن قسم جو خاص امتياز روا رکيو ويو هجي. جڏهن تہ ڪنهن هڪ فرقي کي ٻئي فرقي تي رنگ ۽ نسل جي حيثيت سان ترجيح نہ ٿي ڏئي سگهجي.

اسان ان بنيادي اصول سان پنهنجي ڪم جو آغاز ڪري رهيا آهيون تہ اسان سڀ هڪ ئي مملڪت جا شهري آهيون ۽ اسان جا حق هڪجهڙا آهن. انگلينڊ جي ماڻهن کي بہ وقت سان گڏ اصل حقيقتن کي محسوس ڪرڻو پيو

هو، ۽ پنهنجي حڪومت پاران وڌل ذميوارين ۽ فرضن ڪي سرانجام ڏيڻو پيو هو. ان فرقہ پرستيءَ جي باھہ مان ڪين رفتہ رفتہ لنگهڻو پيو هو. اڄ اوهان چئي سگهو ٿا تہ انگلينڊ ۾ نہ آهن، ڪيٿولڪ ۽ نہ آهن پروٽسٽنٽ. اتي جنهن شيءِ جو وجود آهي، سا آهي، شهريت. اتي هر شخص شهري آهي. انگلينڊ جو شهري، هڪجهڙو شهري، پوري قوم جو هڪ فرد. اسان کي بہ هر وقت اهو نصب العين اڳيان رکڻ گهرجي. وقت گذرڻ تي اوهان پاڻ ڏسندو تہ نہ هندو هندو رهندو ۽ نہ مسلمان مسلمان رهندو. مذهب جي معنيٰ ۾ نہ، پر سياسي معنيٰ ۾، جڏهن هر شخص مملڪت جو شهري هوندو.

پاڪ دستوريہ کي خطاب - ڪراچي

11 آگسٽ 1947ع

- شهنشاھ اڪبر، جيڪو غير مسلمانن سان رواداريءَ وارو سلوڪ رکيو، سا ڪا نئين ڳالھہ ناهي، ان جو تعلق تيرهن سو سال اڳ واري دور سان آهي. جڏهن اسان جو پيغمبر ﷺ نہ فقط زباني لفظن سان بلڪ پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان يهودين ۽ عيسائين سان بهترين سلوڪ ڪيو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ان وقت ڪيو ويو جڏهن هو مفتوح ۽ مغلوب ٿي چڪا هئا. سندن ايمان ۽ عقيدي جو نہ رڳو خيال رکيو ويو، پر ان جو احترام ڪيو ويو.

مسلمانن جي پوري تاريخ اهڙن انساني ۽ عظيم اصولن سان ڀريل آهي. جن جي تقليد ڪرڻ گهرجي.

پاڪ دستور ساز اسيمبليءَ کي خطاب - ڪراچي

14 آگسٽ 1947ع

- هن مبارڪ موقعي تي اسان پنهنجن انهن ڀائرن، ڀينرن کي وساري نہ ٿا سگهون، جن پنهنجو سڀ ڪجهہ پاڪستان جي قائم ڪرڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏيو آهي. اسان خدا تعاليٰ کان دعا ٿا گهرون تہ جي شهيد ٿي ويا آهن، خدا انهن کي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ جي مظلوم ٿي چڪا آهن، تن کي پنهنجي مهربانين جي ڇانو ۾ رکي. انهن مظلومن ۽ شهيدن جي يادگيري ڪڏهن بہ اسان جي دلين مان وسري نہ ٿي سگهي.

اسان پاڪستانين لاءِ هن عيد جي خوشي، مسرت جو سبب نہ بڻجي سگهي آهي. اسان جا اهي مسلمان ڀائر جي هندستان ۾ اقليت جي حيثيت سان

رهجي ويا آهن، اسان کين يقين تا ڏياريون تہ اسان کين ڪڏهن بہ وساري نہ تا سگهون . انهن جي مدد ۽ خوشحاليءَ لاءِ اسان وڏين قربانين ڏيڻ کان بہ نہ ڪيٻائينداسين. ڇا لاءِ تہ منهنجي خيال ۾ اهي مسلم اقليتي صوبائي هئا، جن پاڪستان لاءِ سڀ کان اول پيش قدمي ڪئي. پاڪستان متعلق سندن ڪيل امداد ڪي مان ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان. مون کي اميد آهي تہ پاڪستان جا مسلم اڪثريتي صوبا بہ ان حقيقت کي نہ وساريندا تہ مسلم اقليتي صوبن تي پاڪستان جي دليراڻو ۽ تاريخي تحريڪ ۾ هر اول دستي وارو ڪم ڪيو آهي.

پيغام عيد - 8 آگسٽ 1947ع

- پاڪستان يا هندستان ۾ آباد مختلف مذهبن ۽ عقيدن وارين اقليتن جا فرد، ڪنهن خاص عقيدي يا مذهب، نسل يا طريقي جي ڪري شهريت جي حقن کان محروم ٿي نہ ٿا سگهن.

مون هر هر اهو واضح ڪيو آهي تہ پاڪستان جي اقليتن جا افراد برابريءَ وارا حق رکن ٿا. ڪين اهي حق ۽ رعايتون حاصل رهندا، جي پاڪستان ۾ ڪنهن بئي فرقي کي حاصل هوندا. پاڪستان هميشہ ان پاليسيءَ تي ڪاربند رهندو ۽ پنهنجي غير مسلم اقليتن ۾ سلامتيءَ ۽ اعتماد جو احساس پيدا ڪندو رهندو ۽ جو ڪجهہ بہ ممڪن ڪري سگهجي ٿو اهو ضرور ڪيو ويندو.

ڪراچي - سيپٽمبر 1947ع

- هندستان جي مسلمان ڀائرن کي منهنجي اها نصيحت خيال ۾ رکڻ گهرجي، تہ هو ان مملڪت جا سچا وفادار رهن. ان سان گڏ کين پنهنجي لاءِ نئين سر تنظيم ڪرڻ گهرجي ۽ صحيح قسم جي قيادت پيدا ڪرڻ گهرجي. جا صحيح اصولن تي سندن رهنمائي ڪري سگهي. مون کي هندستان جي حڪومت ۾ بہ اها ئي اميد آهي تہ جي ماڻهو پنهنجي وحشياڻ ۽ غير انساني حرڪتن سان هندستان جي مسلمانن کي نابود ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، حڪومت، تن کان مرغوب نہ ٿيندي ۽ نہ ڪو پنهنجي نالي تي داغ لڳڻ ڏيندي.

جي اقليت جي مسئلي جو آخرڪار حل وسيع پيماني تي، آباديءَ جو انتقال ئي تجويز ڪيو وڃي تہ پوءِ ان کي حڪومت جي سطح تي طئي ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ان کي خون جي پياڪن غنڊن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏڻ گهرجي.

پاڪستاني فوجن کي خطاب

11 آڪٽوبر 1947ع

- ڀارت جي مسلمان اقليت تي جو ڪجهه به اڄ ڪلهه گذري رهيو آهي، ان جو دنيا ڪي علم تي چڪو آهي، ان جي پيش نظر اهو ناممڪن آهي ته پاڪستان هڪ خاموش تماشائيءَ وانگر وينو ڏسي ته ڇا ڇا ٿي رهيو آهي؟

هڪ پرڏيهي، اخبار نويس سان ملاقات

25 آڪٽوبر 1947ع

- اسلام جي اصولن، هر مسلمان کي اهو سيڪاريو آهي ته هو رنگ ۽ نسل جي فرق ڦير کان سواءِ پنهنجي پاڙيسري اقليتن جي حفاظت ڪري. هندستان ۾ مسلمان اقليتن سان جو غير انساني سلوڪ ڪيو پيو وڃي، اهو نظرانداز ڪرڻ گهرجي ۽ اسان کي پنهنجي مملڪت جي اقليتن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ گهرجي ۽ منجهن سلامتيءَ جو احساس پيدا ڪرڻ گهرجي. ان قسم جي فرض شناسيءَ کي ئي پنهنجي وقار ۽ عزت جو مسئلو بڻائڻ گهرجي.

مان هر ان مسلمان کي جنهن کي پاڪستان جو فلاح ۽ بهبود دل سان پيارو آهي. بڌائڻ چاهيان ٿو ته هو انتقام کان پاسو ڪن ۽ صبر ۽ تحمل سان ڪم ڪن.

ياد رکڻ گهرجي ته انتقام ۽ قانون جي خلاف ورزيءَ مان اسان کي ڪو به فائدو پهچڻو ناهي. جي ائين جائز رکيو ويو ته پوءِ آخرڪار مملڪت جي عمارت جا بنياد ڪمزور ٿي ويندا جنهن مملڪت کي تعمير ڪرڻ جي حسرت اوهان ورهين کان ونئي دل ۾ سانديندا آيا آهيو.

جلسه عام - لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- مان هڪ ڀيرو وري به سيني مسلمانن تي اهو واضح ڪرڻ ٿو گهران ته هو لاقانوني عناصر، ففٿ ڪالمسٽ ۽ فسادن جي ذميوار غنڊن ۽ انهن جي گروهن کان پنهنجن هندو پاڙيسرين کي بچاءِن ۽ سيني اقليتن ۾ اعتماد ۽ حفاظت جو احساس پيدا ڪن.

پاڪستان تي غنڊن، لا قانونيت پسند گروهن ۽ ففٿ ڪالمسٽن کي حڪومت ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. پاڪستان تي باضابطه آئيني حڪومت جي حڪمراني هئڻ گهرجي.

حڪومت پاڪستان، قانون جي خلاف ورزي ڪندڙ عناصر کي سخت کان سخت سزا ڏيندي.

ڪراچيءَ جي فسادن متعلق بيان - ڪراچي

9 جنوري 1948ع

- پارسي اقليت وارا ڏاڍا خوش نصيب ماڻهو آهن جي قتل وغارت جي هنگامن ۽ فسادن کان بچي ويا آهن. حالانڪ بين ڪيترن فرقن تي مصيبتون اچي چڪيون آهن، ائين يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ مستقبل ۾ بہ پارسي فرقي وارا خوف ۽ فسادن جي نقصانن کان محفوظ رهندا.

انهن پنهنجي تنظيمي قابليت، هوشياري ۽ محنت سان اڳ ۾ ئي ملڪ ۾ هڪ مقام حاصل ڪري ورتو آهي. انهن جي تجارتي تجربي ۽ ذهانت لاءِ پاڪستان هڪ سٺو ميدان ثابت ٿي سگهي ٿو. خاص طرح سان ڪاروبار، تجارت، صنعت ۽ حرفت ۾ ڪين اچا بہ اڳتي وڌڻ گهرجي.

پاڪستان کي دنيا جي عظيم ترين مملڪت بڻائڻ ۾، پاڪستاني قوم کي دنيا جي عظيم قومن ۾ شامل ڪرڻ ۾، پاڪستان کي خوشحال سرزمين بنائڻ ۾، وفادار ۽ سچن شهرين جي حيثيت سان پارسي فرقي کي اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

پارسين پاران ڏنل آجياڻي ۾ خطاب - 3 فيبروري 1948ع

- اسان پنهنجن انهن اعلانن تي قائم آهيون تہ هر فرقي جي ماڻهن کي پاڪستان جو شهري تصور ڪيو ويندو ۽ انهن جا حق برابريءَ وارا قائم رهندا. اقليتن جي حفاظت ڪئي ويندي ۽ اهي پاڪستان ۾ امن ۽ امان سان رهي سگهندا.

مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ پست حال وارين قومن جي خوشحاليءَ لاءِ اسان جي دلين ۾ خاص طرح سان شفقت ۽ خيرخواهيءَ جا جذبات موجود آهن.

صدين کان زمانو اوهان کي لتاڙيندو آيو آهي، ان ڪري بين فرقن جي مقابلي ۾ اوهان وڌيڪ مدد ۽ همدرديءَ جا حقدار آهيو.

مون هميشہ اوهان جي مفاد جي حمايت ڪئي آهي ۽ آئنده بہ ائين ئي ڪندو رهندس.

پنتي پيل قومن جي وفد کي جواب - ڍاڪا
28 مارچ 1948ع

# سرڪاري ملازمن کي خطاب

حڪومت جو پهريون فرض اهو آهي تہ هو سڀ کان اول ملڪ ۾ امن ۽ امان کي برقرار رکي، جيئن مملڪت جي طرفان عوام کي سندن زندگي، جائداد ۽ مذهبي اعتقادات جي حفاظت جي پوري پوري ضمانت حاصل رهي.

دستورساز اسيمبليءَ کي خطاب

11 آگسٽ 1947ع

- جڏهين تہ حڪومت جي پاليسيءَ کي عملي نموني ۾ نافذ ڪرڻ جي ذميداري سرڪاري ملازمن تي لاڳو ٿئي ٿي، ان ڪري سندن اهو فرض آهي تہ هو وقت بہ وقت ڏسندا رهن تہ حڪومت جي پاليسيءَ تي عمل ٿي رهيو آهي يا نہ؟ جيئن حڪومت تي ڪو الزام نہ اچي سگهي تہ حڪومت، جو ڪجهہ بہ چوي ٿي ان تي عمل نہ ٿو ٿئي.

اوهان ئي آهيو جي پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان، عوام کي حڪومت جي نيڪ نيتيءَ جو يقين ڏياري سگهو ٿا.

مون کي ڪامل يقين آهي تہ سرڪاري ملازم ان سلسلي ۾ مايوس نہ ڪندا.

حڪومت جي آفيسرن کي خطاب

11 آڪٽوبر 1947ع

- اڄ اسان هتي اعليٰ ۽ ادنيٰ جي امتياز کان سواءِ محض مملڪت جي خادمن جي حيثيت سان، هن لاءِ گڏ ٿيا آهيون جيئن اسان عوام ۽ پنهنجي ملڪ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ غور ۽ فڪر ڪري سگهون، ان سلسلي ۾ طريقا سوچي سگهون.

اسان وڏن ۾ وڏا توڙي ننڍن ۾ ننڍا، سڀ جا سڀ پاڪستان جا ملازم ۽ خادم آهيون.

حڪومت جي آفيسرن کي خطاب - سبي

14 فيبروري 1947ع

- مان ائين چئي نہ ٿو سگهان تہ اوهان جي انتظاميہ بلڪل بي عيب ۽ هر لحاظ سان مڪمل آهي. مان اهو بہ چئي نہ ٿو سگهان تہ اصلاح جي ڪا

گنجائش ناهي. مان ائين بہ نہ چوندس تہ سچن ۽ سمجهہ وارن پاڪستانين جي طرف کان ٿيل تنقيد ڪا بري ڳالهہ آهي، اهڙي تنقيد هميشہ قابل احترام تصور ڪرڻ گهرجي.

پر جڏهن مان اهو ڏسي رهيو آهيان تہ ڪن طبقن ۾ رڳو شڪوه ۽ شڪايت، الزام ۽ عيب جوئيءَ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ڪانہ آهي، انهن وٽ هن عظيم ڪم جي سلسلي ۾ تعريف ۽ تحسين جو ڪو هڪ لفظ بہ ڪونہ آهي. جو اوهان جي حڪومت ۽ اوهان جي وفا شعار آفيسرن طرفان انجام ڏنو پيو وڃي. جي رات ڏينهن اوهان جي خدمت لاءِ مصروف رهن ٿا. اها حالت ڏسي قدرتي طرح سان مون کي سخت رنج پهچي ٿو. خدارا چڱي ڪم لاءِ ڪي چڱا لفظ بہ استعمال ڪريو پوءِ شڪايت بہ ڪيو ۽ عيب جوئي بہ پلي ڪيو. هڪ وسيع انتظاميہ ۾ غلطيون بہ ٿي سگهن ٿيون. دنيا ۾ ڪو اهڙو ملڪ ٿي سگهي ٿو جنهن جي انتظاميہ غلطين کان پاڪ هجي.

جلسہ عام - ڍاڪا

21 مارچ 1948ع

- مان چاهيان ٿو تہ اوهان مان هن انقلابي تبديليءَ جي اثرن ۽ نتيجن جو پورو پورو احساس پيدا ڪيو. اوهان پلي تہ ڪهڙي بہ فرقي، ذات يا نسل سان تعلق رکندڙ هجو، بهرحال اوهان هن وقت پاڪستان جا خادم آهيو.

خادم پنهنجي فرض ۽ ذميداريءَ کي پورو ڪري ئي دلي خوشي محسوس ڪري سگهي ٿو.

اهي ڏينهن ويا، جو اسان جي ملڪ تي، نوڪر شاهي جو راڄ قائم ٿيل هو. اڄ ڪلهہ عوام جي حڪومت آهي، ۽ حڪومت عوام وٽ جوابدار آهي، گهٽ ۾ گهٽ جمهوري خيال ۽ پارليماني روايتن مطابق.

آفيسرن کي خطاب

25 مارچ 1948ع

- مون وٽ مختلف ماڻهن وٽان شڪايتن تي مشتمل ڪيئي درخواستون پهچنديون رهن ٿيون، ممڪن آهي تہ انهن درخواستن جو ڪو وجهہ جواز نہ هجي، ممڪن آهي تہ انهن جو بنياد بہ نہ هجي، ممڪن آهي تہ شڪايت ڪندڙ ڪنهن غلط فهميءَ ۾ مبتلا هجن، ممڪن آهي تہ انهن کي چوري گمراهہ ڪيو

ويو هجي، اهڙين سيني صورتن ۾ مان ڪافي وقت کان هڪ خاص طريقي تي عمل ڪندو آيو آهيان. منهنجو طريقو اهو آهي تہ مان ڪنهن سان اتفاق ڪريان يا نہ ڪريان، خواه مون کي اهو خيال هجي تہ شڪايتون غلط ۽ خيالي آهن. خواه مون کي پڪو يقين هجي تہ هو غلط فهميءَ ۾ آهن، پر مان هميشہ صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺندو آيو آهيان.

اوهان کي صلاح ڏيندس تہ اوهان بہ ڪنهن شخص، ڪنهن اداري يا تنظيم سان معاملي ڪندي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺندا رهو. ان حالت ۾ بهرحال فائدو، اوهان کي ئي پهچندو. ماڻهو جڏهن اوهان سان ملاقات ڪري واپس ورن تڏهن ڪين اهو احساس نہ رهي تہ اوهان ڪانئن نفرت تي ڪئي يا اوهان سندن توهين ڪئي آهي. اوهان انهن سان بي دليءَ سان مليا آهيو ۽ خوش اخلاقيءَ سان پيش نہ آيا آهيو.

جي اوهان منهنجن ٻڌايل طريقن تي عمل ڪندا تہ پوءِ يقين رکو تہ اوهان ماڻهن کان عزت ۽ احترام حاصل ڪري سگهندا.

آفيسرن کي خطاب - چٽگانگ

25 مارچ 1948ع

- اوهان خواه ڪهڙي بہ ڪاتي ۾ هجو، ماڻهن سان اوهان جو ورتاءُ ۽ سلوڪ خوش اخلاقيءَ وارو هئڻ گهرجي. ماضيءَ جي بدنام روايتن کي هاڻي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. هاڻي اوهان حاڪم نہ رهيا آهيو، اوهان هن وقت برسراقتدار طبقي يا جماعت ۾ بہ نہ رهيا آهيو، اوهان هن وقت ملازم ۽ خادم آهيو. ماڻهن کي اهو محسوس ڪرايو تہ اوهان سندن ملازم ۽ دوست آهيو. اوهان عزت ۽ احترام، انصاف ۽ غير جانبداريءَ جو اعليٰ ترين معيار قائم ڪيو. جي اوهان ائين ڪيو تہ پوءِ لازمي طرح سان ماڻهو اوهان تي اعتماد ڪندا ۽ اوهان کي پنهنجو دوست ۽ همدرد سمجهندا. مان ماضيءَ جي هر شيءَ کي رد ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. اسان وٽ اهڙا ماڻهو موجود هئا جن پنهنجا فرض نهايت خوش اسلوبيءَ ۽ ديانتداريءَ سان ادا ڪيا آهن، انهن حاڪم هوندي انصاف کان ڪم ورتو آهي. پر ماڻهن کي اهو محسوس نہ ٿيندو هو. تہ اسان سان انصاف ان ڪري ٿيو آهي جو انصاف ٿيڻو ئي هو، بلڪ ماڻهو اهو محسوس ڪندا هئا تہ حاڪمن اسان تي عنايت جي نظر ڪئي آهي. انهن کي محبت جي گرمي محسوس نہ ٿيندي هئي، بلڪ ڪين

آفيسرن جي سرد مهري ۽ رعب ڏسڻو پوندو هو. هاڻي اها روش ختم ٿيڻ گهرجي ۽ حاڪميت جو رعب ۽ تاثر ختم ڪرڻ گهرجي. صبر ۽ تحمل سان ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ هر ڪنهن سان انصاف سان هلڻ گهرجي.

آفيسرن ڪي خطاب - چٽگانگ

25 مارچ 1948ع

اوهان ڪي هڪ ادنيٰ خادم جي حيثيت سان پنهنجو فرض بجا آڻڻ گهرجي. اوهان جو نه هِن سياسي جماعت سان ۽ نه ڪو هُن سياسي جماعت سان ڪو تعلق هئڻ گهرجي. اهو اوهان جو ڪم ناهي، اهو سياستدانن جو ڪم آهي، ته هو پنهنجي موقف جي حمايت ۽ موجوده آئين يا آئينده تيار ٿيندڙ آئين جي ماتحت ٻين سان وڙهڻ ۽ اختلاف ڪن ۽ هڪ ٻئي ڪي قائل ڪن. اوهان محض سول ملازم آهيو جا ٻه جماعت اڪثريت حاصل ڪندي، اها حڪومت ڪندي، ان ڪري اوهان جو فرض آهي ته اوهان ان حڪومت جي خدمت ڪندا رهو. سياستدانن جي حيثيت ۾ نه پر هڪ خادم جي حيثيت ۾.

ان سلسلي ۾ برسراقتدار آيل حڪومت ڪي ٻه پنهنجين ذميدارين جو چڱيءَ طرح سان احساس ڪرڻ گهرجي، جيئن هو اوهان ڪي ڪنهن به سياسي جماعت لاءِ استعمال نه ڪري سگهي.

مون ڪي معلوم آهي ته قديم روايت، قديم ذهنيت ۽ قديم نفسيات اسان جي عادت بڻجي چڪي آهي ۽ اهڙي عادت کان جند ڇڏائڻ ڪو سولو ڪم ناهي. پر اهو اوهان جو فرض آهي ته ڪنهن وزير جي ڪاوڙ ڪي برداشت ڪري به پنهنجو فرض ادا ڪندا رهو. ڪنهن جي خواهمخواهه رڪاوٽ ڪي نظرانداز ڪري عوام جا سچا خادم ٿي رهو.

ملازمن ڪي خطاب - چٽگانگ

25 مارچ 1948ع

- حڪومتون بڻجن ٿيون ۽ ڊهن ٿيون، وڏا وزير اچن ٿا ۽ وڃن ٿا، ننڍا وزير ڪڏهن آهن ته ڪڏهن ناهن، پر ٻيا ماڻهو ته اتي جو اتي رهن ٿا.

اوهان تي تمام وڏو بار پيل آهي، اوهان جو ڪنهن به سياسي جماعت يا سياسي ليڊر سان ڪو به تعلق نه هئڻ گهرجي.

ائين به آهي ته شايد وزيرن جي نازبرداريءَ کان الڳ رهندي، اوهان ڪي

وزيرن جي رنج جو شڪار ٿيڻو پوي.

اوهان کي ان ڪري به تڪليف پهچي سگهي ٿي ته اوهان وڏن ماڻهن جي چيل غلط ڪم کي نظر انداز ڪري، درست ڪم جو تا ڪريو. بهرحال اوهان کي قرباني ڏيڻي پوندي. خواه اوهان کي بليڪ لسٽ تي آندو وڃي يا تڪليف ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪيو وڃي. ياد رهي ته اوهان جي پرخلوص قربانين سان ئي ملڪ جي حالت بدلجي سگهي ٿي.

افسران حڪومت کي خطاب - پشاور

14 اپريل 1948ع

- ياد رکڻ گهرجي ته اوهان جي حڪومت، اوهان جي ذاتي باغ وانگر آهي. اوهان جي باغ جي آبادي ۽ شادابيءَ جو مدار ان تي آهي ته اوهان سندس ڪيتري قدر سنڀال ڪري رهيا آهيو. باغ جي ٻارين ناهڻ، ٿارين جي گهٽ وڌائي، اس ملڻ ۽ مناسب پاڻي پهچڻ لاءِ اوهان ڪيتري محنت سان ڪم ڪري رهيا آهيو.

ان طرح اوهان جي حڪومت به صرف اوهان جي وطن پرستاڻا، مخلصاڻا ۽ تعميري ڪوششن جي بنياد تي ترقي ڪري سگهي ٿي.

حڪومت ۾ اصلاح جو واحد ذريعو فقط اوهان جي بي لوث محنت ئي ٿي سگهي ٿي.

اسلاميه ڪاليج پشاور

12 اپريل 1948ع

- مون کي اميد آهي ته اوهان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي دائره عمل ۾ پنهنجي فرض کان واقف آهي.

مون کي صرف اهو چوڻو آهي ته پاڻ ۾ مڪمل تعاون ۽ هر آهنگيءَ سان ڪم ڪندا رهون. ذهن ۾ اها ڳالهه رکڻ گهرجي ته اسان کي فقط پنهنجي پنهنجي محدود دائري ۾ رهي ڪم ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مضبوط ارادي ۽ خوش وخروش سان ڪم جو آغاز ڪندا ته پوءِ مون کي اميد آهي ته سياستدانن کي به احساس ٿيندو ته هو محڪمن ۽ آفيسرن تي پنهنجو اثر رسوخ وجهي، هڪ ٻري عمارت بنائي رهيا آهن ۽ سرڪاري ملازمن جو اخلاق خراب ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجيءَ جاءِ تي

مضبوط ارادي سان قائم رهي سگهندا تہ پوءِ ياد رهي تہ اوهان پنهنجي قوم جي زبردست خدمت ڪري سگهندا.

مون کي ڄاڻ آهي تہ سرڪاري ملازمن تي، سياسي جماعتن ۽ ليڊرن پاران دٻاءُ وجهڻ سندن عام بيماري آهي، پر مون کي اميد آهي تہ اوهان منهنجي عاجزاڻي درخواست تي قائم رهي ڪم ڪندا رهندا.

آفيسرن کي خطاب - پشاور

14 اپريل 1948ع

- پهرين ۽ مکيہ ڳالهہ، جا مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران، سا اها آهي تہ اوهان کي ڪنهن بہ سياسي دٻاءُ ۾ اچڻ نہ گهرجي. اوهان ڪنهن بہ سياسي جماعت يا سياستدانن جي اثر ۽ رسوخ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ رهو جي اوهان واقعي پاڪستان جي وقار کي بلند ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ اوهان کي ڪنهن بہ قسم جي دٻاءُ جو شڪار ٿيڻ نہ گهرجي، بلڪ عوام ۽ مملڪت جي سچي خادم جي حيثيت سان، پنهنجو فرض بالڪل بيخوفيءَ ۽ بيغرضيءَ سان ادا ڪندا رهو. مملڪت لاءِ اوهان جي خدمت ائين آهي، جيئن جسم لاءِ روح!

آفيسرن کي خطاب - پشاور

14 اپريل 1948ع

- هاڻي اها ضرورت نہ رهي آهي تہ اوهان اسان ڏانهن درخواستون موڪليندا رهو، هيءَ حڪومت اوهان جي ئي آهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هر حڪومت پنهنجي پاليسيءَ ۽ پروگرام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سست رفتار هوندي آهي. انتظاميہ پنهنجي مخصوص رفتار جي ڪري آهستي آهستي هلندي رهندي آهي ۽ ان حقيقت جو تعلق هر آزاد ۽ خودمختار انتظاميہ سان آهي. مان ائين نہ ٿو چوان تہ اسان جي انتظاميہ ڪا مثالي شيءِ آهي. ائين بلڪل نہ ٿو ٿي سگهي. مان ائين بہ نہ ٿو چئي سگهان تہ اسان جي حڪومت، پنهنجي وجود ۽ اقتدار وارن چند مهينن ۾ هميشہ صحيح ڪم ڪندي آئي آهي. بلڪل نہ! اسان جي انتظاميہ ۾ بہ اصلاح جي اجا گنجائش آهي. ۽ جن ماڻهن جي هٿ ۾ حڪومت آهي، انهن جي اصلاح جي بہ ضرورت آهي. مرڪز توڙي صوبن جي وزيرن، توڙي منهنجي ذات جي بہ اصلاح جي ضرورت آهي. هر نئين ڏينهن تي نوان نوان سبق ۽ تجربا حاصل ٿي رهيا آهن. مان چاهيان ٿو تہ هڪ

آزاد ۽ خودمختار مملڪت جي حيثيت سان اوهان سربلند رهو. هر وقت وزارتن تي تنقيد نہ ڪيو. مان صحتمند ۽ تعميري تنقيد جو خير مقدم ڪندس.

ايڊورڊ ڪاليج پشاور

18 اپريل 1948ع

- ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اسان جي بدقسمتيءَ جي ڪري، ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن، جي خود غرض آهن. مون کي چڱيءَ طرح سان معلوم آهي تہ ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن جي رشوت ستانيءَ ۽ اقربانوازيءَ ۾ وڪوڙيل آهن. مون کي اهو سڀ ڪجهہ معلوم آهي ۽ جو ڪجهہ تي رهيو آهي، ان تائين اسان جي نگاهہ آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ رکڻ نہ گهرجي تہ اسان تمام جلدي پنهنجين غلطين ۽ براين جو ايڪسري ڪنداسون ۽ پنهنجي سياسي نظام مان زهريلو مادو ڪڍي ڇڏينداسون، پر اوهان کي ڪجهہ صبر سان ڪم ڪرڻو پوندو.

اسان جي لاءِ موقعو پيدا ڪرڻ ڏيو ۽ مناسب وقت.

جلسہ عام پشاور

20 اپريل 1948ع

# فوجن کي خطاب

خدا جو قسم! جيستائين اسان جو دشمن اسان کي کڻي عربي سمنڊ ۾ نہ اڇلائي تيستائين اسان هار نہ مڃينداسون.

پاڪستان جي حفاظت جي لاءِ مان اڪيلو وڙهندس . ان وقت تائين وڙهندو رهندس جيستائين منهنجن هٿن ۾ ساهہ ۽ منهنجي رڳن ۾ رت جو هڪ قطرو بہ موجود آهي.

اوهان کي فقط ايترو چوڻو آهي تہ جيڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو وقت اچي وڃي، جو پاڪستان جي حفاظت لاءِ جنگ وڙهڻي پوي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هٿيار نہ ڇڏجو ۽ نہ ڪو شڪست قبول ڪجو.

پهاڙن ۾، جهنگن ۾، ميدانن ۾ ۽ دريائن ۾ جنگ کي جاري رکيو اچجو.

10 آڪٽوبر 1947ع

– اسان ڄاڻون ٿا تہ اڄ ڪلهہ جي جنگ سرحدن جي قيد کان آزاد آهي، ڇالاءِ تہ جديد جنگ ۾ فيصلہ ڪن هٿيار فضائي ٿين ٿا.

فضائيہ قوت جي مقابلي ۾، بَري ۽ بحري طاقتن جي حيثيت هاڻي ٻئي درجي تي پهچي چڪي آهي.

مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ

10 مارچ 1941ع

– خدا اوهان کي ۽ اسان کي سونهري موقعو عطا ڪيو آهي تہ اسان اهو ثابت ڪري ڏيکاريون تہ اسان واقعي هڪ نئين مملڪت جا معمار آهيون، اسان هڪ نئين مملڪت کي ٺاهڻ جي اهليت رکون ٿا.

خدارا! ڪٿي ماڻهو اسان جي متعلق ائين نہ چون تہ اسان مملڪت جي بار کڻڻ جهڙا نہ هئاسون.

فوجي آفيسرن کي خطاب – ڪراچي

11 آڪٽوبر 1947ع

– ڇا اسان جون قربانيون جي اسان پيش ڪيون آهن، سي ائين اجايون

ويندين؟ چا اسان هٿ تي هٿ رکي ويٺا رهنداسون ۽ پنهنجن نقصانن تي رڳو دل ۾ ڪڙهندا رهنداسون. جيڪڏهن اسان ائين ئي ڪيو ته چئو ته اسان اهو ڪجهه ڪيو جنهن جي اميد دشمن رکيو ٿي آيو. چڻ ته اسان انهن جي اشارن تي ناچ ڪندي نظر ايندا سون ۽ پوءِ تمام جلدي اسان جي سلامتي ۽ عزت به انهن جي رحم ۽ ڪرم تي وڃي رهندي. دشمنن جي سازشن جو بهترين جواب اهو آهي ته اسان پاڪستان جي تعمير لاءِ پڪو ارادو پيدا ڪيون ۽ هڪ اهڙي عظيم مملڪت کي پيدا ڪريون, جا اسان جي ايندڙ نسلن جي رهڻ جي قابل ثابت ٿئي.

ان شاندار نصب العين جي ضرورت آهي: ڪم، ڪم ۽ مسلسل ڪم.

فوجي آفيسرن کي خطاب - ڪراچي

11 آڪٽوبر 1947ع

- اوهان کي صرف پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر مجاهداڻي جذبي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اوهان ان قوم سان تعلق رکو ٿا، جنهن جي تاريخ بهادريءَ، شجاعت ۽ ڪردار جي بلنديءَ جي بيشمار مثالن سان ڀري پئي آهي. انهن جي شاندار روايتن موجب پنهنجي صلاحيت ۽ زندگيءَ کي بڻايو ۽ چمڪايو ۽ ان تاريخ ۾ هڪ نئين ۽ چمڪندڙ باب جو اضافو ڪيو.

جلسه عام - لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- اوهان جهڙي ريجمنٽ جي تشڪيل جي لاءِ، جن وصفن جي ضرورت آهي، سي انتهائي بلند ۽ اعليٰ آهن. مثلاً سخت محنت، شديد قسم جي نظم وضبط، دلي وفاداري، بي غرض عمل، فرض شناسي ۽ زبردست قوت برداشت.

بيشڪ ماڻهو هر وقت اعليٰ وصفن متعلق نٿو سوچيندو رهي، پر اهو ماڻهو ئي کهڙو، جيڪو خاصيتن جي تجزيي ۽ امتحان ۾ ناڪام رهجي وڃي.

سيني وصفن جو لب لباب هي آهي ته هر حال ۾ پنهنجي ريجمنٽ سان وفاداري ڪئي وڃي. اوهان جو جهنڊو ريجمنٽ جي مقصدن جو نشان ۽ ترجمان آهي. جيئن اوهان پاڻ پاڪستان جي مقصدن جو نشان ۽ ترجمان آهيو. اوهان جي ڪارنامن جي تعريف ڪرڻ نٿو گهران. پر ايترو ضرور چوندس ته مون کي

اوهان جي شاندار جرئت منداڻن ڪارنامن تي فخر آهي.

پنجاب مشين گن ريجمنٽ - پشاور

15 اپريل 1948ع

- جنگ کان ستايل انسانيت اڄ گڏيل قومون ڏانهن آس ۽ نراس جي جذبات سان ڏسي رهي آهي، ڇو تہ بني نوع انسان جي ڇوٽڪاري ۽ تهذيب حاضره جو مستقبل ان ڳالهہ تي ٻڌل آهي تہ هيءُ ادارو جنگ جي اسباب ۽ امن عالم لاءِ پيدا ٿيل خطرن کي پري ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان جو اڃا تازو گڏيل قومن جو رڪن بڻيو آهي، سو ان اداري جي تقويت لاءِ پنهنجي حال آهر ڀرپور ڪوشش ڪندو رهندو ۽ جو نصب العين ان اداري پنهنجي اڳيان رکيو آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڏيندو رهندو. ان هوندي بہ پاڪستان پنهنجو دفاع کان غافل رهي نٿو سگهي. ڇو تہ گڏيل قومن جو ادارو ڪيترو بہ مضبوط ڇو نہ هجي، اسان کي پنهنجي وطن جي دفاع واري بنيادي ذميداريءَ کي پاڻ نباهڻو آهي. تمام ضروري آهي تہ پاڪستان سيني خطرن ۽ حادثن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهي. هن ناقص دنيا ۾ ڪمزوري، ٻين کي حملي ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي.

پاڪستان اڃا ڪير پياڪ ٻار آهي، اهو ئي حال سندس بحري طاقت ۽ ٻي فوج جو پڻ آهي. پر اهو ٻار، جوان ٿيڻ جو ارادو ڪري چڪو آهي، انشاءَ الله هي ٻار ايترو تہ وڌندو ۽ ويجهندو جو ماڻهن جي قياس ۾ بہ نہ ٿو اچي سگهي.

پاڪستان نيوي کي خطاب

23 جنوري 1947ع

- پاڪستان جي دفاع کي مضبوط کان مضبوط بنائڻ لاءِ اوهان مان هر هڪ کي پنهنجي پنهنجيءَ جڳهہ تي الڳ الڳ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ان سلسلي ۾ اوهان جو نعرو هي هئڻ گهرجي: ايمان، تنظيم ۽ ايثار!

اوهان پنهنجي تعداد جي گهٽ هئڻ متعلق ڪو بہ خيال نہ ڪيو. ان گهٽتائيءَ کي همت، استقلال ۽ بي لوث فرض شناسيءَ سان پورو ڪرڻو پوندو. ڇالاءِ تہ اصل شيءِ زندگي ناهي، بلڪ همت، صبر. تحمل ۽ مضبوط ارادو. انهن سان ئي تہ زندگي کي زندگي بنائي سگهجي ٿو.

جهاز "دلاور" جي افتتاح تي

23 جنوري 1948ع

- ياد رکڻ گهرجي تہ اوهان جو صدر مقام  ڪراچي، جو پاڪستان بلڪ ايشيا جو دروازو آهي ۽ ان سان  گڏ بين قومن جي بحري جهازن لاءِ بندرگاهہ آهي، وڏي اهميت رکي ٿو. هيءَ شهر، اوپر ڪي اولهہ سان ملائيندڙ فضائي رستو بہ آهي. پوري دنيا جا ماڻهو ڪراچيءَ کان چين وڃن ٿا، دنيا جون اکيون اوهان ۾ کتل آهن.

مون کي ڪامل يقين آهي تہ اوهان پنهنجي روش ۽ طرز عمل سان پاڪستان کي ڪڏهن بہ شرمسار ٿيڻ نہ ڏيندا. بلڪ خدمت جي بهترين روايتن کي قائم رکندا ۽ دنيا جي عظيم ترين قومن ۾ هڪ حيثيت سان، پاڪستان جي عزت ۽ وقار کي سربلند ۽ سرفراز رکندا.

بحريہ پاڪستان کي خطاب

23 جنوري 1948ع

- اسان پاڪستان جي آزاديءَ جي جنگ تہ فتح ڪئي آهي، پر پنهنجي آزاديءَ کي برقرار رکڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط بنيادن تي تعمير ڪرڻ واري سنگين تر جنگ تہ اجا جاري آهي. پر اسان کي هڪ عظيم قوم جي حيثيت سان زنده رهڻو آهي تہ پوءِ اها جنگ تيستائين جاري رهندي، جيستائين مڪمل ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي.

اهو قدرت جو اٽل قانون آهي تہ جو بهترين آهي، اهو ئي زندهہ رهي سگهي ٿو، باقي مري ٿا وڃن. اسان کي اهو پڻ ثابت ڪرڻو آهي تہ اسان هن نئين حاصل ڪري آزاديءَ جي بلڪل لائق آهيون.

اوهان فسطائيت ۽ آمريت جي خلاف، جمهوريت  آڻڻ لاءِ، ميدان جنگ ۾ شجاعت جو جوهر ڏيکاريو آهي.

اوهان کي ئي پاڪ سرزمين ۾، اسلامي جمهوريت، اسلامي معاشرتي انصاف ۽ انساني مساوات جي اصولن کي فروغ ڏيڻو آهي، ان ڪري اوهان لاءِ لازمُ آهي تہ هر وقت تيار ۽ هوشيار رهو. ڇو تہ سستيءَ ۽ آرام جو هي وقت ناهي. ايمان، تنظيم ۽ بي غرض فرض شناسيءَ جي سونهري اصولن تي ڪاربند ٿيڻ سان ڪا اهڙي شيءِ نہ آهي، جنهن کي اوهان حاصل ڪري نہ ٿا سگهو.

افواج پاڪستان کي خطاب - ڪراچي

21 فيبروري 1948ع

- هن مشيني دور ۾ جڏهن انسان جي گمراه ذهانت، تباهي ۽ بربادي لاءِ، نت نيون مشينون ايجاد ڪندي رهي ٿي. اوهان کي زماني جي مطابق هلڻو پوندو. پنهنجي علم ۽ فن، ساز ۽ سامان، هٿيارن ۽ اوزارن کي جديد فن جي مطابق ناهڻو پوندو.

اهو ان لاءِ نه ته اسان ڪنهن پاڙيسريءَ جي خلاف ڪا بري نيت رکون ٿا، بلڪ ان لاءِ ته اسان جي بنيادي سلامتيءَ جي تقاضا ٿي اها آهي ته اسان ڪمزور نه رهون. اسان تي ڪو اوچتو حملو ڪري نه سگهي. ان کان وڌيڪ اسان جي ٻي ڪا به خواهش ناهي ته اسان امن ۽ امان سان رهون ۽ ٻين کي به امن وامان سان گڏ رهڻ ڏيون. ڪنهن به ٻي ٻاهرين مداخلت کان سواءِ پنهنجي نقطهءِ نظر جي مطابق پنهنجي ملڪ کي ترقي ڏياري سگهون. عام انسان جي زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهون. بيشڪ اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي، پر جي اسان شوق ۽ خلوص سان ڪم ڪرڻ جو مضبوط ارادو پيدا ڪنداسون ۽ قوم جي اجتماعي مفاد جي لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ کان به نه هٽنداسون، ته پوءِ لازمي طور تي، اسان پنهنجي نصب العين کي تمام جلد حاصل ڪري سگهنداسون.

بري فوج کي خطاب

21 فيبروري 1948ع

- غلاميءَ جي زماني ۾ بنگال کي، جنهن ۾ اسان جو مسلم اڪثريت وارو مشرقي بنگال به شامل آهي، فوجي مقصدن لاءِ نهايت ڪمتر سمجهيو ويندو هو. تعداد جي لحاظ کان به ۽ ڪارگذاريءَ جي لحاظ کان به. حالانڪ بنگال جي باشندن جي مجاهداڻي جذبي ۽ فوجي روح سان جيڪي تاريخي ڪارناما انجام ڏنل آهن، سي ڪنهن کان به ڳجها ناهن.

اها تلخ حقيقت به ڪنهن کان لڪل ناهي ته سندن ٻين صلاحيتن سان گڏ، فوجي صلاحيت ۽ جذبہ شهادت کي به نهايت سختيءَ سان ڪچلي ڇڏيو ويو ۽ هڪ ٻرندڙ شعلي کي وسائي رک جو ڍير ڪيو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو اهو تاثر پيدا ڪيو ويو ته بنگال، فوجي مقصد جي اعتبار کان تمام گهٽ آهي.

اڄ اهو آزاد پاڪستان ۾ شامل آهي، جو دنيا جي عظيم ترين قومن جي پهرينءَ صف ۾ شامل ٿي رهيو آهي. هن وقت مناسب اهو آهي ته اوهان پنهنجي

شجاعت جي جذبي کي بيدار ڪريو ۽ فوجي صلاحيت کي بحال ڪري اڳتي قدم وڌايو. اهو سڀ ڪجهه اوهان جي هٿ ۾ آهي.

مون کي يقين آهي تہ پاڪستان جي دفاع ۽ سلامتيءَ جي سلسلي ۾، اوهان پنهنجي ذميداريءَ جو مڪمل احساس پيدا ڪندا ۽ پاڪستان جي دفاع ۽ سلامتيءَ لاءِ جان جي بازي لڳائڻ کان بہ نہ گسندا.

هڪ فوجي پريڊ کي خطاب

20 مارچ 1948ع

- جيستائين مشرقي پاڪستان جي ماڻهن جي فوجي صلاحيت ۽ شجاعت جو تعلق آهي، ان متعلق ڪافي ثبوت موجود آهن ۽ تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پيئي آهي.

حڪومت پاڪستان پاران مسلح ۽ فوجي ۽ پاڪستان نيشنل گارڊز ۾، هن صوبي جي نوجوانن جي ڀرتيءَ ۽ تربيت لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن.

اوهان کي هميشہ لاءِ يقين رکڻ گهرجي تہ پاڪستان جي دفاع ۾ هن صوبي جي نوجوانن کي پنهنجي حصي جي ڪردار کي ادا ڪرڻ لاءِ، هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

جلسهءِ عام - ڍاڪا

21 مارچ 1948ع

- اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ اتحاد ۾ برڪت آهي. اوهان پنهنجي ريجمنٽ تي فخر ڪريو. پنهنجي پاڪستان تي فخر ڪريو، نہ صرف فخر ڪريو، پر پاڻ کي ان لاءِ وقف ڪريو.

پاڪستان اوهان تي اعتبار رکي ٿو. پاڪستان جو اوهان تي دارومدار آهي. پاڪستان اوهان کي پنهنجو محافظ سمجهي ٿو. اوهان پاران پاڪستان جي ان اعتماد کي ڪو بہ ضعف پهچڻ نہ گهرجي. پاڻ کي پاڪستان جي شايان شان بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪريو، فوج جي جيڪڏهن ڪا عظمت ۽ شهرت آهي تہ اها اوهان جي ابن ڏاڏن جي شجاعت ۽ عظمت جي ڪري آهي. اوهان پنهنجي وڏن جو قابل فخر اولاد بڻجو.

بري فوج کي خطاب

13 اپريل 1948ع

- رسالي کي هميشہ فوج جي هر اول دستي جي حيثيت حاصل رهي آهي. گهوڙن جي زماني ۾ بہ ۽ اڄ جي مشيني زماني ۾ بہ رسالو هر حملي جي دفاع لاءِ قيادت ڪندو آيو آهي.

ان اهم ڪردار کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ رسالي ۾ جيترا بہ آفيسر ۽ جوان هجن، سي سڀ چونديل ۽ بهترين هجن. جيتوڻيڪ انهن جي صلاحيت جي بهترين ۽ عملي مظاهري جو دارومدار مجموعي ڪارڪردگيءَ تي آهي.

بري فوج کي خطاب - نوشهره

13 اپريل 1948ع

- ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ جو ملڪ پنهنجي مضبوط فضائي قوت نہ تو رکي، سو چڻ پنهنجي دشمن جي رحم ۽ ڪرم تي ٿو رهي. پاڪستان کي گهرجي تہ جلد کان جلد پنهنجي فضائي قوت کي مضبوط بڻائي. هڪ اهڙي قابل، هوشيار ۽ تيز فهم فضائيہ جنهن جو مثال دنيا ۾ ملي نہ سگهي. هڪ اهڙي فضائيہ، جا پاڪستان جي دفاع ۾، بري ۽ بحري طاقتن لاءِ دست ۽ بانهن ثابت ٿئ ي.

فضائي فوج کي خطاب - رسالپور

13 اپريل 1948ع

- هوائي جهازن ۽ ان جي عملي جي تعداد سان ڪو بہ فرق پيدا نہ ٿو ٿئي، اصل شيءِ فضائيہ ۽ جذبو، نظم ۽ ضبط آهي.

مان اوهان کي ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ رڳو نظم وضبط ۽ خود اعتماديءَ سان ئي، پاڪستان جي فضائيہ پاڪستان جي شايان شان بڻجي سگهي ٿي.

فضائي فوج کي خطاب - رسالپور

13 اپريل 1948ع

- اوهان هميشہ ان قسم جي تصورن ۽ ارادن مطابق زندگي بسر ڪرڻ شروع ڪيو، جن جي لاءِ اوهان تازو پنهنجي زندگيءَ کي وقف ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي. منهنجي مراد آهي، پاڪستان جي خدمت.

ان طرح ڪمزور ماڻهن جي حمايت ۽ شهيدن جي پاڪيزه ياد جي سلسلي ۾ پنهنجو فرض ادا ڪري، اسلام جي شان کي چار چنڊ لڳايو.

پنجاب مشين گن ريجمنٽ - پشاور کي خطاب

15 اپريل 1948ع

- لفظن جو ايترو قدر نہ ٿو ٿئي، جيترو عملن جو قدر پيدا ٿئي ٿو.

مون کي يقين آهي تہ جڏهن پاڪستان جي دفاع ۽ قوم جي سلامتيءَ ۽ حفاظت لاءِ اوهان کي سڏ ڪيو ويندو. تڏهن اوهان پنهنجي اسلاف جي روايتن مطابق شاندار ڪارنامن جو مظاهرو ڪندا.

مون کي اهو بہ يقين حاصل آهي تہ اوهان پاڪستان جي هلالي جهنڊي کي هر حال ۾ سر بلند رکندا.

مون کي يقين آهي تہ اوهان پنهنجي عظيم تر قوم جي عزت ۽ وقار کي هميشہ لاءِ برقرار ۽ سر بلند رکندا.

پنجاب مشين گن ريجمنٽ - پشاور کي خطاب

15 اپريل 1948ع

- پاڪستان جي ٻين ملازمن جي مقابلي ۾، دفاعي فوج کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي، ان نسبت سان اوهان جون ذميداريون بہ وڏيڪ آهن.

مون جو ڪجهہ بہ ڏٺو آهي، ۽ ان جي بنياد تي بلاشڪ ۽ شبهي جي چئي ٿو ڏيان تہ اسان جي فوجن جو حوصلو فخر جي قابل آهي، سندن همتون بلند آهن ۽ سڀ کان وڏيڪ اطمينان بخش ڳالهہ اها آهي تہ هر آفسر ۽ سپاهي خواه اهو ڪهڙي بہ فرقي يا نسل جو هجي، هڪ سچي پاڪستانيءَ وانگر ڪم ڪري رهيو آهي.

جيڪڏهن اوهان اهڙي جذبي سان سچن رفيقن ۽ سچن پاڪستانين وانگر بي غرضيءَ سان ڪم ڪندا رهيا تہ پوءِ پاڪستان کي ڪنهن بہ شيءِ جو ڪو خوف ناهي.

پاڪستاني فوج کي خراج تحسين - ڪوئيٽہ

14 جون 1948ع

- پاڪستان جي ٻين فوجن جي همراهيءَ ۾ اوهان پاڪستان جي ماڻهن جي زندگيءَ، جائداد ۽ عزت جا محافظ آهيون.

اسٽاف ڪاليج جي آفيسرن کي خطاب - ڪوئيٽہ

14 جون 1948ع

# شاگرد ۽ تعليمي نظام

- اسان گذريل نسل جي ماڻهن اڳيان جيترين به آزمائشون درپيش آيون هيون، سي گذري چڪيون.

پر اڄوڪي رات تي مان پنهنجن نوجوانن ۽ دوستن جي صحبت ۾، انهن سيني آزمائشن کي وسارڻ چاهيان ٿو.

اڄوڪي رات تي مان انهن نوجوانن جي دلين ۾ لڪل امنگن جي تازه ترين چشمن کي ڇهڻ چاهيان ٿو، ڇالاءِ ته هي اهي ئي آهن، مردان عمل جي اڳتي هلي اسان جي قوم جي خواهشن جو بار کڻندا.

عيد جو پيغام - 13 نومبر 1939ع

- مان اوهان کي اهو تاڪيد ٿو ڪريان ته اوهان پاڻ کي هميشه عمل ۾ مصروف رکو، ڪم، ڪم ۽ بس ڪم. دل جي سکون خاطر، صبر ۽ برداشت، نماڻائي ۽ نهٺائيءَ سان پنهنجي قوم جي سچي خدمت ڪندا رهو.

آل انڊيا مسلم اسٽوڊنٽس ڪانفرنس - جالنڌر

15 نومبر 1942ع

- هيءَ تلوار جا اوهان مون کي عنايت ڪئي آهي، سا صرف حفاظت لاءِ ڪنئي ويندي، پر في الحال جو سڀ کان وڌيڪ ضروري مسئلو آهي، سو آهي تعليم.

علم، تلوار کان به وڌيڪ طاقتور ٿئي ٿو. وڃو، وڃي علم کي حاصل ڪريو.

اجلاس بلوچستان مسلم ليگ ڪوئيٽه

3 جولاءِ 1943ع

- اوهان تعليم تي پورو پورو ڌيان صرف ڪريو ۽ پاڻ کي عمل لاءِ تيار ڪريو، اهو اوهان جو پهريون فرض آهي. اوهان جي تعليم جو هڪ حصو اهو به آهي، ته اوهان موجوده دؤر جي سياست جو مطالعو ڪريو. اوهان اهو ڏسو ته اوهان جي چو طرف ڇا ڇا ٿي رهيو آهي؟ ياد رکو. اسان جي قوم جي لاءِ تعليم، زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي.

دنيا ايتري تہ تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي، جو اوهان جيڪڏهن پاڻ کي تعليم يافتہ نہ بڻايو تہ پوءِ نہ رڳو اوهان پوئتي رهجي ويندا، بلڪ (خدانخواستہ) بلڪل ختم ٿي ويندا.

تعليم جي اشاعت ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون وڏيون قربانيون ڏيڻ گهرجن.

وليڪا ٽيڪسٽائل ملز جي افتتاحي تقرير - ڪراچي

26 سيپٽمبر 1947ع

- مان پاڪستان جي هر باشندي کي خاص طرح سان پنهنجن نوجوانن کي هيءَ حقيقت بلڪل چٽيءَ طرح سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ هو خدمت، همت ۽ برداشت جي سچي جذبي جو مظاهرو ڪن.

اهڙا شريفاڻو ۽ بلند مثال قائم ڪن، جيئن سندن دؤر جا توڙي ايندڙ دؤر جا نسل سندن تقليد ڪن.

شاگردن کي خطاب - لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- پنهنجن اخلاقن کي هر صورت ۾ بلند رکو. موت کان اصل نہ ڏڄو. اسان جو مذهب اهو سيکاري ٿو تہ موت جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

اسلام ۽ پاڪستان جي عزت بچائڻ لاءِ، اسان کي موت جو مقابلو نهايت بهادريءَ ۽ جوان مرديءَ سان ڪرڻ گهرجي.

مسلمان لاءِ ان کان بهتر ٻيو ڪو بہ ڇوٽڪاري جو ذريعو نہ ٿو ٿي سگهي تہ هو صداقت جي راهہ ۾ شهادت جو موت کي حاصل ڪري.

شاگردن کي خطاب - لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان جي تعمير جي راهہ ۾ مصيبتن ۽ دشوارين کي ڏسي گهبرائڻ نہ گهرجي.

تازين، جوان ۽ نين قومن جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي باب اهڙن مثالن سان ڀريا پيا آهن، جن موجب انهن محض قوت ارادي، قوت عمل ۽ قوت ڪردار سان پاڻ کي سربلند رکيو آهي. اوهان پاڻ بہ فولادي قوت جا مالڪ آهيو ۽ عزت ۽ ارادي جي دولت جي حيثيت سان اوهان جو ڪو مثال موجود ناهي. مون کي تہ ڪو اهڙو سبب نظر نہ ٿو اچي تہ اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر ڪامياب

نہ تيو! ضرورت فقط اها آهي تہ اوهان پاڻ ۾ مجاهدانہ ڪردار پيدا ڪريو.

اوهان اهڙي قوم جا فرد آهيو، جنهن جي تاريخ، شجاعت، اخلاق ۽ فولادي ارادي جي ڪارنامن سان ڀري پيئي آهي. ان ڪري پنهنجين شاندار روايتن جي مطابق زندهہ رهو، بلڪ عظمت ۽ شوڪت جو هڪ نئون باب پيدا ڪريو.

شاگردن ڪي خطاب - لاهور

30 آڪٽوبر 1947ع

- پاڪستان ڪي پنهنجن جوانن، بلڪ خصوصيت سان شاگردن تي فخر آهي، جي ضرورت ۽ آزمائش جي گهڙيءَ تي هميشہ صف اول ۾ رهندا آيا آهن.

اوهان مستقبل ۾ قوم جا معمار آهيو. ان ڪري جو مشڪل ڪم اوهان جي مٿان بيٺو آهي، ان ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي شخصيت ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪيو. مناسب تعليم ۽ مناسب تربيت حاصل ڪريو.

اوهان ڪي پورو پورو احساس هئڻ گهرجي تہ اوهان جون ذميداريون ڪيتريون نہ وڏيڪ ۽ اهم آهن. انهن ڪي نباهڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي وفد سان ڳالهيون.

31 آڪٽوبر 1947ع

- تعليم ۽ صحيح قسم جي تعليم جي اهميت سيني تي واضح آهي، هڪ صديءَ جي زائد عرصي تائين غير ملڪي تسلط جو هي قدرتي نتيجو آهي، جو اسان جي ماڻهن جي تعليم تي مناسب توجهہ نہ ڏنو ويو آهي.

اسان ڪي جيڪڏهن حقيقي تيز رفتار ۽ نتيجہ خيز ترقي ڪرڻي آهي تہ پوءِ اسان ڪي تعليم جي مسئلي ڏانهن خصوصي توجهہ ڏيڻ گهرجي، پنهنجي تعليمي پاليسيءَ ۽ پروگرام ڪي اهڙن طريقن تي هلائڻ گهرجي جيڪي اسان جي مزاج جي مطابق هجن ۽ جي اسان جي تاريخ ۽ ثقافت سان هم آهنگ هجن. ۽ جي سڄي دنيا ۾ پيدا ٿيل وسيع ترقيءَ ۽ جديد تقاضائن سان مطابقت رهندا هجن.

ڪل پاڪستان تعليمي ڪانفرنس - ڪراچي

27 نومبر 1947ع

- پاڪستان جي ترقيءَ جو مدار وڏيڪ تر طرز تعليم تي آهي، يعني اسان ڪهڙي نموني ۾ پنهنجن ٻچن ڪي سچا خدمتگذار بنائي سگهون ٿا.

تعليم جو مطلب محض مڪتبي تعليم نہ تو ٿئي، اسان وٽ تہ مڪتبي

تعليم بہ نهايت ڪمزور ۽ ناقص آهي، اسان کي جو ڪجهہ بہ ڪرڻو آهي، اهو هيءَ آهي تہ پنهنجن ماڻهن جي صلاحيتن کي هڪ سنئين راه تي آڻيون ۽ ايندڙ نسلن جي تعمير جو ڪم هاڻي کان ئي شروع ڪري ڇڏيون. ان ڪم جي فوري ۽ اشد ضرورت آهي تہ اسان جي نوجوانن کي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي شعبن ۾ تعليم ڏني وڃي. ڇو تہ ان سان اسان جي مستقبل جي معاشي زندگيءَ جو معيار بلند ٿي سگهي ٿو.

تعليم کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ تجارت، ڪاروبار، صنعت ۽ حرفت ۾ داخل ٿيڻ گهرجي.

ياد رکڻ گهرجي تہ اسان کي دنيا سان قدم سان قدم ملائي هلڻ گهرجي. جا دنيا انتهائي تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي.

ڪل پاڪستان تعليمي ڪانفرنس - ڪراچي

27 نومبر 1947ع

- اسڪائوٽنگ، اسان جي نوجوانن جي ڪردار جي تعمير ۾ تمام وڏو حصو وٺي سگهي ٿي. اسڪائوٽنگ، شاگردن جي ذهني ۽ روحاني ارتقا لاءِ معاون ٿي سگهي ٿي.

انهن کي منظم، مفيد ۽ سٺو شهري بنائي سگهي ٿي.

پاڪستاني اسڪائوٽن کي خطاب

22 ڊسمبر 1947ع

- اسان جنهن دنيا ۾ هن وقت زندگي گذاري رهيا آهيون، سا ڪنهن بہ ريت مڪمل ڇئي نہ ٿي سگهجي، تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ جي باوجود اڄ کلهہ جهنگ جو قانون رائج آهي. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" جي مصداق طاقتور ڪمزور مان ناجائز فائدي وٺڻ کان باز نہ ٿو رهي. پنهنجي ترقيءَ کي مقدم رکڻ، لالچ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جي هوس، نہ صرف افراد بلڪ اقوام عالم جي تمام افعال جي محرڪ آهي. جيڪڏهن اسان دنيا کي وڌيڪ محفوظ، پاڪيزه ۽ پر مسرت جڳهہ بنائڻ گهرون ٿا تہ پوءِ اسان کي پنهنجي اصلاح جو ڪم فردن کان شروع ڪرڻو پوندو. ٻاراڻي وهيءَ کان ئي فرد جي زندگيءَ ۾ اسڪائوٽ وارو ايثار، خدمت، قول، فعل ۽ خيال جي پاڪيزگيءَ وارو مسلڪ پيدا ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان جا نوجوان هر هڪ کي دوست رکڻ، هر هڪ

ڪي هر وقت خدمت ڪرڻ، ذاتي مفاد ڪي ٻين جي ڀلائيءَ تي ترجيح ڏيڻ جو سبق سکي وٺن ته پوءِ مون ڪي اميد آهي ته عالمگير اخوت اسان جي امڪان ۾ دسترس ۾ هوندي.

بواءِ اسڪائوٽس کي خطاب

22 ڊسمبر 1947ع

- منهنجا نوجوان دوستو، مان اوهان کي خبردار ڪرڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن اوهان ڪنهن سياسي جماعت جا آلہ ڪار ٿي ويئو ته پوءِ اها اوهان جي سڀ کان وڏي غلطي ٿيندي. ياد رکڻ گهرجي ته هڪ انقلابي تبديلي رونما ٿي چڪي آهي، هاڻي اسان جي پنهنجي حڪومت آهي.

اسان هاڻي هڪ آزاد ۽ خود مختار مملڪت جا مالڪ آهيون، هاڻي اسان کي آزاد ماڻهن وانگر پنهنجن معاملن جو پاڻ انتظام ڪرڻ گهرجي. اسان هاڻي ڪنهن ٻاهرين طاقت جي تسلط ۽ دٻاءَ ۾ ناهيون. اسان غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن.

منهنجا نوجوان دوستو، مان هاڻي اوهان کي پاڪستان جو حقيقي معمار سمجهي رهيو آهيان، اهو ڏسي رهيو آهيان ته اوهان پنهنجي ذميداريءَ کي ڪهڙيءَ ريت نباهي رهيا آهيو.

اوهان اهڙا مضبوط ٿي رهو، جو ڪو به اوهان کي گمراهہ ڪري نہ سگهي، ڪو به اوهان کي غلط طرح سان استعمال ڪري نہ سگهي، پنهنجين صفن ۾ مڪمل اتحاد ۽ استحڪام پيدا ڪيو، اوهان هڪ مثال قائم ڪيو ۽ ظاهر ڪري ڏيکاريو ته نوجوان ڇا ڇا نہ ڪري ٿا سگهن.

اوهان جو اصل ڪم ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ پنهنجي ذات سان وفا، پنهنجي والدين سان وفا، پنهنجي مملڪت سان وفا ۽ پنهنجي مطالعي تي ڪامل پروسو.

جلسہ عام ڍاڪا

21 مارچ 1948ع

- اوهان جي ڀلائي اوهان جي والدين جي ڀلائي، بلڪ ساري مملڪت جي ڀلائي ان ۾ آهي ته اوهان جو توجهه صرف علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ وقف هئڻ گهرجي. صرف ائين ڪرڻ سان اوهان پاڻ کي زندگيءَ جي جنگ لاءِ هٿيار بند ڪري سگهو ٿا. ان زندگيءَ جي جنگ لاءِ اوهان جي آڏو عنقريب اچڻ واري

آهي. صرف ان طريقي سان اوهان پنهنجي مملڪت لاءِ طاقت ۽ فخر جو سرچشمو ٿي سگهو ٿا. اوهان انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهو ٿا، جي هن مملڪت آڏو معاشرتي ۽ معاشي ميدان ۾ درپيش آهن. صرف ان صورت سان ئي اوهان دنيا جي هن قوم کي، عظيم ترين، طاقتور ۽ ترقي يافته بنائي ڪيس منزل مقصود تائين پهچائي سگهو ٿا.

جلسه تقسيم اسناد ڍاڪا يونيورسٽي

24 مارچ 1948ع

- پراڻي طرز تعليم ۽ طرز حڪومت جو بنيادي مقصد اهو هو ته پڙهيل ڪڙهيل ڪلارڪ پيدا ڪيا وڃن. ان ۾ شڪ ناهي ته ڪي ڪلارڪ تمام مٿي اڏري ويا ۽ هڪ بلند مقام حاصل ڪري ورتائون. پر اها ئي حقيقت آهي ته تعليم جو مقصد فقط ڪلارڪ پيدا ڪرڻ تائين ئي هو. سول سروس ۾ گهڻو ڪري انگريز ئي رهندا هئا. هندستاني ماڻهن کي تمام دير سان سول سروس ۾ اچڻ ڏنو ويو. بهرحال پورو اصول ۽ خيال اهو هو ته هڪ خاص قسم جي ذهنيت، هڪ نفسيات ۽ هڪ خاص ذهني ڪيفيت پيدا ڪئي وڃي.

هڪ عام ماڻهو جڏهن بي.اي يا ايم. اي پاس ڪري ٿو ته ڏهن رڳو ملازمت جي ڳولا ۾ سرگردان نظر اچي ٿو. جيڪڏهن ملازمت ملي ويس ته پوءِ هو سجهي ٿو ته ڇاڪاڻ ته ڪيس منزل ملي وئي. ان کان وڌيڪ بلندين جو تصور هو ڪري ئي نه ٿو سگهي. مان ڄاڻان ٿو ۽ اوهان به ڄاڻو ٿا ته ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. عام مشاهدو هي آهي ته ايم. اي پاس جي آمدني هڪ ٽيڪسي ڊرائيور کان به گهٽ ٿئي ٿي ۽ سرڪاري ملازمن مان تمام گهڻا نهايت پست زندگي گذارين ٿا ۽ انهن کان ڪافي حد تائين اهي خوش ٿا گذران ڪن جي ذاتي ادارن ۾ ملازمت ڪن ٿا.

مان چاهيان ٿو ته هاڻي اوهان ان پراڻي گندگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو، ۽ ان قسم جي ذهنيت کي دور ڪريو. هاڻي اوهان آزاد پاڪستان ۾ آهيو. حڪومت هزارها ماڻهن کي ملازمت ۾ وٺي نه ٿي سگهي. اهو ناممڪن آهي. بيو ته سرڪاري ملازمت جي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي مقابله بازي شروع ٿي وڃي ٿي. جنهن کان ڪن جو احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ لازمي امر آهي.

سرڪاري ملازمت ۾ ته چند ماڻهن جي ملازمت جي گنجائش رهي ٿي.

باقي جن کي ملازمت نہ ٿي ملي سگھي، اهي هميشہ ناڪاميءَ ۽ مايوسيءَ جي ڪري اهڙن ماڻهن جي ڏتن تي لڳي حڪومت جي خلاف نعره بازي ڪري پنهنجي غلط ۽ ناجائز مقصد حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

مان چاهيان ٿو تہ هاڻي اوهان جو توجهہ، اوهان جو ذهن، اوهان جا مقاصد، اوهان جون تمنائون ۽ انهن جو رخ ٻين رستن، ٻين ميدانن ۽ ٻين منزلن ڏينهن هئڻ گهرجي. اهي سڀ ميدان اوهان لاءِ کليل آهن، ان طرح رفتہ رفتہ ٻيا بہ ڪيئي ذريعا پيدا ٿي سگهن ٿا. هٿ جي ڪم ڪار ۽ محنت ڪرڻ ۾ بہ ڪو عار محسوس ڪرڻ نہ گهرجي. اسان وٽ ٽيڪنيڪل تعليم جي زبردست گنجائش آهي. ڇو تہ اسان کي ڪاريگرن ۽ هنرمندن جي سخت ضرورت آهي.

اوهان معاشيات، بئنڪ ڪاري، تجارت، رموز ڪاروبار ۽ قانون وغيره جي تعليم حاصل ڪري سگهو ٿا، جن سان ڪيئي ترقيءَ جا رستا کلي سگهن ٿا. اوهان ڏسي رهيا آهيو تہ نيون صنعتون کلي رهيون آهن. ڪارخانا قائم ٿي رهيا آهن. نوان تجارتي ادارا غور هيٺ آهن. اهي اوهان جي اڳيان کليل ميدان آهن، جي نين منزلن کي حاصل ڪرڻ جا ذريعا بڻجي سگهن ٿا. انهن متعلق غور ڪرڻ گهرجي، انهن ڏانهن توجهہ ڪرڻ گهرجي، مان اوهان کي يقين ڏيارڻ ٿو گهران تہ اوهان انهن ميدانن ۾ سرڪاري ملازمت کان وڌيڪ خوش گذاري سگهندا. وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهندا. آخر سرڪاري ملازمت ۾ رکيو ڇا آهي؟ صبح شام تائين ڪلارڪي ذهنيت ۾ رهڻ ۽ انتهائي تڪليف وارين حالتن ۾ گذارڻ.

جيڪڏهن اوهان تجارت، ڪاروبار ۽ صنعت وحرفت جي راهہ تي هلندا، تہ پوءِ يقيناً اوهان گهڻو خوش گذاريندا، نہ صرف خوش پر خوشحال پڻ. ان کان سواءِ خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جا ڪيئي موقعا بہ اوهان لاءِ منتظر رهندا.

ان مان صرف اوهان کي ئي فائدو نہ پهچندو، بلڪ پوري ملڪ کي بہ فائدو پهچندو.

جلسہ تقسيم اسناد - ڍاڪا

24 مارچ 1948

- پاڪستان حاصل ڪرڻ واري جدوجهد جي دؤر ۾ اسان غير ملڪي حڪومت تي نڪتہ چيني ڪندا هئاسون. تان تہ ان جي جاءِ تي اسان پنهنجي

مرضيءَ سان حڪومت قائم ڪري سگهون. ان دؤر ۾ اسان ڏاڍيون قربانيون ڏنيون، جن مان هڪ هيءَ آهي تہ اسان جي نوجوانن جي تعليمي زندگي تباهہ ٿي وئي. پر مان اهو بہ چوندس تہ اوهان پنهنجي بلند مقام تي شاندار طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

هاڻي اوهان پنهنجو نصب العين حاصل ڪري چڪا آهيو. اوهان جي پنهنجي حڪومت آهي، اوهان جو پنهنجي ملڪ آهي، جنهن ۾ اوهان آزاد ۽ عزت ڀريئي انداز سان رهو ٿا. تہ پوءِ سياسي، معاشرتي ۽ معاشي مسئلن لاءِ اوهان جي نقطہ نظر ۾ بہ تبديلي اچڻ گهرجي. اوهان جون ذميداريون بہ بدلجڻ گهرجن. هاڻي اوهان جا فرائض هي هئڻ گهرجن: نظم ۽ ضبط جو احساس، عمدو ڪردار، حقيقي عمل ڏانهن ترغيب ڏيندڙ تعليم. اوهان کي گهرجي تہ پاڻ کي پوري دل ۽ دماغ سان مطالعي لاءِ وقف ڪريو ڇا لاءِ تہ اها اوهان جي پهرين ذميداري آهي، پاڻ ڏانهن والدين ڏانهن ۽ پنهنجي مملڪت ڏانهن. اوهان کي پاڻ ۾ حڪم مڃڻ جي عادت ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ اوهان ان ئي طريقي سان حڪم ڏيڻ سکي سگهو ٿا.

اسلاميہ ڪاليج - پشاور

12 اپريل 1948ع

- منهنجا نوجوان دوستو، هاڻي اوهان کي هن ضروري بنيادي تبديليءَ جو احساس هئڻ گهرجي، جا هن خطي ۾ تازو پيدا ٿي چڪي آهي، اوهان پاڻ کي محض سرڪاري ملازم بنجڻ واري خول ۾ محدود نہ ڪريو. جيئن اڄ تائين سڀ ڪنهن اها تمنا پئي رکي. هاڻي نوان ميدان، نوان رستا ۽ نيون منزلون اوهان جي نگاهہ شوق لاءِ انتظار ۾ آهن.

سائنس، تجارت، بئنڪ، ويمي، صنعت وحرفت ۽ فني تعليم جا شعبا، اوهان جي توجهہ ۽ تلاش لاءِ محتاج آهن.

اسلاميہ ڪاليج - پشاور

12 اپريل 1948ع

- اسان جي ڪاليجن جو مقصد هي هئڻ گهرجي تہ ذراعت، حيوانات، انجنئري، ڊاڪٽري، ۽ ٻين خصوصي فنن ۾ اول درجي جا ماهر پيدا ڪيون. صرف ان طريقي سان ئي اسان انهن مسئلن جو ڪو مفيد حل پيدا ڪري

سگهنداسون، جي عام ماڻهو جي معيار زندگيءَ کي بلند ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان جي اڳيان اچي رهيا آهن.

ايڊرورڊ ڪاليج - پشاور

18 اپريل 1948ع

- زندگي جي هر شعبي ۾ اسان جي ڪاميابيءَ جو دارومدار صحيح ۽ ترقي پسند ذهني ترتيب تي آهي. اوهان لاءِ منهنجو پيغام اهو آهي تہ جسماني قوت پيدا ڪرڻ جي خاطر، تان تہ اوهان ساري عمر تائين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هميشہ لاءِ امن امان، بين الاقوامي خيرانديشيءَ ۽ محبت جو سرچشمو بڻيا رهو.

ڪل پاڪستان اولمپڪ راندين جي موقعي تي خطاب

23 اپريل1948ع

# عورتن کي خطاب

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اڄ ڪلهہ مسلمان عورتن ۾ بہ انقلابي تبديلي اچي وئي آهي. اها تبديلي ڏاڍي اهميت واري آهي.

دنيا ۾ ڪا بہ قوم ان وقت تائين ڪا بہ ترقي ڪري نہ ٿي سگهي جيستائين ان قوم جي مردن سان گڏ عورتون بہ اڳتي نہ وڌن.

مسلم ڪنوينشن دهلي

17 اپريل 1946ع

- اوهان وٽ ان ڪان بہ وڏيڪ اهم ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي، اها ڪنجي آهي، اوهان جو ايندڙ نسل، اوهان پنهنجي ٻارن جي اهڙي تہ چڱي تربيت ڪريو، جو هو پاڪستان جي لاءِ قابل فخر شهري ۽ بهترين سپاهي بڻجي سگهن.

اوهان پاڪستان لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن، ان پاڪستان لاءِ جنهن کي اڄ سڄي دنيا هڪ مسلمہ حقيقت سمجهي تسليم ڪري چڪي آهي. بس هڪ قدم اڃا اڳتي وڌائڻو آهي، اهو وقت پري ناهي جڏهن سڄي دنيا جون قومون پاڪستان جي تعريف ۽ توصيف ڪنديون رهنديون.

مسلم ليگ جي شعبہ خواتين کي خطاب - ڪراچي

6 فيبروري 1948ع

- قوم جي تعمير ۽ ان جي استحڪام واري ڏکئي ڪم جي سلسلي ۾ عورتن کي نهايت اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. عورتون قوم جي نوجوانن جي ڪردار جون معمار ٿين ٿيون، جن جي مملڪت جي نظام ۾ اهم حيثيت رهي ٿي.

مان چڱيءَ طرح سان ڄاڻان ٿو تہ پاڪستان جي حاصل ڪرڻ واري ڏکي جدوجهد ۾ مسلمان عورتن پنهنجن مردن جي پويان واري صف ۾ فولاد وانگر قائم رهيون.

تعمير پاڪستان جي ان ڪان بہ سخت ۽ اهم جدوجهد ۾ جا اسان جي اڳيان آهي، اهو نہ چيو وڃي تہ پاڪستان جون عورتون پوئتي رهجي ويون يا پنهنجي فرض ادائيءَ کان قاصر ۽ عاجز رهجي ويون.

ريڊيو پاڪستان - ڍاڪا - 28 مارچ 1948ع